
توُن سِنڌ ۾ رهي پٽ



ناکر چاولا

فهرست

Name of Book : **TUN SIND ME RAHI PAU**

(Travelogue)

Year : 2001 Price : Rs 60/-

Writen by : **THAKUR CHAWLA**
Phones : (R) 4458588, (O) 4455556
Fax : 91-22-4462658
e-mail : thakurchawla@hotmail.com.
Address: 13-B/3, Jethi Bahen Society,
Mori Road, Mahim- Mumbai- 16.

Published by: **AMRITA ANAND PUBLICATION**
14-B/7, Jethi Bahen Society,
Mori Road, Mahim- Mumbai- 16.
Tel.: 4464134 - 446 5972

Printed at : **ART SPOT**
212, Allied Industrial Estate,
Mahim, Mumbai- 16

ساعتن جو سفر

اسين سڀ زندگي مسلسل سفر ۾ تارهون. ڪنهن وٽ اهو سفر اندر کان ٻاهر طرف هوندو آهي تہ ڪنهن وٽ ٻاهر کان اندر طرف جاري رهندو آهي، اهو اوس آهي تہ انهن مان ڪو ڪو سفر، بقول امر جليل انگريزيءَ وارو 'Suffer' ئي ثابت ٿيندو آهي.

اجهاڳ سفر تہ هيون سانگ، ڪولمبس، مارڪوپولو، ابن بطوطہ ۽ بين وِجوءِ جهڙن پيشيورانہ سيلانين پڻ ڪيا هئا، ۽ پنهنجي ملڪ موٽي پنهنجي سفر جا دلچسپ داستان پنهنجن سفرنامن ۾ قلمبند ڪيا هئا پر انهن وٽ پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ان جي مٽيءَ جي خوشبوءِ سان معطر ڪندڙ احساس ۽ جذبا نہ هئا. انهن پيشور سيلانين جو 'سفر مدام سفر' پنهنجي وَ انا جي تسڪين ۽ دنيا جون حيرت انگيز جڳهيون ۽ قدرت جا ڪرشما ڏسڻ هئو. چون ٿا تہ مارڪو پولو جڏهن پنهنجي ملڪ موٽي اتان جي ماڻهن کي پنهنجي سفر جا دلچسپ داستان ٻڌايا تہ ماڻهن هن کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو 'ڪوڙو' ڪري ڪوٺيو. حقيقت ۾ هن بہ ڪيترائي ڪوڙ ۽ سچ ملائي ڪيئي ڪهاڻيون گهڙيون هيون. سانگ سان هندوستان جي سفر دوران رڳو هڪ ئي ڦُر جو واقعو پيش آيو هئو ۽ هن پنهنجي سفرنامي ۾ سڄي هندستان کي ڌاڙيلن ۽ ڦورن جو ملڪ ڪري سڏيو. اِبن بطوّط ٻاويهن جُلدن ۾ پنهنجا سفرناما قلمبند ڪيا آهن، جيڪي رڳو سفرناما نہ، بلڪ سندس سفر وارن ملڪن جي سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي تاريخ آهن. هو سورهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي ملڪ موراڪو مان هڪ خچر تي چڙهي نڪتو هئو ۽ جڏهن پنهنجي ملڪ موٽيو تہ هن جي عمر ايڪهٺ سال هئي. اُنهن پنجيتاليهن سالن جي سفر ۾ هن پنجيتاليهہ هزار ميل، گهوڙن، گڏهن، خچرن، اٺن تي ۽ پيرين پيادو لتاڙيا. هن هندوستان ۾ بہ ڪيئي سال خئبر کان راس ڪماريءَ

مون وٽان ٻه لفظ

منهنجي پهرين ڪتاب ’شاديءَ جي پهرين رات‘، لڳ ڀڳ سين پاڻڪن، اديب دوستن ڪي منجهائي ڇڏيو هو، ان لاءِ جو ان ڪتاب جو نالو ئي شايد اهڙو هو، جيتوڻيڪ ان ڪتاب ۾ سچ، سچ وانگر ئي ظاهر ڪيل هو پر ٻاهران ڪنهن ڪجهه لکڻ پهرين نٿي چاهيو پر پوءِ جڏهن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ڇپيو، تڏهن سين وٽان رايا اچڻ شروع ٿي ويا.

مون ٻئي ڪتاب، جنهن جو نالو ’شاديءَ جي ٻين رات‘ رکڻ ٿي چاهيو، ڇا لاءِ ته پهرين ڪهاڻين جي ڪتاب ۾ هڪ ڪهاڻي هئي، جنهنجو سرو هو ’شاديءَ جي پهرين رات‘ ۽ اڪثر، ڪهاڻين جي ڪتاب مان ڪنهن ٻه هڪ ڪهاڻيءَ جو سرو، ڪتاب جو نالو ڪري رکي ٿو سگهجي ۽ ساڳي حقيقت جي اوٽ وٺي، مون ٻئي ڪتاب جو نالو، پنهنجي مرضي موجب نه رکيو ۽ ان ڪتاب کي ’اڄ جون ڪهاڻيون‘ نالو ڏئي ظاهر ڪيو، ان جي دل کولي آدر ٿيو.

هي ٽيون ڪتاب سنڌ جو سفرنامو، اوهان اڳيان حاضر آهي ۽ ان کي ڪيئن ٿو قبوليو وڃي، ان جو انتظار رهندو.

چوٿون ڪهاڻين جو ڪتاب، جيڪو ٢٠٠٢ ۾ نڪرندو، ان جو نالو هئڻ کپي ’شاديءَ جي ٽين رات‘ ڇا لاءِ ته ان سري سان ئي هڪ ڪهاڻي ان ڪتاب ۾ هوندي. منهنجي ڪهاڻين جا ڪردار حساس رکندڙ دل جا حاڪم هوندا آهن ۽ جيئرا جاڳندا، اوهان جي آس پاس ۾ ئي ملي سگهندا.

ناڪر چاولا

نما شخص جي عشق ۾ گرفتار ٿيڻ تي لڳي.

اهڙيون بددیانتداريون اسانجي هند- سنڌ جي سنڌي اديبن جي سوچ کي به ڇُهي نه سگهنديون. ٻنهي پاسي جي سنڌي ساهتڪارن پوري نيڪ نيتي ۽ جذبي جي صداقت سان ئي هند- سنڌ جا سفرناما لکيا آهن. سنڌ جي آبرودار اديبه ماهتاب محبوب ۽ نامور شاعر تاجل بيوس به پيرا هندستان جو دَورو ڪيو آهي ۽ هنن سنڌ موٽي جيڪي سفرناما ۽ هتان جي ادبي شخصيتن بابت پنهنجا تاثرات قلمبند ڪيا آهن، انهن کي ورائي ورائي پڙهندي دل ۽ دماغ سرهاڻ سان واسجي ٿو وڃي. هي ادب جا عطار نه آهن، خود عطر آهن، جيڪو ڪنهن عطر فروش جي سفارش جو محتاج ناهي. بدقسمتيءَ سان اسانجي سنڌي ساهتيه جي ابن بطوطہ الطاف شيخ ڪڏهن هتانجو پيرو نه پريو آهي ۽ ائين اسين هڪ جاذب ۽ سهڻي سفرنامي کان محروم رهجي ويا آهيون.

اِنهيءَ پسِمنظر ۾ سنڌيءَ جي معتبر ليکڪ ۽ هڪ معياري ادبي رسالي جي ايڊيٽر ٺاڪر چاولا جو سنڌ جو سفرنامو پڙهڻ سان مٿي پيش ڪيل رايي جي تصديق ٿئي ٿي. هي سٽون لکندي مون کي ڄاڻ نه آهي ته ٺاڪر چاولا پنهنجي هن سفرنامي کي ڪهڙو سرو ڏيندو پر اهو جيڪو به هوندو، هن جي سنڌ جي سفر جي هر پل جو پرلاءُ هوندو. سفرنامي جي شروعات ئي هڪ اهڙي صادق جذبي سان ٿئيٿي جو هڪ سپٽئي ليکڪ جي من جي سوچ جا سلسلا هن جي پهرينءَ سٽ سان ئي جُڙڻ ٿا لڳن. 'ڪراچيءَ ڏانهن' نهاريندي ٺاڪر چئي ٿو:-

'سالن کان اها اندر ۾ دبيل تمنا هئي ته پنهنجي وطن سنڌ وڃان ۽ پنهنجي جاءِ ۽ ڳوٺ واري حويلي به ڏسان ۽ انهن گهٽين ۽ رستن تان وري لنگهان، جن تي پنڌ ڪندي ڪندي مان اٺي سترهن سالن جو ٿي ويو هوس. ۽ مون وٽڻ به ائين ٿي چاهيو. ايئرپورٽ تي ڪجهه موٽرون وٺڻ اچن،

تائين شهر، بستيون ۽ جهر جهنگ جهاڳيا. چين ۽ تبيت جي سفرن دوران تہ هن الائي ڇا ڪيو پر هن جي بيان موجب هن رڳو هندوستان ۾ ئي ٻاهٺ شاديون ڪيون ۽ ان ڪانسواءِ يڪئي داشتائون ۽ ڪنيزون هن کي راجائن ۽ جاگيردارن وٽان تحفي طور مليون هيون. خبر ناهي تہ موراڪو جو اِهو عرب پنهنجي پويان پنهنجو ڪيترو ناجائز اولاد ۽ حرامي نسل ڇڏي ويو هوندو؟

سنڌيءَ ۾ سفرناما تمام گهٽ لکيا ويا آهن پر انهن ۾ جيڪي بہ لکيا ويا آهن اهي اڪثر ايمانداريءَ ۽ اشرافت سان لکيا ويا آهن. ان جي برعڪس اسان جي ويجهين ٻولين اردو ۽ هنديءَ ۾ لکيل اڪثر سفرنامن ۾ تمام گهڻي مبالغ آرائي ۽ لکندڙ جي تصور ۽ تخيل جو وڏو دخل پئي رهيو آهي. (هتان جي ٻين علاقائي ٻولين ۾ سفرنامن جي روايت نہ جهڙي ئي رهي آهي، بلڪ ان صنف کي ادب جي شاخ ۾ ئي شمار نٿو ڪيو وڃي.)

پاڪستان جي مشهور مهاجر اردو اديب ۽ شاعر جميل الدين عالي، جنهنجو آبائي وطن دهلي آهي، ان پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو آهي: ’دهلي هوائي اڏي تي پير رکندي ئي منهنجي ذهن ۾ اِها ڳالھ ايري تہ ڇا هيءُ اهوئي شهر آهي جتي منهنجي ملڪ خلاف سازشون سٽيون وينديون آهن؟‘ پنهنجي جنم واري شهر ۾ سالن بعد پهچڻ تي من ۾ اهڙو ملامتي سوچ اسانجي سنڌي ليکڪن جو وڙ ناهي. اسين تہ پنهنجيءَ سنڌ جي پوتر ڌرتيءَ تي پير ڌريندي ئي ان جي مٽي مٿي تي لائيندا آهيون. هڪ ٻئي پنجابي اردو اخبار نويس عطا الحق قاسميءَ لاهور پهچي پنهنجي قسطيوار سفرنامي ۾، باوجود هن ملڪ ۾ عزت ۽ مرحبا ملڻ جي، سڄي هندوستان کي هڪ بالاخانو ۽ شراب خانو ڪري پيش ڪيو آهي ۽ اهو تاثر ڏنو آهي تہ هندوستان جي هر ٻين حسين عورت هن هيجڙي

ليڪ موهن ڪلپنا چاليهہ سال سنڌ وڃڻ لاءِ تڙڦندو رهيو ۽ نيٺ هن کي سرڳ جي ويزا تہ ملي ويئي پر پنهنجيءَ سنڌ وڃڻ جي ويزا نہ ملي.

اسان مٿان مڙهيل قانوني لعنتن جو ڏکوئيندڙ ذڪر ڪندي ٺاڪر لکيٿو: 'مون کي ياد آهي جڏهن ڪراچيءَ مان شيخ اياز صاحب آيو هئو. ڪيس چوويهن ڪلاڪن جي اندر ممبئيءَ ۾ پوليس سي.آءِ.ڊي. آفيس ۾ وڃي وڃڻو پيو هئو. هيڏو وڏو سنڌ جو شاعر اتي ورانڊي ۾ بينچ تي ٻين ڪيترن سان ئي گڏ وينو هئو. چاهيندي بہ ڪجهہ نہ پيا ڪري سگهون، سواءِ تيسين انتظار جي جڏهن اندر نالو ڪنيو وڃي. شيخ اياز کي خراب لڳو ئي هوندو. پر هنڪان وڌيڪ مونکي، اهڙي ويڏن ٻنهي پاسي آهي، سنڌ جي آيل دوستن سان اهڙو وهنوار هت ٿو ڪيو وڃي ۽ هند مان ويندڙن جو اتي سنڌ ۾.'

اهڙيون ذلالتون رڳو اسان سنڌين سان ئي ڇو آهن؟ شايد محروميءَ جي ان احساس ٻين لڏي آيل قومن جي ڀيٽ ۾ اسان سنڌين ۾ ساڻيهہ جي سڪ جو جذبو وڌيڪ شدت سان اُڀاريو آهي. نهايت ارمان جي ڳالهہ آهي جو سنڌ جي هڪ خود ساختہ اديب جناب ڪريم بخش خالد ڪٿي چيو آهي 'هي لڏي ويل هندو پنهنجيءَ سنڌ لاءِ نٿا روئن پر پنهنجين زمينن ۽ جائدادن کي ياد ڪندي ٿا روئن.' ۽ ٺاڪر چاولا جو هي سنڌ جو سفرنامو جناب ڪريم بخش خالد جهڙن شخصن جي اهڙي سوچ کي بنهہ نفي ۽ رد ٿو ڪري.

اسان مان جيڪي چاهيندي بہ بدقسمتيءَ سان سنڌ نہ وڃي سگهيا آهن، اهي هي سفرنامو پڙهندي سڀ اگر نہ، تہ اڌ سنڌ اوس ڏسي سگهندا ۽ باقي اڌ ڏسڻ جو جذبو انهن ۾ وڌيڪ ۽ وڌيڪ ئي پئدا ٿيندو ويندو. اهو ضرور آهي جو اسانمان هرڪو پارو ۽ ٺاڪر چاولا جهڙو خوشقسمت نہ آهي جو هن کي سخي سائين، سچل سرمست جي درگاهہ جي سجاده نشين جهڙو

ڪنهن اهڙي شخص جي ڪوٽ هجي جو اتي هلنديءَ وارو هجي.

پنهنجيون پنهنجيون مستيءَ ۾ موج واريون اهي جايون ڏسي ياد ڪريان، جن جا ڪي پل اڃان ذهن ۾ ائين ديرو ڄمايو ويٺا آهن ڄڻ ماڪيءَ جون مکيون ماناڙي تي چنبڙيون پيون هجن.

انهن تورين سٽن ۾ ناڪر گهڻو ڪجهه چئي ويو آهي. انهن ۾ خواهشون آهن، جذبا آهن، ساٿيءَ جي سڪ آهي، تڙپ آهي، وڇوڙي جو درد آهي، هڪ پرندي جي اڏام آهي ۽ گڏوگڏ توري گهڻي سهوليت پسندي پڻ آهي.

سڄو سفرنامو هڪ ئي ويهڪ ۾ پڙهندي سنڌ جا سڀ منظر هڪ وسيع منظرنامو بڻجي تا وڃن ۽ دل چاهي ٿي تہ هيءَ تار ڪٽي بہ نہ ڇڄي ۽ هڪ سان ٻين ۽ ٻينءَ سان ٽين- ائين تار سان تار جُڙندي رهي.

ائين برابر آهي تہ ناڪر چاولا جو هي صاف سٿرو لکيل سفرنامو پڙهندڙن کان ڪي ڇرڪ نہ پرائيندو پر اهو آهستي آهستي پنهنجو پاڻ ۾ باب در باب کلندو ويندو ۽ پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏوگڏ سفر ڪرائيندو. ائين جئن اسانجي زندگيءَ ۾ ڪي اهڙا رشتا جڙندا آهن، جيڪي اسان سان گڏوگڏ هلندا آهن.

اها اسانجي ئي سنڌي قوم جي بدقسمتي آهي جو اسين سڄيءَ دنيا ۾ تہ ڪٽي بہ اچي وڃي سگهون تا پر پنهنجي وطن نٿا وڃي سگهون. ان جي برعڪس ٻين ورهائجي ويل ٻولين اردو ۽ پنجابيءَ جي اديبن ۽ عوام جا تہ هڪ ٻئي وٽ لڏن جا لڏا لهندا تا رهن. بينگالي تہ شايد بنا ويزائن جي ئي پيا هڪ ٻئي وٽ اچ وڃ ڪندا رهندا آهن ۽ اسان جي سنڌي ساهتڪار ناڪر چاولا کي ٻن هفتن جي ويزا وٺڻ لاءِ اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصو انتظار ڪرڻو پيو آهي.

ٻاروتڻ جي معصوم محبت، جوان ٿي دل ۾ ڪيترائي امنگ ۽ اميدون پالي ٿي، الله رکيءَ جو ڪردار ان جي علامت بڻجي اڀريو آهي ۽ اهو ڪردار ڪنهن ڪهاڻيءَ يا ناول جو ناهي پر هڪ ساهه کڻندڙ جيئرو جاڳندو اِنسان آهي جيڪو آس ۽ نراس وچ ۾ ان احساس سان جي رهيو آهي ته هن پيار ۾ رڳو هڪ تون ئي منهنجو آهين، باقي ٻيو سڀڪجهه تنهنجو ئي آهي.

۽ ان جي برعڪس ليکڪ پنهنجي پيار کي ڇڏي باقي ٻيو سڀڪجهه ڪنيو آهي. گهر، ڪٽنب، اولاد، ٺانئينڪي ۽ آرام واري زندگي.

الله رکيءَ جو محڪم ۽ مضبوط ڪردار، ليکڪ جي پنهنجي ڪمزوريءَ کي وائکو ته ڪري ٿو پر ڪٿي ڪيرائي نٿو، جو ليکڪ پاڻ ئي پوري ديانتداري ۽ سچائيءَ سان پنهنجيءَ ڪانئرتا ۽ بي جگريءَ جو اعتراف ڪيو آهي.

- ’الله رکي؟ - اڙي، تون منهنجو ٺاڪر آهين ڇا؟ بدن ڪنبڻ لڳو. دل کي ڌوڏو اچي ويو. زبان مان ڪجهه ڳالهائڻ لاءِ نٿي اُڪليو. هن مونکي سڃاڻي ورتو. هٿ پڪڙي گهر اندر وٺي آئي. ٽانگي وارو وات ڦاڙي نهاري رهيو هئو. گهر جي چوطرف نهاري، اتي ٻيو ڪير آهي، جائزو وٺي رهيو هوس. هوءَ منهنجي دپ کي سمجهي ويئي ۽ پاڻيهي چيائين: گهر ۾ ڪوبه ڪونهي. هڪ هڪ ٿي سڀ رب وٽ پهچي ويا. لڳي ٿو مان به تنهنجي انتظار ۾ زنده رهي آهيان. تون مون کي هتي ڇڏي ڇو وئين؟ ۽ جي وئين ته واپس مون وٽ ڇو نه آئين؟‘

هي ڪو فڪشن ناهي. تصوري يا تخليقي افسانو يا اکرن جي اُٿل ناهي. اکين آڏو هڪ جيئري جاڳندي مظلوم الله رکي آهي. جيڪا ليکڪ کي چئي رهي آهي. ’ننڍپڻ ته توسان گذاريم. جڏهن جواني ماڻي هئي، توکي ورهاڱي مونکان جدا

ڪوٽ ڏيندڙ ۽ قرب ڏيندڙ ميزبان مليا.

’درازن ۾ پهريون ڏينهن‘ واري باب ۾ تاڪر پهرين ئي سٽ ۾ ئي جذباتي ٿي ويو آهي:

’سنڌ جي مٽيءَ ۾، پاڻيءَ ۾ اهڙو ڪجهه آهي جو سنڌ مان موٽندي اٽڪل اٺ مهنا گذري ويا آهن پر ان هوندي به اتي جون يادگيريون ذهن ۾ هليون ٿيون اچن.‘ ۽ اڳتي هلي- ’اڌ صدي گذرڻ ڪانپوءِ جڏهن پهريون ڀيرو پنهنجي وطن جي مٽيءَ کي ڇهڻ جو موقعو مليو ته ماڳهين ان سچل سرمست جي درگاهه جي گادي نشين جا مهمان ٿي وياسين.‘

منهنجي ماءُ به راڻيپور درازن جي آهي ۽ هوءَ جڏهن اسانکي ننڍي هوندي راڻيپور جي حاجناشاهه جي درگاهه ۽ درازن ۾ سچل سرمست جي درگاهه جي ميلن ۽ فقيرن جي المستي ۽ محفلن جون پريل اکين سان ڳالهيون ٻڌائيندي هئي ته اسين بار هن جي چوڌاري ميڙاڪو ڪري ڏاڍي شوق سان پنهنجيءَ ماءُ جون وٽندڙ ڳالهيون ٻڌندا هئاسين. هن سفرنامي ۾ تاڪر چاولا منهنجيءَ ماءُ واريون ڳالهيون دهرائي جڻ اسانجي واتي ويٽي (ووڪل) ٻڌايل ساهت کي ڪتاب جي پنن ۾ محفوظ ڪيو آهي. منهنجيءَ ماءُ مون کي اِهو به ٻڌايو هئو ته هن جي ۽ تاڪر جي راڻيپور ۾ هندو ڇوڪريون به شاديءَ کان اڳ وَنواهه ۾ ويهڻ بعد سڀ کان پهرين حاجنا شاهه پيرِ جي درگاهه تي وڃي مٿو ٽوئنديون هيون. تاڪر چاولا جي به جي راڻيپور ۾ شادي ٿي هجي ها ته اهڙيءَ مذهبي رواداريءَ واري رسم جو پنهنجي سفرنامي ۾ اوس ذڪر ڪري ها. پر تاڪر جي راڻيپور جي الله رکيءَ سان شادي نه ٿي سگهي ۽ نه ئي تاڪر الله رکيءَ جي، نه اڳيئي ۽ نه هاڻي، اها التجا قبول ڪئي ته ’تون سنڌ ۾ رهي پئه.‘

’تون سنڌ ۾ رهي پئه.‘ تاڪر چاولا جي ننڍن ننڍن بابن ۾ ورهايل سفرنامي جو سڀ کان جاذب ۽ دل ڇهندڙ باب آهي.

”اڄ جون ڪهاڻيون“ بابت ڪجهہ رايا

★ تنهنجي موڪليل سڪ ۽ صدق ڀري سوکڙي ’اڄ جون ڪهاڻيون‘ ڪتابي صورت ۾ ملي. اڳ جيان تنهنجي هنن ڪهاڻين ۾ بہ زندگيءَ جي سچائي صاف نظر آچي ٿي. سوليءَ ٻوليءَ ۾ اهڙيون ڪهاڻيون ڏاڍيون دلچسپ آهن. نہ رڳو لکڻي مزيدار آهي پر ڀاشا بہ سولي ۽ سلوڻي آهي جنهن ڪري ڪهاڻين جا واقعا بلڪل صاف ۽ سڌا ٿي ٿا ٻهن. هرڪا ڪهاڻي پنهنجو پاڻ ۾ پوري آهي. ڇوٽي ڪهاڻيءَ جي فن کي تو سٺيءَ طرح نڀايو آهي. ڪردارن جي گفتگو ۾ ساڄهہ آهي، سچائي آهي ۽ هر ڳالهہ جو هو ايمانداريءَ سان ورنن ڪن ٿا. مبارڪون سويڪار ڪج ۽ ان فن کي اڃان بہ تيز رکج. تنهنجو پنهنجو

- ڪمل پياسي

★ تو عشق ڪيو آ ۽ مون شادي ليکڪ ٺاڪر چاولا جي مني ڪهاڻي جڻ هڪ وڏي ناول جو نچوڙ آهي منهنجي ويچار ۾ هن هڪ ڪهاڻيءَ سان ٺاڪر چاولا اعليٰ ڪهاڻيڪارن جي شمار ۾ پهتو آهي.

نند هندوجا

★ پيارا ٺاڪر

تنهنجين ڪهاڻين (مني/ ننڍين/ ڪهاڻين) جو ڪتاب ’اڄ جون ڪهاڻيون‘) ڪالهہ مليو. عادت موجب پهرين مهاڳ، پوءِ رايا ۽ پوءِ ڪهاڻيون چئنراءِ جو بنگلو، پاڪستان کان آخرين ٽرين، پنهنجيون پنهنجيون ڳنڙيون، سيني کي پنهنجي پنهنجي ڪُل ٢٦ پيج پڙهيم تہ اکيون ٽڪجي پيون. سچ تہ تنهنجيون ڪهاڻيون اينتريون تہ حقيقي ۽ دل کي ڇهندڙ ۽ پاڻڪ جي جيون جو حصو بڻجي ويندڙ آهن جو ڪتاب پوري ڪرڻ ڪانسواءِ پاڻ کي ڪهاتي ۾ پيو سمجهندس. مون طرفان هئڙيون سٺيون، سليس ۽ بنا ڪنهن وَعظ يا لاڳ لپيٽ جي

ڪري ڇڏيو. هاڻي ٻڌاپي ۾ - ’تون سنڌ ۾ رهي پئہ‘ مان تنهنجي شيوا ڪري زندگي گذارڻ ٿي چاهيان.-‘

اها الله رکي آهي. هڪ برجستہ ۽ بلند ڪردار سنڌي سورمي آهي، جنهن جي اکين ۾ اڌ صديءَ جا اوجاڳا ۽ انتظار آهن. جنهن پنهنجي پهرئين پيار کي پوبون پيرو ڏسي پنهنجيون اکيون ازل کان ابد تائين ٻوٽي ڇڏيون آهن. هي زندگيءَ جا اتفاق ناهن پر قربتن جي قافلن جا پويان پڙاوَ آهن.

- ۽ هن جو محبوب بيوس بڻجي ان الله رکيءَ جي چهري کي چُمي، کيسي مان آندل ’ٿا‘ اڪريل هڪ هندي سندس ٻانهن ۾ پائي. هن جي قبر تي چاڙهڻ لاءِ گلن جي چادر موڪلي ۽ ائين نڏيڻ جو پهريون پيار هميشه لاءِ وڃائي ٻيهر واپس هندستان پنهنجي گهر ٻار ۽ اطمينان واري زندگيءَ ڏانهن هڪ ياچوڪر جيان پهچي آيو آهي.

- ۽ هتي اچي پنهنجيءَ ڪانئرنا جي اعتراف طور هڪ ’سفرنامو‘ لکي ڦٽو ڪيو آهي.

جڻ پنهنجي ڏکندڙ قلم سان ناڪر چاولا الله رکيءَ جو ڪو وڏو قرض چُڪايو آهي!

لڇمڻ ڪومل

نئي دهلي

جڳمڳائيندي رهي ۽ تون سنڌي ادب جا ڳهڙا پريندو رهين. تون ٻين اديبن لاءِ به هڪ نئي راهه کهاڻي لکڻ جي ڏيکاري آهي. تون ڏسندي ته هاڻ گهيترا اديب تو وانگر لگهو کهاڻيون لکندا. اڄ جي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي دور گهيترو ادب کي نقصان رسايو آهي اهو پاڻ سڀئي ڄاڻون ٿا. تنهنجي لگهو کهاڻين پڙهڻ سان مغز کي ڪلابازيون ڪرائڻيون ڪونه ٿيون پون ۽ ادب جو مزو به وٺي ٿا سگهون.

- هوتو سنڌو پياسي

★ نرمل آتما- قربدار پيارا شري ٺاڪر چاولا- نمسڪار توهانجي موڪليل سوکڙي 'اڄ جون کهاڻيون' ملي آهي ڌنيواد.

هرهڪ منش جي جيون ۾ روزمڙه انيڪ طرح جون گهٽنائون گهٽجن ٿيون. جيڪي وچتر ۽ وسميه پريون هونديون ۽ اڄ ڪالهه ته منش جو جيون ئي اهڙي پرڪار جي گهٽنائن سان پرپور آهي.

هن 'اڄ جون کهاڻيون'، اندر پڻ اهڙيون حقيقي گهٽنائون آهن جن جو پڙهڻ سان اجوڪي سماجڪ جيون جو نقشو اُجاگر ٿئيٿو.

ڪي ته گهٽنائون پاٺڪن کي ساوڌان به ڪنديون ته جئن سنسار ۾ سنڀالي قدم کڻن.

سنڌي ساهتيه ۾ توهانجو قدم اڃان به اڳرو ٿئي جئن اڄڪلهه جي پاٺڪن جي چاهنا پوري ڪري سگهو.

- پائو هيمن (ڪنڊالا)

★ ادا، تنهنجو دلڪش ڪور سان 'اڄ جون کهاڻيون' ڪتاب به ڏينهن اڳ پهتو آهي. في الحال پهچ ڏيئي رهيو آهيان، رايو پڙهڻ بعد، پڙهڻ کان اڳ ايتري پڪ سان ضرور لکندس ته تنهنجي اڳئين کهاڻين جي ڪتاب 'شاديءَ جي پهرين رات' جيان هي کهاڻيون به دل، دماغ کي ڇهندي، اونهيون ٽٻيون ڏياريندين ۽ ڪجهه سوچڻ

ڪهاڻين لاءِ دلي واڌايون قبول ڪجو.

- سندر اگناڻي

★ پيارا ياءُ ناڪر چاولا،

’اڄ جون ڪهاڻيون‘ ڪتاب پهتو. واقعي اڄ جون ڪهاڻيون آهن. ڪي ٻُڌيون، ۽ ڪي تمام سٺيون ته ڪي گهٽ سٺيون پر آهن اڄ جون ڪهاڻيون. روزمرهه جي جيون ۾ اهڙا ڪردار نظر ايندا رهندا آهن.

- تارا ميرچنداڻي

★ پيارا ياءُ شري ناڪر چاولا اميد ته جوڙي مٺڙي سان باغ بهار هوندين. تنهنجي طرفان تنهنجي ادبي ڪاوش لکهو ڪهاڻين جو ڳٽڪو اڄ جون ڪهاڻيون پهتو آهي ياد لاءِ تهدل شڪرگذار ۽ منمور آهيان، دلبر ڪتاب پڙهي ڪجهه تاثرات پنهنجا لکي موڪلي رهيو آهيان، تنهنجي ڪهاڻين ۾ هڪ ڳالهه صاف صاف نظر ٿي اچي ته تون اڄ جي دور جي ماڻهوءَ جي نقلي چهري تان نقاب هٽائي ان جو اصلي روپ هنن ننڍين ڪهاڻين ۾ درشائي رهيو آهين. بلڪل بهتر نموني ۾- ڏاڍو سٺو ٿو لڳين، دلبر تنهنجي ۽ منهنجي سمجهه جي دشا هڪ ئي راهه تي هلي رهي آهي. تو زندگيءَ جا ٧٠ ستر سال پورا ڪيا آهن ۽ اِنساني من ۾ گهرائيءَ سان جهاتي پائي سڀ اصلي روپ ۾ ڏسي رهيو آهين. سچو ادب ان کي چئبو آهي. جيڪو ڏسي جيڪو محسوس ڪجي ان کي صرف سچ ۾ ڪلاتمڪ روپ ڏئي ماڻهن جي روبرو پيش ڪجي ۽ تون اهو ڪم ڪري رهيو آهين ادب ۾. تون وڏي پردي جو چتر ننڍي ٽي.وي پردي تي لکهو ڪهاڻين جي روپ ۾ ڏيکاري رهيو آهين. جيڪو پڙهڻ واري کي تز ۽ سندر نموني ۾ وڻي رهيو آهي. دلبر تون سچ جو پوڄاري آهين ۽ سچ جو درشن خود ڪري ٻين کي به سچ ڏيکاري رهيو آهين. بنان للي چپيءَ جي لکين پيو. ايشور ڪري اجان به تنهنجي قلم ۾ سچ جي جوت

ڪراچي ڏانهن...

سالن کان اها اندر ۾ ڊيل تمنا هئي ته پنهنجي وطن سنڌ وڃان، ۽ پنهنجي جاءِ ۽ ڳوٺ واري حويلي به ڏسان ۽ انهن گهٽين، رستن تان وري لنگهان، جن تي پنڌ ڪندي ڪندي مان اتي سترهن سالن جو ٿي ويو هوس، ۽ مون وڃڻ به ائين ٿي چاهيو، ايئرپورٽ تي ڪجهه موٽرون وٺڻ اچن، ڪنهن اهڙي شخص جي ڪوٺ هجي، جو اتي هلندي وارو هجي.

اهي پنهنجون پنهنجون مستيءَ ۽ موج واريون، اهي جايون ڏسي ياد ڪريان، جن جا ڪي پل اڃان ذهن ۾ ائين ديرو ڄمايو ويٺا آهن جڻ ماڪيءَ جون مکيون منارڙي تي چنبڙيون پيون هجن.

گذريل ڏهن سالن کان هر ٻئي ٽئين سال مان ويزا لاءِ درخواست وجهندو رهيس پر ويزا نه ملي. اڌ صديءَ جي انتظار کانپوءِ انهن يادگيرين کي جڏهن متائڻ چاهيم، اُڪريل لڪيرن کي جڏهن ميسارڻ جي ڪوشش پئي ڪيم، اچانڪ دوست موهن پنجابي جو شخصي خط، قاضي صاحب، جو پاڪستان جو هند ۾ ڪمشنر آهي، ڏانهن ملڻ سان، ويزا ملي وئي، سابه ڪنهن پوليس کي رپورٽ ڪانسواءِ، ان خط ۾ هن دوست لکيو هو ته هو مون کي ۽ پاروءَ کي گذريل اڌ صدي کان سڃاڻي ۽ سندس جڻ گهر جا ڀاتي آهيون ۽ کين پنهنجي وطن جون جايون، اسڪول، مندر ۽ درگاهه ڏسڻ جو موقعو ضرور ڏنو وڃي.

انهن دوستن جن کي هند ۾ اچڻ جي ڪيئن به ويزا ملي ويندي آهي پر پوليس کي رپورٽ ضرور ڪرڻي پوندي آهي، ساڳئي نموني جيڪي دوست هتان سنڌ وڃي سگهيا آهن ۽ کين اتي به ساڳئي نموني ٢٤ ڪلاڪن جي اندر هر شهر ۾ گهڙڻ سان ۽ اتان نڪرڻ تي پوليس اسٽيشن تي وڃي هر ڪنهن کي ايريا موجب رپورٽ ڪرڻي پوي ٿي، اها ضروري

لاءِ مجبور ڪنديون. اِن طرح جي ننڍين ڪهاڻين لکڻ جو ڏانءُ فقط ناڪر وٽ ئي آهي. ننڍيو پلاٽ پر ناول وانگر وسيع.

ادا، تنهنجو ڪتاب هٿ ۾ پائي، ڏاڍي خوشي ٿي آهي. منهنجون شڀ ڪامنائون

- هري همٿاڻي

★ ناڪر ڪراچيءَ جو سنگهي هوندي بہ حسد جي حد تائين رومانٽڪ آهي، ان ڪري پاڻ هن تي عاشق ٿيو پون. هن جي 'هٿ جون لڪيرون' پڙهي ڏسو.

- چترو ناگپال

★ ناڪر جي ڪن ڪهاڻين ۾ خوردبينيءَ جي عڪس جهڙي باريڪي، حساس جي گهرائي، من جي ڇيد جي پورڻتا، ڪلپنا جي اُڏام، دل ۾ اُتندڙ اُڌمن جو رنگين چٽر، شئليءَ جي نواڻ، وشيہ ۽ مرڪزي ويچار جو توازن مليٿو. هي اُهي ڪهاڻيون آهن جي سونهن ۽ محبت مرڪز تي ٻڌل آهن. جيئن تہ 'پاڪستان ڪان آخرين ترين'، 'واپس'، هٿن جون لڪيرون' ۽ 'پوءِ ڇا ٿيو' انهن ڪهاڻين ۾ لڳي ٿو ڪهاڻيڪار جو نج من ڳنڍيل آهي ۽ گهٽنائن جو ذڪر اهڙيءَ سوکيمتا سان ڪيل آهي جو پاڻ محسوس ڪريٿو. تہ اهڙيون گهٽنائون ڪهاڻيڪار جون ويجهڙائيءَ سان ڀوڳيل آهن. ڪهاڻي 'هٿن جون لڪيرون' ۾ ليکڪ پنهنجي ڪراچيءَ واري بلدنگ ناڪر نواس جو صاف بيان ڪيو آهي. اِنهن ڪهاڻين ۾ جتي جتي سونهن جو ذڪر آيو آهي اُتي ڪهاڻيڪار ڪليءَ دل سان سونهن جو خير مقدم ڪري اُن کي مکت ڪنت سان اُجاگر ڪيو آهي. لڳي ٿو ناڪر 'سونهن جو شيدائي' آهي. اِهي ڪهاڻيون اهڙي سچائي سان ٻڌايون وئيون آهن جڻ تہ ڪنهن 'آتم - ڪٿا' جو حصو آهن. هونءَ بہ چاولا جون سيئي ڪهاڻيون ضمير متڪلم ۾ نجي حقيقتن تي ٻڌل، يٿارت واد جي ويجهو، آتم ڪٿا جي طرز ۾، آدرش واد جي پڌرائيءَ ڪان پري، جيون جي عملي موضوعن تي ٻڌل آهن.

پدم راج شرما

جي ويزا ملي هئي، سنڌ وڃڻ جي موه ۾ اسان کان لاڙڪاڻو
۽ شڪارپور شهر ئي وسري ويا. هوند موئن جو دڙو ته ڏسي
سگهون ها ۽ ڳڌو ڳڌ ’هجيئي ناٿو ته ڳهم لاڙڪاڻو‘ وارو پهاڪو
به عمل ۾ اچي سگهي ها ۽ ’سامي‘ جنهن سارو ويدانت سلوڪن
۾ اوتيو آهي، هن جو شهر شڪارپور ضرور ڏسجي ها.

اسان کي ڪن دوستن چيو، ’هليا هلون، ايئرڪنڊيشن موٽر
جي درين جا گلاس، ائين ئي بند هوندا آهن‘ پر اسين قائدي
قانون کي مان ڏيڻ وارن مان آهيون، اسان ائين ڪرڻ کان
نابري واري.

جيتوڻيڪ مون کي ان ويل ئي منهنجي ياءُ ۽ يائٽي جيوت
۽ پونم جي ياد اچي وئي، جن کي ڪن همٿ وارن دوستن
ساري سنڌ بند موٽر ۾ گهمائي هئي.

ادي موهن پنجابيءَ ويزا وٺي ڏني ۽ ياءُ هيرو ٺڪر تڪليف
وٺي دهليءَ ۾ ويزا آفيس ۾ ويو ۽ ويزا وٺي ڪوريئر جي معرفت
گهر پهچائي.

بس پوءِ ته تاريخ مقرر ڪري سنڌ ۾ رهندڙ دوستن کي
اُتي وڃڻ جو احوال لکي موڪليو ۽ سخي سائين، سچل سرمست
جي درگاهه جي سجاده نشين جي ڪوٽ بابت پڻ ٻڌايو.

واپسيءَ ۾ ڪيترن جا ئي e-mail رستي احوال اچي ويا ۽
سنڌ وڃڻ جي همٿ وڌي. سخي سائين ته ماگهه درازن مان
ڪراچي اچي وٺي وڃڻ لاءِ احوال ڏنو مون کين فون تي ڪراچي
اچڻ لاءِ منع ڪئي، ايتري تڪليف، جيتوڻيڪ اندر ۾ اهڙي
لالچ من کي لالچائي به رهي هئي!

سخي سائينءَ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي متر شري جئرام ڳنگواڻي
وٽ رهڻ جو بندوبست ڪيو هو، ان ادي سان هڪ دفعو ممبئي
۾ منهنجي ياءُ جيوت جي گهر ۾ ملاقات ٿي هئي ۽ کيس
ماني کائي ’نماڻي نشان‘، باندرا ۾ ڇڏي آيا هئاسون. هن
سان ڪراچيءَ ۾ فون تي ڳالهايم، چيائين ’ڪوبه خيال نه

ريڪا سيني کي رڪٽي پوي ٿي.

مون کي ياد آهي، جڏهن ڪراچيءَ مان شيخ اياز صاحب آيو هو، ڪيس ۲۴ ڪلاڪن جي اندر ممبئي ۾ پوليس CI.D آفيس ۾ وڃي وڃڻو پيو هو. هيڏو وڏو سنڌ جو شاعر اُتي وراندي ۾ بينچ تي ٻين ڪيترن سان ئي گڏ ويٺو هو. چاهيندي به ڪجهه نه پيا ڪري سگهون، سواءِ اوسائين انتظار جي، جڏهن اندر نالو ڪنيو وڃي. شيخ اياز کي خراب لڳو ئي هوندو. پر هن ڪان وڌيڪ مون کي، اهڙي ويڌن ٻنهي پاسي آهي، سنڌ جي آيل دوستن سان اهو وهنوار هت تو ڪيو وڃي ۽ هند مان ويندڙن جو اُتي سنڌ ۾. درازن ۾ پهچڻ ۽ نڪرڻ جي رپورٽ خيرپور ۾ پوليس اسٽيشن تي ڪرڻي پوندي آهي.

اِها ساڳي تڪليف ڳايڪ ڪلاڪارن لاءِ به آهي پوءِ هنن سان اهو نند جويري يا ياءُ هري موتواڻي اسان جي پاران ان پوليس اسٽيشن تي وڃن.

ڪن ڪن کي الاجي ڪهڙي واقفيت سان ٿيو، پاسپورٽ جي ويزا واري صفحي Police reporting exemted مٿان لڳي تو ملي. اسان کي به اهڙي آزادي ملي هئي، جو ڪنهن به پوليس اسٽيشن تي وڃڻو نه پيو هو، جيتوڻيڪ اسان کي نه اتي پهچڻ جون سڀ سهوليتون به هيون پر آغا سليم، صاحب جڏهن ممبئي ۾ آيو هو، ۽ پوليس اسٽيشن تي، هنن جو وهنوار ڏسي، هن جي وات مان نڪري ويو هو ’جيڪر هت اچان ئي نه ها!‘

ويزا جن شهرن جي ملي ٿي، انهن ڪانسواءِ ڪيترا همت ڪري ٻين شهرن ۾ به هليا ويندا آهن، جيتوڻيڪ سندن سڄو ساهه مٺ ۾ هوندو آهي ڪپڙا بدلائي پائڻ سان به هروقت ڪين ائين لڳندو آهي، مٿان ڪو آفيسر پڇا ڪري ۽ اجايو تڪليف ۾ اچون.

اسان ڇئن شهرن جي ويزا گهري هئي، اسان کي اٺن شهرن

اندور مان شري ڪرشن ڪنواڻي ۽ دهليءَ مان شري مرليڌر جيٽلي ۽ ڪماري وينا شرنگي به وچي سگهيا هئا.

سوا ڪلاڪ جو انتظار وڏي وڏو ٿي ويو هو، اسان چاهيو ٿي ته جلد ۾ جلد ان ڪراچيءَ جي ڌرتيءَ تي پهچون ۽ اڌ صديءَ کان وڌيڪ انتظار کي شهه ڏئي ڇڏيون.

جڏهن ويزا ملي وئي هئي تڏهن مون ڪراچيءَ ۾ سائين تاجل بيوس، ادي سرڪي، ادي رکيل مورائي ۽ ادي فهميدا حسين کي ۽ حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر الانا، بزرگ ادي جويو صاحب ۽ اديءَ مهتاب محبوب کي پنهنجي سنڌ اچڻ بابت لکي موڪليو هو ۽ سڀن وٽان Fax يا E-mail معرفت جواب اچي چڪا هئا.

ڪراچيءَ ۾ وري تاجل بيوس گهر ۾ ڪمرو سينگاري رکيو هو ۽ ادي نورالدين سرڪيءَ به الڳ ڪمرو، پنهنجي بنگلي ۾ رکيو هو، هوڏانهن سخي سائينءَ جي مرضي موجب شري جئرام گنگواڻيءَ ڪلفٽن واري فليٽ ۾ الڳ ايئرڪنڊيشن ڪمرو چونڊيو هو.

حيدرآباد ۾ به ڊاڪٽر الانا، ادي ماهتاب محبوب ۽ محترم جويو صاحب لکي موڪليو ته اسان لاءِ هنن الڳ الڳ گهر ۾ ڪمرا رکي ڇڏيا آهن ۽ اسين وٽن وڃي رهون، اهي هنن جا لک قرب.

جهاز ڪراچي ايئرپورٽ تي اچي بيٺو. اسين دريءَ مان ٻاهر نڪري رهيا هئاسون. ڪراچيءَ اسان جو وطن، جتي نه صرف اسڪول ۾ پڙهياسين، پر گهٽين ۾ رانديون ڪيوسين. اتي جا رام باغ، کارودر، منودر، صدر، برنس گارڊن، اتي جو ڪارو انگور، بادام ۽ ڳاڙها ڳاڙها جام، ڪيئن پٽي تي ڪٽي مٿان مرچ مصالحو وجهي ڏيندا هئا، ان جهڙو ذائقو اڃان تائين ڪٿي به نصيب نه ٿيو آهي.

سينگاپور، هانگ ڪانگ ۽ هاڻ ممبئي جيان، هاڻ سڌو جهاز

ڪيو، مان اوهان کي وٺڻ ڪراچي ايئرپورٽ تي ايندس ۽ پنهنجي گهر ڪلفٽن تي اچي رهڻو اٿو.‘

آخر اهو ڏينهن به آيو، سامان کڻي وقت سر ممبئي ايئرپورٽ تي اچي پهتاسين ۽ ساڍي ۵۳ سالن جي انتظار ڪانپوءِ ڪراچي وڃڻ لاءِ پي. آئي. اي. جي جهاز ۾ اچي ويناسين. ايئرپورٽ تي ٿوري سڪيورٽي چيڪ اپ بعد ڪري، بنا ڪنهن رنج ڪنجهه جي جهاز اندر هئاسون.

ايئرڪرافٽ ڪافي وڏو هو، ڪرسين ۽ درين تي سائي رنگ جا پردا ۽ ڪوَر لڳل هئا، شايد ان ڪري جو پاڪستان جي جهنڊي جو رنگ به سائو آهي. چوطرف نظر ڦيرائي ويس، هرويرو سڀ ڏاڙهيءَ سان نه هئا ۽ ڪيتريون عورتون به بنا برقي هيون، ٿورن ئي منٽن ڪانپوءِ هوائي جهاز جون ايئر هوسٽيس پلاسٽڪ جي گلاسن ۾ سافٽ ڊرنڪ کڻي آيون، مون هنن جي نزاڪت ڏانهن گهوريو پر هرويرو حورون ته نه هيون. اچانڪ ايئرڪرافٽ جا دروازا پڌرائي ڪري بند ڪيا ويا، جئن ٻين هوائي جهازن جا ٿيندا آهن، فرق صرف اهو هو جو ڪنهن مائيڪ تي چيو، ’سلام ماليڪم ۽ گڏوگڏ شايد عربيءَ يا ڇيدي اردو ۾ هڪ آڌت ڏيندڙ جملو چيو، جنهن جو مطلب هو، ’مالڪ سيني جي سنڀال ڪجانءِ؟‘

جهاز مٿي اُڏاڻو ۽ مون پاروءَ کي ڇهندڙي پاتي ته برابر اسين سنڌ ڏانهن وڃي رهيو آهيون! مون کي ياد آيو جڏهن سچل سرمست جي ڪانفرنس لاءِ شري گوبند مالهي، شري نارائڻ ڀارتي، شري تيرٿ سباڻي ممبئي مان انهن کي سنڌ اچڻ لاءِ ڪوٺ آئي هئي ۽ شري تيرٿ سباڻيءَ کي ويزا وقت سر نه ملي هئي. باقي شري گوبند مالهي ۽ شري نارائڻ ڀارتيءَ کي به صرف هڪ به ڏينهن اڳ ويزا ملي هئي ۽ مالهي صاحب يا ڀارتي صاحب ائين ئي ڇهندي پائي پڪ ڪئي هئي ته هو برابر سنڌ وڃي رهيا هئا.

ون کانئس عرض کندي پڇيو، ’سائين ڪهڙي ڳالھ آهي،
ون کي هٿ ڇو وڌي آيا آهيو؟ مان تہ هانگہ ڪانگہ گهمڻ
ءِ آيو آهيان.‘

’هٿ مٿي ڪريو، اوهان جي جهرتي ونٽي آهي‘ هن چيني
ولي ۾ چيو ۽ اشارا ڏيندي ٿي رهيو هو تہ هڪ ٻيو آفيسر
يو، جنهن انگريزي ۾ گويا آرڊر ڪيو تہ هٿ مٿي ڪري
يهان. هو ٻنهي هٿن سان بدن تي پيل ڪپڙن ۾ اهڙو ڪجھ
ڳولهي رهيو هو، جو اهو ملڻ سان، سندس منشا پوري تي
وڃي ها. ان انگريزي ڄاڻندڙ آفيسر کان منٿ ڪري پڇڻ
ني، هن ٻڌايو تہ ڪي هانگہ ڪانگہ ايندڙ، پاڻ سان آفيم
لڪائي آڻين ٿا ۽ اهو آڻڻ اسان وٽ وڏو ڏوھ آهي. ۽ ائين
اسان رئنڊم تي نمبر ڪڍي ايتري سختي ڪندا آهيون. اوهان
کي تڪليف ٿي، ان لاءِ اسان کي ڏکہ آهي. اسان جو ايئرڪرافٽ
مان سامان اچي ويو هو. وري هدايت بلوچ هڪ سنڌي آفيسر
سان ڳالهايو هو ۽ کيس پڪ ڏني هئي تہ اسان جي سامان
۾ اهڙي ڪابہ شيءِ نہ هوندي جنهن تي ڪسٽم ڊيوٽي پوي
يا ڪين اعتراض هجي.

سامان جي ٽرالي ٻاهر آندي مس، تہ پريان کي ڏٺل چهرا
بينل نظر آيا. ادو تاجل بيوس، جيڪو ممبئي ۾ ڪوٺايل ’شاھ
سچل سامي‘ سيمينار تي ڏاڍو مشڪلاتون جهيليندي اچي پهتو
هو، جنهن جو ذڪر هن پنهنجي سفرنامي ۾ ڪيو آهي. هن
سان گڏ ادو جئرام گنگواڻي، جنهن جا ئي اسين ڪراچيءَ
۾ مهمان هئاسون ۽ سنڌ جو جذباتي شاعر رڪيل مورائي، جنهن
جو اسان پهرين صرف فوٽو ڏٺو هو، خادم علي شيخ سچل
درگاھ جو چيف خليفو (هي ادو ڪليڪٽر ڪوجهي فقير جو
پوٽو آهي) ادو ارشاد احمد سومرو جنهن جي ڳچيءَ ۾ هميشھ
گيرو رنگہ جو ڪپڙو پيل هوندو آهي، هو سچل درگاھ جو ڊپٽي
خليفو آهي، سنڌ جا نوان ۽ نوجوان شاعر ساجل سومرو، نصير،

مان لهي ايئرپورٽ جي لائونج ۾ پهچي تو وڃجي. ڪجھ قدر اسان اجان اڳيان وڌيا هئاسون، جو هڪ سهڻو، قداور شخص اڳيان وڌي آيو ۽ پڇيائين 'ياءِ ناڪر چاولا ۽ دادي پارو؟' اسان عجب کائيندي 'ها' ڪئي. ايترو اندر ايئرڪرافٽ تائين اچڻ وارو ضرور ڪو آفيسر هوندو.

'مان هدايت بلوچ آهيان ۽ اوهان کي وٺڻ آيو آهيان، اوهان جا قدم، ڪراچيءَ ۾ مبارڪ، ٻاهر تاجل بيوس ۽ ڪيترائي ٻيا اوهان کي وٺڻ لاءِ بيٺا آهن. سنڌيءَ ۾ اهڙا سهڻا لفظ ٻڌڻ سان ڳويا، سنڌ ۾ اچڻ جو ڏڦ ئي لهي ويو، ۽ ائين ٿيو، ڄڻ پنهنجن ۾ ئي آهيون.

اسان جي اڳواڻي ڪندي، پنهنجائپ سان ڳالهائيندي، هڪ اميريگيشن ڪائونٽر تي اچي بيٺو ۽ ڊيوٽي تي آيل آفيسر سان ڪجھ ڳالهائي، اسان کان ويزا ۽ پاسپورٽ وٺي هن کي ڏيکاريا ۽ هن پلن ۾ ئي ان ڪائونٽر مان ٻئي پاسي پهچي وياسون ۽ ان آفيسر به چيو 'پلي ڪري آيا' منهنجي ته اکين ۾ پاڻي پرجي آيو، مان جيترو سنڌ اچڻ وقت ڊڄان پيو، اوترو ئي سڀ ڪجھ سؤلو پيو ٿيندو ويو. جيستائين سامان جهاز مان لهي ۽ ملي ان وچھ مون کي ياد آيو پهريون ڀيرو جڏهن مان هانگ ڪانگ ويو هوس، ان ڏينهن ڪا خاص چڪاس هئي ته رئنڊم تي منهنجو نمبر اتي جي چيني آفيسرن چونڊيو ۽ جڏهن ايئرپورٽ جي ڪسٽم ڪائونٽر تي پهتو هوس، ته مون کي هڪ آفيسر، جنهن جي هٿ ۾ واڪي ٽاڪي هئي ۽ چيلھ وٽ پسٽول ٻڌل هوس، منهنجو پاسپورٽ هٿن ۾ وٺي چيو. 'Follow me'.

منهنجي سامان تي هن الاجيءَ چا چاڪ سان لکيو ۽ مان ڊڄندو ڊڄندو هن پٺيان ويس. ايئرپورٽ جي هڪ ڪمري ۾ هو گهڙيو، ڪمري جي ٻاهران بيٺل هن شخص کي سلام پيا ڪن، ان مان لڳو هو ڪو وڏو آفيسر هو. ڪمري اندر گهڙندي

رکيو هئائون. جو اسان وٽ جيترا بہ مهمان ڳڏجڻ آيا تي، انهن سڀني جو سڪ وچان مهمان نوازي ڪئي تي وئي.

گھر ۾ سامان رکي، چانھ پي، ڪراچي جون گھٽيون گھمڻ نڪتاسين. اسان سان گڏ تاجل بيوس ۽ رکيل مورائي گڏ هئا. جئن هنن اڳہ ئي لکي ڇڏيو هو تہ هنن ٻين سڀني ڪمن کي پاسيرو رکي هڪ هفتو موڪل وٺي ڇڏي آهي.

تاجل تہ ٻئي ڏينهن جي نيند پٽر جي ڪاپي Fax ڪري ممبئي ۾ موڪلي ڏني هئي، جيئن اسان ذهني طور ڪراچيءَ ۾ تيندڙ پروگرام لاءِ تيار تي وڃون.

فاروق ۽ ڪي ٻيا دوست ٻيٺا هئا. ڪن جي هٿن ۾ بئنر هو، جيڪو هو کولي جهلي بيهڻ لاءِ تياري ڪري رهيا هئا، جنهن تي اسان لاءِ پليڪار لکيل هئي، مون ڪين عرض ڪيو تہ اهو بئنر ايئرپورٽ تي نہ کولي بيهن، جو اجايو اسين مهمان اتي جي فوجين جي نظرن ۾ خاص ٿي پونداسين ۽ ممڪن آهي، هنن وٽان سوال پڇيا وڃن. ڳلن جون ايتريون تہ ڪنڊيون دوست ڪٽي آيا هئا، ڄڻ گهوٽ ڪنوار شادي ڪري واپس وريا هئا. هيترو سارو پيار ڏسي اسان جون تہ اکيون ئي آليون ٿي ويون. هڪ هڪ جي ڀاڪر ۾ ايندو ويس ۽ اندر ۾ جا گهٻراهٽ هئي سا ڏيري ڏيري دور ٿيندي وئي. اها تہ پڪ ٿي وئي تہ پنهنجن ۾ ئي پهچي ويا هئاسون.

سچل سرمست جي درگاه پاران چيف خليفي گيرو رنگ جي پڪر منهنجي ڳلي ۾ پاتي ۽ بنه ان ئي ويل، درازن مان سخي سائين جو موبائل تي فون آيو ۽ چيائون، ’ ناڪر - پارو! سنڌ جي ڌرتيءَ تي اوهان جا قدم مبارڪ‘ مون فون پاروءَ کي ڏئي ڇڏيو، مون کان تہ شڪرانا مڃڻ لاءِ بہ لفظ نٿي اُڪليا.

ڪراچيءَ جو ايئرپورٽ بلڪل وڏو، جڻ ممبئي جو ايئرپورٽ هجي. اتي ئي ٻيٺا هئاسون تہ ادي گنگواڻي جي مرسڊيز موٽر ڪار اچي بيٺي، پنيان پنج ڪن موٽرون ٻيون بہ آيون، پر سين کي گنگواڻي صاحب جي موٽر جي پنيان اچڻ لاءِ چيوسين، ڪراچيءَ جي هوا ۾ ئي ڪو جادو هو، هيتري ٽرفڪ هوندي بہ من نٿي منجهيو، ڪراچيءَ جا نوان وڏا رستا، فلاءِ اوورس خوب هئا. جيڪا ڪراچي اسان ڇڏي ويا هئاسون، انهن نون رستن ڪري تہ اها نہ پئي لڳي.

ادو گنگواڻي، هندو پئنچايت ڪراچي ڊويزن جو پريزيڊنٽ آهي، ان ڪري ڪيس اتي رهندڙ سڃاڻن پيا، هو نيڪ انسان آهي، اسان جي ننڍڙي گهرج جو بہ پورو پورو بندوبست ڪري

سنڌ جي وڏي شاعر کي سجدو ڪيوسين ۽ جاچ ڪندي خبر پئي تہ پاپي زرينا بہ ڪراچيءَ ۾ ناهي.

اڳ جتي ڪلفٽن وڃڻ لاءِ پڪنڪ جو پروگرام ناهڻو پوندو هو يا ملير وڃڻ لاءِ اتي پهچڻ جو بندوبست ڪرڻو پوندو هو، هاڻ اهي ڪلفٽن ۽ ملير جڻ هڪ شهر تي وڻيو آهي.

آخر اسين 'چؤڪنڊي' تي پهتاسين کليل ميدان، ڳل ڦل، ٿڌي هوا جا جهونڪا ۽ ڪراچيءَ جي مٽي، وري جو اتي جو سنياليندڙ سنڌي هو، مزو اچي ويو.

تاجل ۽ مورائي چيو باقي ٿورو پريان ئي 'پنيور' آهي جيتوڻيڪ شام ٿي وئي آهي پر وري الاجي هن طرف اچي سگهون يا نہ، هليا ٿا هلون سسئي، جي گهر.

اتي پهتاسين، ننڍي ڳوٺ جون ٻتيون بند هيون. اَڌ ڪچي پڪي بلڊنگ جي هڪ وڏي ڪمري ۾ هڪ ننڍو نماءُ هو، اُتي جو سنڀاليندڙ ادو خميصو هو، جنهن لالٽين ٻاري، اتي رکيل شيون ڏيکاريون ۽ انڊيا مان مهمان آيل هئاسون ۽ هن تاجل بيوس کي بہ سڃاتو، جو ڪنهن وقت ان ڊپارٽمينٽ ۾ آفيسر ٿي رهيو هو، چانهہ بسڪوٽ جو بندوبست ڪري ورتو ۽ ان وچ ۾ تاجل اهو هنڌ ڏيکاريو جتي ڪتياڻيون ڪپڙا ڌوئنديون هيون، هاڻ ان نديءَ ۾ پاڻي بلڪل گهٽ ٿي لڳو. اهي نظارا ڏسي شاه صاحب جي هڪ سورميءَ سسئي جي ڳالهين کي ياد ڪيوسين. مٽي دڙي تي ٻهي پنيور جا ڪچا گهر ڏسڻ ۾ آيا ۽ هيٺ ٻئرڪن وانگر ٿهيل کليل ڪمرا، جن ۾ ڪيترائي ڪراچي مان اچي پڪنڪ ڪندا آهن.

پنيور مان واپس موٽندي، تاجل بيوس اسان سان گڏ رکيل مورائي، ساجل سمورو، نصير ۽ فاروق کي بہ پنهنجي گهر وٺي آيو، جو هن پئي ڏينهن لاءِ ترسڻ بجاءِ پهرئين ڏينهن ئي اسان جي ماني پنهنجي گهر ۾ ڪرائي هئي.

سندس گهر پهچندي پهچندي سانجهي ٿي وئي هئي.

پنيور ڏانهن...

ڪلفٽن تي اسين رهيل هئاسون، گهر مان نڪرندي ئي ڪلفٽن جي سمنڊ جون لهرون ڏسي تي سگهياسين. اتي سڀ گهٽو ڪري نيون جايون جوڙايل هيون، ان ڪري سڀ ڪجھ گويا با ترتيب تي لڳو. وڏا وڏا رستا، وڏا وڏا شاپنگ سينٽر، نيون نيون هوٽلون، ڪلبون ۽ شاندار بنگلا.

رستي تي لنگهندي، مون پڇي ورتو ’يار! هت ڪلفٽن ايريا ۾ ته اسان جو شيخ اياز به رهندو هو ۽ هن جي ائڊريس به ڪلفٽن جي هئي! مون کي ياد آيو جڏهن شيخ اياز ۽ پاپي زرينا اسان جي ڪوٽ تي ’شاه سچل سامي‘ سيمينار تي آيا هئا ۽ مهنو ڪن رهي واپس تي آيا ته چيائون ۽ لکي به موڪليائون ته جلد به جلد اسين سنڌن وٽ ڪراچي اچون. ائين سال ڪن ڪانپوءِ اسان وري ويزا وٺڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ملڻ جي به پڪ هئي، اهڙو اطلاع مون اياز صاحب کي به موڪلي ڇڏيو هو. مون کي ڪنهن اديب ڪراچيءَ مان فون ڪري ٻڌايو ته جيئن ته شيخ اياز جي طبعيت ٺيڪ ناهي، ان ڪري الڳ الڳ دوستن کي پيو فون ڪري ته ’يار انڊيا مان ناڪر ۽ پارو چاولا ٿا اچن، ڪجھ ڪيو، ڪي پروگرام رکو، ڪي داوتون رکو، اهڙو ڪجھ ڪيو، جئن هنن اسان لاءِ انڊيا ۾ ڪيو. هنن ممبئي ايئرپورٽ تي، اسان جي پليڪار لاءِ شهنائي وارا گهرايا هئا ۽ مون کي ڪراچيءَ ۾ سڀ جهلي رهيا هئا ته مان پارٽ نه وجان ان وقت سنڌ ۾ اليڪشن تي رهي هئي. پر مون ناڪر کي فون تي چئي ڇڏيو هو ته ”مان ڪيئن به تو وٽ پهچي ويندس ۽ برابر مان راتو واه ڪراچيءَ مان گويا پچي نڪتو هوس.“

اچانڪ تاجل بيوس موٽر کي بهارڻ لاءِ ڊرائيور کي چيو ته ’ هن بلڊنگ ۾ رهندو هو شيخ اياز صاحب. فلور تي هڪ فلئٽ ۾ پاڻ ۽ بي فلئٽ ۾ سندس ڊاڪٽر پٽ. هينان ئي

سامهون 'هندو' اخبار جي پريس هوندي هئي ان جو تہ کو نشان نہ لڌو، اتي دڪان نهيل هئا پر شرناگتي، ساڳئي نالي سان بلڊنگ ان چونڪ جي پرسان هئي. پوءِ پڪ تي تہ برابر جاءِ تي پهتل آهيون.

مون ڊرائيور کي سرائي ڪوارٽر سڪول ڏانهن ويندڙ رستي تي هلڻ لاءِ چيو.

ان سرڪل جي هڪ رستي واري ڪنڊ تي، هڪ سنڌي مسلمان درزي جو دڪان هوندو هو، جنهن ڪان ڪپڙا، نخرن وارا سبائيندو هوس، خميس جي ڪالر کي اڌ انچ وڏو ڪرائيندو هوس يا ماڳهہ اڌ انچ ننڍو، جڏهن ٻين جو ڌيان ضرور وڃي.

ان روڊ تي اندر گهڙڻ سان ڪابي ڪان پهرين گهٽي ۽ ٻي گهٽيءَ جي وچ ۾ اسان جي بلڊنگ ٺهرايل هئي، بلڊنگ ايڏي وڏي هئي جو ٻنهي گهٽين ڪان، ان جو لنگهہ هوندو هو پر پوءِ سڪيورٽي کي خيال ۾ رکي هڪ گهٽيءَ ۾ لنگهہ بند ڪرڻو پيو هو. بلڊنگ ۾ جملي ويهہ فليٽون هيون، جن مان ٻن ۾ گهر هئوسون، پهرئين ماڙ تي هڪ فليٽ ۾ آفيس ۽ پاسي ۾ ٻي فليٽ، مهمانن لاءِ رکيل هئي.

روڊ تي هڪ وڏو سيٺي جو دڪان هو ۽ مرارجي اسٽريٽ جي ڪنڊ تي هڪ کير جو دڪان، جتان صبح جو هرروز ورزش ڪري موٽڻ ڪانپوءِ وڏي ٿئيءَ ۾ گرم ٿيل کير جو گلاس، ملائي مارڪي، پيئندا هئاسون. اتي پهچڻ تہ ڏٺوسين اهي ٻئي دڪان نہ هئا. پاسي ۾ هڪ گهٽيءَ ۾ موٽر بهاري، ٺاڪر نواس کي ڳولهڻ نڪتس، ٻيا دوست منهنجي پنيان پنيان هئا.

پاروءَ کي پڪ هئي تہ مان اها رهڻ واري بلڊنگ ڳولهي لهندس، چوتہ منهنجي ذهن جي پٽيءَ تي اهي آس پاس جون نشانيون اجان تائين تازيون هيون. اها گهٽي، جيڪا مرارجي اسٽريٽ جيان پي لڳي پر هاڻ ان گهٽيءَ جو نالو ڪو ٻيو هو، ان ۾ گهڙيس، پر جيڪو ڪوئلن جو گدام، اسان جي

جو گهوٽ بہ ٺاهوڪو، پڙهيل ۽ تهذيب وارو هو.

ٽيون دوست، ادو نورالدين سرڪي صاحب، جو وڪيل آهي، ڪورٽ ۾ ويندي گڏجڻ آيو هو، هو بہ ٻہ ٽي دفعا انڊيا مان ٿي ويو آهي، سندس هم شريڪ سان فون تي ڳالهايوسين، وري گڏجڻ جو آسرو هو.

پاروءَ جي ساهيڙي ڪملا اڏناڻيءَ جا پيڪا ڪراچيءَ ۾ آهن، ڊاڪٽر اشوڪ پارواڻي، اُهي بہ گڏجڻ آيا.

مون چيو 'سڀ ڪان پهرين اسان کي گاڏي ڪاتي ۾ وٺي هلو، جتي مينارام هاسٽل جي پٺيان ۽ شانتي نڪيتن جي پرسان اسان جي بلڊنگ 'ٺاڪر نواس' هئي.'

تاجل پڇا ڪئي ان ايريا کي هاڻ پاڪستان چونڪ سڏيو ٿو وڃي، مون چيو، 'مونکي ان چونڪ تائين پهچايو، پوءِ مان پاڻهي بلڊنگ کي ڳولهيندس.'

اسانجي موٽر ڪيترائي وڏا رستا لنگهندي، چؤنڪ ڏيکاريندي، ننڍين ننڍين گهٽين جي ٽرفڪ جو احساس ڪرائيندي آخر پاڪستان چونڪ وٽ اچي پهتي. مون چوڌاري نهاريو. برابر ڪنڊ واري گول بلڊنگ جي هيٺان گرسنگت هوندي هئي، مٿان ايس. سي. شهاڻي اسڪول جنهن ۾ مان پڙهندو هوس ۽ هڪ دفعي ٽارزان جي فلم ڏسڻ لاءِ پنهنجي دوست سان گڏ، ڪلاس مان ڀڄي نڪتو هوس، ۽ ان ڏينهن تي پرنسيپال کي اسان جي ڪلاس ۾ اچي جاچ ڪرڻ جو خيال آيو هو. اتان پڪچر ڏسي جڏهن واپس آياسين ۽ ڪلاس ۾ گهڙياسين، پرنسيپال کي ڏسي ڇرڪ نڪري ويو ۽ اسان کي ڏسي هن چيو 'هٿ اڳيان ڪريو ۽ زوم سان ڪين جي ڇڙي جا هن وٽ هئي، نڪاءُ ڪري زور سان هٿي ڪڍي. اهو ڏيهن ۽ هي ڏينهن وري اسڪول مان ڀڄي فلم نہ ڏٺي آهي.

کي ان ساڳئي گهر ۾ اچڻ جي اجازت ڏيندا.

تاجل وٽان اشاري ملڻ تي اسين، ان ساڳئي پنهنجي گهر ۾ وياسين، جتي اسان جي آفيس هوندي هئي، اندر گهڙي پڇڻ سان پتو پيو تہ اها ماه رخ هاڻ اها بلڊنگ وڪڻي وئي هئي ۽ ڪٿي آهي، اها انهن فليٽ ۾ رهندڙن کي خبر نہ هئي.

ماه رخ کي ياد ڪندي، پنهنجي لکيل 'هٽ جون لڪيرون' ڪهاڻي، ياد پئي ۽ مون کي تہ پڪ هئي، هوءَ ضرور اڌ صديءَ ڪانپوءِ گڏجندي، هيڏي چوچ سان ورتل بلڊنگ ڪيئن وڪڻي ويندي.

اتي رهندڙ مهاجرن کي ٻڌايو ويو تہ اسين انڊيا مان آيا هئاسون ۽ هيءَ اسان جي بلڊنگ هئي ۽ هن فليٽ ۾ ئي اسان جي آفيس هئي. اسان کي ڪرسيون ڏئي وهاريو ويو ۽ هو تاجل ۽ موراڻي کان سنڌن بابت پڇي رهيا هئا. پر مان انهن ڪمرن کي جاچيندي. ٦ جنوري ١٩٤٨ جي منظر ڏسڻ ۾ محو ٿي ويس، ان ڏينهن صبح جو اٽڪل ١٠ بجي اوچتو اچانڪ هيٺ گهٽيءَ ۾ گوڙ شور ٿي ويو 'الله هو اڪبر' جا نعرا پئي ٻڌڻ ۾ آيا، بالڪنيءَ ۾ ويس، ڊاڪٽر پريمچند جي گهر هيٺان، گهٽيءَ جي ڪنڊ تي ڪيترين ئي ترڪون بيٺيون هيون، جنهن ۾ سوَنِ ۾ مهاجر، هندن جي گهرن کي لٽي، انهن جو مال ترڪن ۾ ڀري ڪنيو پي ويا. چاليهہ، پنجاهہ جڻا گڏ، هٿن ۾ ڪليل تلوارون، چاقو، لٺيون کڻي هرهڪ بلڊنگ ۾ گهڙيا ٿي، ڪجهہ منٽن ۾ ئي اهو انبوهہ اسان جي بلڊنگ ۾ بہ پهچي ٿي سگهيو. مون رڙ ڪري پنهنجي چوڪيدار کي بلڊنگ جو هيٺيون لوهي دروازو بند ڪري، تالو هڻڻ لاءِ چيو.

ڪجهہ ڏينهن کان ورهاڱي جي لپيٽ ۾ اچي، ننڍن ننڍن ڳوٺن مان لڏپلاڻ چالو ٿي وئي هئي، ۽ جڏهن تہ ڪراچيءَ کان ئي پاڻيءَ جي جهاز جون ٽڪيٽون ملي ٿي سگهيون ۽ انهن

بلڊنگ جي پاسي ۾ هوندو هو، اهو نہ هئو، انڪري ڪجھ وقت لاءِ مشڪلات ٿي. سيني کي هڪ جاءِ جي ٻاهران ٻهاري مان ان گهٽيءَ جي ٻي ڪنڊ تائين ويس، ڪنڊ ۾ ڊاڪٽر پريمچند رهندو هو، سندس ڏيئر مون سان کيڏنديون هيون، ٿورو پنتي موٽيس، جتي گُلي رائسنگهاڻي رهندي هئي. هنجي سامهون واري ننڍي بلڊنگ ۾ ايشوري ٻجلاڻي، سيني بلڊنگن جا نالا تہ هاڻي بدلجي ويا هئا، پر انهن جي ٻاهرين آڪار کي جاچيندي، ان گيسٽ هائوس کي بہ ڳولي لڌم، جتي منو رهندو هو، جنهن کي ڪراچي ريلوي اسٽيشن تي ورهاڱي ٽيڻ وقت، مهاجرن خون ڪري ڇڏيو هو.

اچانڪ مان ان بلڊنگ جي اڳيان اچي بيٺس، جنهن مٿان لکيل هو 'ادنان منزل' هيٺ گرائونڊ فلور تي جتي آشا وچاڻي رهندو هو، اتي پرنٽنگ پريس هئي.

جڏهن مون ڪراچي ڇڏي، اها ناڪر نواس بلڊنگ مون هڪ آگري يا عليگڙھ کان آيل مهاجر کي وڪي هئي، جنهن جو نالو ڊاهي، منهنجي هوندي ئي 'ماه رخ منرل' لکيو ويو هو. ماه رخ هن جي نوجوان بيگم جو نالو هو. مون کي اها ڳالھ سمجھ ۾ ئي نہ آئي تہ اهو نالو ڇو ڦريو هو. ۵۳ سالن ۾ هنن لڳي ٿو بلڊنگ کي رنگ بہ نہ هڻايو هو.

مون رڙ ڪئي 'اچو... اچو... هيءَ ئي بلڊنگ آهي، جتي مان رهندو هوس.'

آس پاس ۾ بيٺل ماڻهو عجب ۾ اسان ڏانهن نهاري رهيا هئا، هنن کي ڪهڙي خبر تہ ان جاءِ کي ڏسڻ لاءِ اسان هيڏي تڪليف ڪئي هئي ۽ جي نہ لڀجي ها تہ نراس ٿي واپس ممبئي وڃڻو پوي ها.

تاجل بيوس ۽ رکيل مورائي همت ڪري ان ادنان منزل ۾ پهرئين ماڙ تي ويا ۽ اسين اشوڪ ڪمار سان گڏ هيٺ بيٺا هئاسون. اسان کي پڪ ئي نہ پئي ٿئي تہ هو ڪو اسان

بلڊنگ جو هينيون دروازو بند ڪرڻ ڪانپوءِ، بلڊنگ جي فليٽن ۾ باقي بچيل زالن، ٻارن کي ماٺي ڪڍ تي موڪلي چڏيو هئوسين ۽ ٻاهران تالو هڻي چڏيوسين. ١٥ منٽن ۾ تيهن لکن جو سارو سامان لٽجي ويو.

اسان جي ان ڪڏ جون ٻه ڪي ئي ڪهاڻيون آهن، جن مان هڪ ڪهاڻي 'آسمان ۾ ٻه چنڊ' لکجي وئي هئي. ان ڪهاڻي ۾ ايشوري، پنهنجي ساهيڙين سان گڏ تيجڙيءَ جي ڏينهن رات جو چنڊ کي ڳولهڻ لاءِ هوءَ ۽ سندس ساهڙيون ڪڏ تي آيون هيون. هنن جي هٿن ۾ ٿالهيون هيون. جن ۾ گل ۽ ٻريل ڏيئا هئا، جڏهن چنڊ نڪري، ان کي ارگهه ڏئي ان ڪانپوءِ هو سڀ ڏيتهن جو رکيل ورت ڇوڙينديون آهن. ان ڏينهن ٻه سڀي مرارجي اسٽريٽ جون ڪنواريون ڇوڪريون. چنڊ کي سولائي سان ڏسڻ لاءِ آيون هيون، رات جا ١١ ٿي ويا هئا، چنڊ بادلن جي پنيان لڪيو وينو هو ۽ هزارن ڪمسن ڪنوارين جون اکيون هن کي ڳولهي رهيون هيون. رات جا ٣٠-١١ ٿيا، ١٢ ٻه وڳا پر چنڊ ڏسڻ ۾ نه آيو، سڀ ڪڏ تي آيل ڇوڪريون ور ور ڪري آسمان ڏانهن نهاري رهيون هيون. مان ڪڏ تي ڪليل ڪمري ۾ جتي بابا مندر ٺهرايو هو ۽ گرو گرنٿ صاحب جي سواري رکيل هئي ۽ اتي وچي هو پاٺ پوڄا ڪندو هو ۽ پنهنجي من کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪندو هو، ۽ ان ڏينهن اُن ڪمري ۾ ويهي، چنڊ کي ڳولهڻ وارو ڪيل ڏسي رهيو هوس. انهن مان هڪ ٿالهي اڳيان ڪندي آرتي ڪئي ۽ پاڻي جو چندو هنيو ۽ چيو ''تون ئي منهنجو چنڊ آهين، توکي ئي ٿي ارگهه ڏئي، ورت ڇوڙيان.''

'هلو پاسي واري فليٽ ۾ رهندڙ اڇي وئي آهي...' مون ڳويا ڇرڪ پريو ۽ ڪرسي تان اٿي ٻين سيني جي پنيان هلڻ لڳس.

تڪيتون ملڻ لاءِ ٻه ڏه ڏينهن ته ترسڻو تي پيو. اسان جا مٽ مائٽ، واقفڪار پنهنجو سامان، جنهن ۾ ڪيترن نياڻين جو زيورن سميت ڏاجو به شامل هو، اسان وٽ رکي ويندا هئا، جئن ڪين مليل تڪيتن ڪان هڪ ڏينهن اڳ هو ايندا هئا ۽ پنهنجو سامان ڪنيو سڌو پاڻي جي جهاز تي چڙهڻ لاءِ ڏڪي تي هليا ويندا هئا، ائين اسان پهرين ماڙ واريون ٻئي فلئٽ يعني ڇهه ڪمرا هنن مٽن مائٽن ڪي سامان رکڻ لاءِ ڏئي ڇڏيا هئا. هرهڪ جي پيتي، پئڪيٽ تي سڀن پنهنجو پنهنجو نالو سڃاڻپ لاءِ لکي ڇڏيو هو.

قضا اهڙي ٻڻي جو ان ڏينهن، منهنجي سوٽن، پائرن ۽ خود اسان جو ٻڌل سامان به اتي موجود هو. اچانڪ هينئين لوهي دروازي ڪي زور زور سان ڌوڏيو ويو، هشام ماڻهو، ان اندر پيل تالي ڪي ٽوڙڻ جي ڪوشش ۾ هئا ۽ اسين، مٿان بالڪني مان هٿ ۾ آيل ننڍي وڏي شيءِ ۽ پاڻي جا ڏول هنن مٿان اُڇلائي، هنن ڪي بلڊنگ جي اندر گهڙڻ ڪان روڪي رهيا هئاسون... پر هو وڌيڪ نه رڪيا.

وڏي آواز سان تالو هنن ٽوڙي ڇڏيو ۽ ڪنڊو ڪولي هو سڀ بلڊنگ جي اندر گهڙي آيا، ڪو گرائونڊ فلور ۾ رهندڙ ڪي لٽي رهيو هو ته ڪي مٿي چڙهي آيا. مون پوليس ڪي فون ڪرڻ جي ڪيترائي ڀيرا ڪوشش ڪئي هئي پر پوليس جو فون، انگيج رکيو ويو هو. 'يا الله... الله هو اڪبر جا نعرا هڻندي، لوٽو، مارو.... اسان جي هن ئي فلئٽ جي دروازي ڪي هو زور زور سان ڌڪا ڏيڻ لڳا. اندران ڪڙي ٽٽي پئي ۽ هو ڪليل چاقو ڪنيو، اسان ڪي هڻندا ويا پهرين هنن ٽيليفون جي تار ڪٽي ۽ اتي پيل سامان ڪڻندا، هيٺ بيهاريل ٽرڪن ۾ وجهندا ويا. منهنجي منهن تي، ڳل تي، نڪ تي جيڪي چاقوءَ جا نشان آهن، ۽ پنيءَ تي ٽي چار نشان آهن، اهي انهن مهاجرن جي چاقن جا نشان اُنهن جي ئي مهرباني آهي.

ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر کان N.O.C وٺڻ لازمي ڪيو ويو هو.

ان سرڪاري حڪم اچڻ سان، خريدار ڦڙتي ڪائي ويو. گهڻي سمجهائڻ ڪانپوءِ ڪليڪٽر کان، ڏهه هزار رپيا رشوت ڏيڻ سان، N.O.C مليو ته برابر ان بلڊنگ جو سؤدو ٿي ڏينهن اڳ تيل هو،ان هوندي به خريدار ساڳي ويهن فليٽن واري بلڊنگ جا ڇهن لکن بدران صرف پنجاهه هزار تي ڏيڻ چاهيا، يعني ان خريدار پورو پورو فائدو ٿي وٺڻ چاهيو، ان ڪليڪٽر کي ڏنل ائفيڊيوٽ ۾ ان خريدار جو نالو لکايو ويو هو. آخر سؤدو ڇهن لکن جي بدران اٺهٺ هزار وٺي پورو ڪرٽو پيو، اهو سڀ قبول ڪرڻ ڪانپوءِ به هڪ اٽڪ اچي پيدا ٿي، مجيل ڳالهين موجب اسان کي ان خريدار کي چار فليٽون خالي ڏيڻيون هيون، پر ان فسادن جي دؤران، ٽماڙ واري چوٿين فليٽ ۾ اسان جي چوڪيدار پنج سؤ رپيا وٺي، هڪ مهاجر کي زبردستي اندر فليٽ ۾ گهسي اچڻ جو بهانو ڏنو ۽ رات جو ان اسان جي چوڪيدار، هن مهاجر کي ان فليٽ جو دروازو کولي ڏنو ۽ هو پنهنجو ڪجهه سامان ۽ زال ٻارن کي وٺي اندر هليو آيو ۽ ڪيترو به سمجهائڻ سان هو نه مڙيو، لاچار منهنجي وڏي سؤٽ پوليس ۾ رپورٽ ۽ هڪ هزار رپيا جڏهن پوليس سب انسپيڪٽر کي رشوت ڏني، تڏهن اها فليٽ خالي ڪرائي ڏني وئي.

هيٺ پهچي، مٽي کڏ ڏانهن جڏهن نهاريم، ان کڏ جي ڪهاڻي ’آسمان ۾ به چنڊ‘ ياد اچي وئي ۽ ڪيئن تيجڙيءَ ڏينهن چنڊ کي ڏسڻ جي بهاني، اوڙي پاڙي جي سيني ڇوڪرين ۽ زالن کي داعوت ڏئي، سندن سهوليت لاءِ کڏ کي کولي ڇڏيندو هوس.

هيٺ لهندي انهن ڏاڪڻين ڏانهن به ڌيان ويو، جنهن جا گهڻو ڪري سڀ ڏاڪا ڀڳل هئا ۽ لڳي پيو گذريل پنجاهه سالن ۾ نه بلڊنگ کي رنگ نه ڏياريو ويو هو.

ان گهر ۾ هاڻ شبنم رهندي آهي، هوءَ ٻارن کي اسڪول مان وٺڻ وئي هئي، سندس گهوٽ نوڪري ڪندو آهي ۽ هوءَ هئنڊيڪرافٽ ناهي، دڪانن تي وڪڻندي آهي. سڄو گهر هئنڊيڪرافٽ جي شين سان ڀريو پيو هو. هوءَ اسان سڀني کي ڏسي ڀهرين تہ منجهي پئي پر پوءِ انڊيا مان آيل مهمانن کي منهن ڏيڻ لاءِ، جهٽ ۾ فيصلو ڪري ورتائين، اسان کي صوفا تي وهاري، بسڪيٽ سان پليٽ ڀري کڻي آئي ۽ اها ڪيس ڳالهہ عجب ۾ وجهڻ لڳي تہ مان هن ئي فليٽ ۾ ساڍي ٽيونجاهہ سال اڳہ رهندو هوس، هوءَ تہ اڃان ۴۰ سالن جي مس ٿي لڳي ۽ هيتري عرصي کانپوءِ مون کي پنهنجي زمين ڇڪي آئي آهي. هن اسان سان گڏ فوٽو ڪڍايا، اتي اسان کي وٺي هلڻ وارا بہ ڪراچيءَ ۾ ئي رهن ٿا. هن ئي فليٽ ۾ اسان جي ڀري واري مائٽياڻي ديوراڻي، مهني ڪن لاءِ اچي رهي هئي، هن جا مائٽ ڪراچيءَ ۾ هن جي ڊاڪٽري چڪاس ڪرائڻ لاءِ آيل هئا، هن کي ٽي. بي. جي بيماري نڪتي. مان هن کي هرروز پوڄا ڪرڻ لاءِ گل ڏيڻ ويندو هوس.تماڙ تي، جنهن فليٽ ۾ منهنجو بيڊروم هو، ۽ پوءِ بلڊنگہ وڪڻڻ کان پوءِ ماهہ رخ جو بہ بيڊروم ساڳيو هو. صبح جو جڏهن منهنجو ابو گرسنگت ۾ پاٺ پوڄا ڪرڻ هليو ويندو هو، ان ويل پنهنجي بيڊروم جون دريون کولي ڇڏيندو هوس، ريڊيو، جنهن تي منڙا منڙا جذبن سان ڀرپور گيت ايندا هئا. فل واليوم سان هلائيندو هوس، جئن اُهي لفظ انهن تائين پهچن، جن لاءِ ئي صرف ايڏي وڏي آڪار وارو ريڊيو ورتو هوم.

تماڙ تي چوٿين فليٽ جو بہ هڪ عجيب داستان ياد اچي ويو. جڏهن ان بلڊنگہ جو ٦ جنوري تي ٽيل لوٽ مار کان اڳہ سؤدو ڇهن لکن ۾ ڪيو ويو هو، ان ساڳئي خريدار، انهن فسادن کانپوءِ، سرڪاري حڪم موجب 'ڪابہ ملڪيت هندن کان ٦ جنوري ١٩۴٨ کانپوءِ وٺي نٿي سگهجي ۽ جي ڪنهن بہ بلڊنگہ جو سؤدو ان تاريخ کان اڳہ ٿيل هجي تہ ان لاءِ

ڻاهيو ويو آهي. زمين جي هيٺ هلندو هل پهاڙين جي اندر شوَ جو لنگ رکيل آهي مٿان پاڻي جو ڦهارو پيو پوي، هر سومر ڏينهن ان مندر ۾ گهڻيئي شرڌالو ايندا آهن. اُتي جو سنڀاليندڙ سنڌي هندو هو، اسان جي خوب خاطرداري به ڪيائين ۽ اندر مندر ۾ فوٽو ڪڍڻ ڏنائين. تاجل بيوس، ساجد سومرو ۽ رکيل مورائي، هندو ديوتائن اڳيان بهي گل چاڙهيندي اسان سان گڏ فوٽو ڪڍايا.

رکيل مورائي ۽ تاجل بيوس موٽر کي مندر ٻاهران آڻڻ لاءِ پارڪنگ ۾ ويا، ان وچ ۾ اسان مندر جي ٻاهران بهي، فوٽو ڪڍايو، ان ويل ئي به خانگي ڊريس ۾ اڳيان وڌي آيا ۽ ساجد سومري کان پڇيائون 'اوهان کي خبر ڪانهي ته هيءَ رسٽرڪٽيڊ ايريا آهي، اوهان ڪير آهيو؟ فوٽو ڇو ٿا ڪڍو؟' رعب سان پڇيل سوالن مان لڳي پيو هو پوليس جا آفيسر هئا. مون چيو، 'معاف ڪريو، اسان کي خبر نه هي، انهن مان هڪ آفيسر سنڌي هو. منهنجي لهجي مان هن جاڻي ورتو ته مان سنڌي آهيان، هن وڌيڪ پڇا کان سواءِ، وڃڻ ڏنو.

اُتان جلد جلد، دادا گنگواڻي جي ڀائٽئي مرليءَ وٽ لنچ تي پهچڻو هو. هو صاحب پهرين ته اسان سان نه گڏيو هو پر اسان انڊيا مان آيا آهيون ۽ دادا گنگواڻي جي گهر ۾ لٿل آهيون، اهو سبب هن لاءِ دعوت ڏيڻ لاءِ ڪافي لڳو. هو صاحب پاڪستان جي سيمينٽ فئڪٽري جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر آهي ۽ اسان کي خوب ويشنو طعام کارايائين.

ڊرائيور موٽر بلڊنگ جي هيٺان ئي ڪٽي آيو هو، اسين موٽر ڪي رام باغ هاڻ آرام باغ کان ڦيرائيندي، صدر طرف وڃي رهيا هئاسون، رستي تي آلرٽري مئدان تي پارو پنهنجي فليٽ واري بلڊنگ ڳولهي نہ سگهي جو آس پاس گهٽيئي فوٽ پاٿ تي بہ دڪان نهيا پيا هئا. اڳہ اسان جي وقت جيڪي رستا صاف سٿرا هوندا هئا، اهي سڀ ڪارو در ۽ منودر پيا لڳن. اُتي ڪار بہ بيهاري نٿي سگهياسين.

صدر طرف ويندي، رستي تي هرديوي اسڪول کي ڳولهيوسين، بلڊنگ تہ هئي باقي اسڪول نہ هو.

بجلاڻي انسٽيٽيوٽ، جتي مان ٽيوشن ويندو هوس، اها بلڊنگ بہ مون کان نہ لڌي.

رام باغ جي پنيان ڊاڪٽر ميراچنداڻي جو دواخانو هوندو هو، جنهن وٽ مان ان ويل ڊوڙندو ويو هوس، جڏهن ڪراچي ريلوي اسٽيشن تي، سکر کان آيل ٽرين مان لهندڙ هندن کي ڳولهي ڳولهي خون ڪيو ويو هو ۽ منهنجي پيءُ جي هڪ دوست کي بہ خنجر هڻي ماريو ويو هو، جو صدمو هو نہ سهي سگهيو ۽ هڪ صبح جو، گرسنگت کان موٽندي، ڇاتي ۾ سور محسوس ڪيو ۽ مون ساڻ گڏ ڊاڪٽر ميراچنداڻي وٽ پهچي، ان کان اڳ هنجي دل ڌڙڪڻ بند ڪري ڇڏيو هو. صدر ۾ ٽرئفڪ ڏسي، ممبئي جو فلورا فائونٽين ياد اچي ويو.

موٽر ڪيترائي چونڪ لنگهندي آخر ڪلفٽن تي اچي بيٺي، پريان ئي، چولين وارو سمنڊ ڏسڻ ۾ پي آيو. منجهند جو سج هوندي بہ ڪليل جاء هئڻ ڪري، خوب هوا جا جهونڪا پي لڳا. ڪار پارڪنگ جي پرسان نهيل هوا ڪائڻ لاء ساڍي ٽيونجاه سال اڳہ ۾ پڪي پٿر جو ٺهرايل گنبذ هو ۽ هاڻ بہ ائين ئي ڪنڌ اوچو ڪري بيٺو آهي.

پرسان ئي شو جو مندر آهي، لڳي پيو غفائن کي ٽوڙي اهو جوڙايو ويو آهي. هاڻ تہ اڳہ کان بہ ڪجھ قدر وڌيڪ

تي ويو ۽ وڊيو ڪئميرا هر چرپر ۽ ڳالهائڻ ڦهلائڻ لاءِ تيار هئي.

اسان جي هڪ لنبي، تفصيلوار؛ واقفيت، ادي تاجل بيوس ڏني. تاڙين جي ڦهڪن سان اسان کي پاڪرون پائي آجيان ڪئي وئي.

جڏهن مائيڪ منهنجي هٿ ۾ ڏني وئي ۽ ٻه لفظ ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو.

مون چيو، 'اسان ساڍي ٽيونجاهه سال انتظار ڪانپوءِ پنهنجي ملڪ ۾ اچي سگهيا آهيون، هي ڪهڙيون ديوارون آهن، جي پائرن کي ملڻ کان روڪي رهيون آهن. اسان اوهان سان ملڻ لاءِ تڙپيا پئي آهيون. پنهنجي ڌرتيءَ تي اچڻ لاءِ ۽ ڇهڻ لاءِ واجهه پئي وڌا آهن. ڪي ئي پيرا ويزا وٺڻ جي ڪاهه، اجائي وئي هئي، وري ٻه اسين پاڳ وارا آهيون، جو پنهنجي ديش جي هوا نہ ڪائي سگهون ٿا، ڪي ئي اديب ان ڪان وانجهيل آهن.

پاءُ قيمت، تنڊي محمد خان ڪان خاص هن پروگرام لاءِ آيل هو. هو هڪ دفعو ممبئي ۾ آيل هو.

مشاعري جي شروعات ڪئي وئي، جنهن ۾ تاجل بيوس، ساجد سومري، رکيل مورائي، حميد سومرو، پارو چاولا ۽ ٻين شاعرن پاڳ ورتو، صدارت پارو چاولا کان ڪرائي وئي.

عجب ڳالهہ اها هئي جو اتي ڪا ٻہ ٻي شاعرا يا ٻڌڻ واري عورت يا ڇوڪري نہ هئي.

ٻئي دؤر ۾ ڳائڻ جي محفل شروع ٿي، پهرين پهرين غلام حيدر، سچل سرمست جو ڪلام ڳايو ۽ پوءِ تاجل بيوس جي لکيل ڪافي ٻڌائي.

سنڌ ۾ تاجل جا لکيل گيت، گهڻو ڪري هر گلوڪار ڳائي ٿو، اها سندس ڪاميابي آهي، ان ڪانپوءِ اُستاد جمن جي شاگرد

سچل جو ڳوٺ

شام جو تاجل بيوس اڪادمي پاران صوفي پريم نگر سچل ڳوٺ جي هڪ صوفي در تي مشاعره ۽ سنگيت محفل رکيل هئي، اُتي رهندڙن لاءِ شايد ڳولهڻ مشڪل نہ هجي پر اسان جي موٽر تہ ڪراچي جي گھٽين رستن تان هلندي رهي. اڳہ گاڏي ڪاتي ڪان صدر ويندا هئاسون يا ملير وڃبو هو تہ ڪيترو وقت لڳندو ايترو انداز هوندو هو پر هاڻ تہ سڄي ڪراچي ڪلفٽن ڪان ملير تائين گويا ڳنڍي پئي آهي.

آخر ڊرائيور سچل جو ڳوٺ، ڳولهي لڌو. مون کي تہ عجب سان گڏ ڏکہ ٿيو جو عام سنڌي مسلمانن کي ڪچن گھرن جي ڪالوني نصيب ۾ آئي هئي. ڪالوني اندر رستا بہ اڌ ڪچا ٿي لڳا. پھرين قطار ۾ ڪي دڪان بہ هئا، انهن سنڌي دڪان وارن ئي اسان کي ان آستان تي پهچايو. ان ڪالوني کي ڏسي سنڌي مسلمان تہ هاڻ بہ غريب ٿي لڳا، سواءِ زميندارن، وڏيرن ۽ جن جا پٽ وديشن ۾ نوڪريون ڪرڻ ويل آهن، جن وٽان مائٽن کي رقم ايندي هوندي.

'اچي ويا اچي ويا' ان هال اندران، موٽر بيٺي ئي آواز آيا. ان صوفي آستان جا فقير، تاجل بيوس، رکيل مورائي ۽ ساجد سومرو ۽ ٻيا گلاب جي گلن جون لڙهون ڪڻي دروازي وٽ بيٺا هئا. ايتري چرپر مون اڳہ ڪٿي بہ اسانجي اچڻ سان نہ ڏٺي هئي، اهي سنڌ وارن جا پيار هئا جي بوليون ٻولي رهيا هئا.

اسان کي منچ تي وهاريو ويو، پنيان هڪ وڏو بئنر لڳل هو، جنهن تي اهڙو ڪجھ لکيل هو. "**اسين سنڌ واسي، ڀارت کان آيل ادبي جوڙي کي ڀليڪار ٿا ڪريو. "سپون".. مخزن جو ايڊيٽر ۽ ڀارت جو وڏو ڪهاڻيڪار ڀاءُ ناڪر چاولا ۽ شاعرا ۽ لوڪ گيت گائڪا پارو چاولا..**

ساجد سومرو مائيڪ جهليو، سامهون فوٽوگرافر، فوٽو ڪڍندو

نورجهان کي پٽ بہ آهي. پر اسان مسلمان چار شاديون ڪري سگهون ٿا، ان جو فائدو وٺي، هن جوان، هڪ جي جيئري هوندي، ٻي شادي بہ ڪئي آهي. هوءَ ڪنهن اسڪول ۾ ماسترياڻي آهي. نورجهان خوب مخالفت ڪئي، پر هن جي گهوٽ نہ مڃيو ۽ پنهنجي نندڻ جي ساهيڙي سان، جيئري تي جيئري شادي ڪئي، نورجهان گوريون کائي سمهي بہ پئي هئي، اسپتال ۾ ڪيس وڌو ويو ۽ موت کان بچي وئي. هاڻ ان صدمي کي سهي، ملي هلڻ جو هن فيصلو ڪيو آهي ورنہ جي هوءَ نٽي مڃي تہ هوءَ ڪيڏانهن وڃي؟ پنهنجي پيڪن کي هوءَ ان مونجهہ ۾ نٽي آڻڻ چاهي ۽ 'ادا! اوهان هندو، هڪ سان ٿا نڀايو، اها هڪ وڏي قرباني آ.' آلين اکين سان، موٽر ۾ واپس ويندي، تاجل چيو.

واه جو ڪلام ڳاتو. ان ڪانپوءِ پاروءَ کي ڳائڻ لاءِ چيو ويو، هن شروعات ڪئي، سچل جي ڪلام سان 'حال تہ منهنجو ڪونہ هو جيڏيون، پنهنجو رحم ڪيائون.' وري جو ان وچ ۾ الڳہ الڳہ فقيرن جا لکيل ڏوهيڙا ڏنا، ان محفل مان آواز تي آيا 'خوب... خوب'

هال ۾ چوڌاري سنڌي مسلمان ٻڌڻ وارا هئا ۽ ڊاڪٽر پارواڻيءَ جي فئملي جون عورتون ۽ مرد، خاص پاروءَ کي ٻڌڻ لاءِ آيا هئا. هنن جي فرمائش تي هن شاه جي ڪافي ۽ سامي جا ترنم ۾ سلوڪ چيا، جنهن ڪري هال ۾ وينلن کي اسين سڀ سنڌي صوفي آهيون، اها پڪ ٿي.

ان ڪانپوءِ اتي جي مشهور ڳايڪ بيدل مسرور صاحب کي شيخ اياز جو لکيل نظم ٻڌائڻ لاءِ عرض ڪيو ويو ۽ هن صاحب سر کي ملائيندي سوز ڀري آواز ۾ واه جو نظم ڳايو، بدن جا وار ڪڙا ٿي ويا.

اتي ئي چڱي دير ٿي وئي هئي، اتان تاجل بيوس جي نياڻيءَ نورجهان جي گهر وياسون. چا لاءِ تہ هوءَ ان پاسي رهندي هئي ۽ اسان سان ملڻ لاءِ آتي هئي. نورجهان ۽ سندس گهوٽ، جو پڻ راڳہ جي محفل ۾ موجود هو، سنڌي ڪلام ٻڌڻ جا شونقين هئا، هن وٽ رات جي ماني کائيندي بہ ڏوهيڙن جو رس پي ورتائون. نورجهان تہ نورجهان هئي ئي پر سندس خاوند بہ اکين ۾ سرمو پائي، ڍول تي لڳو، لاڙڪاڻي مان سندس ٻہ مائٽ بہ ان محفل جي موج وٺڻ آيا هئا.. موڪلائڻ وقت نورجهان، سوکڙيون ڏنيون ۽ کيترائي فوٽو ڪڍيا.

نورجهان جي گهر ۾ هڪ ٻي بہ دوشيده کي اسان سان ملايو ويو، هوءَ بہ اسان سان ياڪر پائي ملي. پوءِ خبر پئي تہ هوءَ نورجهان جي ڀاڄ آهي. نورجهان جي گهوٽ جي ٻي زال، ساڳئي گهر ۾ رهندي آهي. مون کي ڏاڍو تناءُ ٿي پيو. مون تاجل کي پنهنجو سمجهي، ڪانئس پڇي ورتو، چيائين

’تون سمو آنءَ گندري مون ۾ عيبن لڪ‘

چڱي بحث، ڪانپوءِ سيني قبوليو ته نوريءَ جي نياز جي جيت ٿي ۽ هوڏ رڪندڙ هارايو ۽ نوري ٿي راڻين جي راڻي، جنهن نياز سان راڻو ريجهايو.

اتي ڊنڊ تي هڪ ننڍي ريسٽارنٽ به آهي، جتي تازي مڇي پڪڙي تري پيا وڪڻن، انهن مهمانن زور ڪري تاجل کي به اتي وهاري ڇڏيو، اسان واري موٽر ۾ موٽندي رڪيل مورائي هو.

پوڻي ستين اتان نڪتاسين، انهن جي موٽر لاءِ ترسڻ بنان واپس ڪراچي پهچڻ جو فيصلو ٿيو، ساڍي ستين بڄ ٽائين اسان جي موٽر هوا سان ڳالهيون ڪندي پي هلي. امپورٽيڊ، سيڊان موٽر هئي ۽ هلائڻ وارو به هوشيار ڪشميري ڊرائيور هو. اچانڪ هن موٽر جو به ٽاير پئنچر ٿيل لڳو. موٽر رستي تي پاسي ڪري بهاري رستي تي بتيون ڪونهن، چڱي اونده پي لڳي، ڊرائيور ڊڪي کولي، ان ۾ پيل اسٽفن پئنچر هو ۽ ويل پانو به ماچيس جي تيلي ٻارڻ سان به نه لڌو.

ڏاڍي پريشاني ٿي، ڪو وقت تاجل واري ڪار جي لاءِ نهاريندا رهياسين. آخر ڊرائيور ٻئي ڪنهن جي ٽيمپو ۾ چڙهي، ٽاير ڪٽي نهرائڻ لاءِ ويو ۽ جنهن کي واپس اچڻ ۾ پوڻي به ڪلاڪ لڳي ويا. اوستائين اسين بلڪل پريشان ٿي وياسين.

هيءَ رڪيل مورائي گڏ هو نه ته نه تناءَ ۾ اچي وڃون ها. جيتوڻيڪ هڪ ٻئي جي شڪل به ڏسڻ ۾ نه ٿي آئي، پر پاڻ ۾ ڳالهائي، پنهنجو هئڻ جو هڪ ٻئي کي احساس ڪرائي رهيا هئاسون.

جيڪا ڪار پي لنگهي، اها تاجل جي سمجهي ان کي هٿ پي ڏنائين، رڪيل مورائي جو خيال هو ۽ اسان کي هو ڪيئن به ڪراچي موڪلي ڇڏي ۽ پاڻ ويهي ان ڊرائيور جو انتظار ڪري.

ڪينجهر ڍنڍ تي...

هڪ خط ۾ تاجل بيوس لکيو هو ’ادا! تون سنڌ اچ ته سهين، اسين توکي ڪلهن تي چاڙهي ڪينجهر ڏيکاريندا سين.‘

هو ته ائين برابر لڳي ويو، پر ڪنيجهر جو نالو ئي مون ڪيترن ليکن ۾ ايترو پڙهيو هو، جو ڪينجهر ڄڻ مون ڪي ڪوٺي رهي هئي، ۽ ان سان لاڳاپو رکندڙ نوري ۽ ڄام تماچيءَ جو قصو.

١٢ بجي دادا ڱنگواڻيءَ جي گهر ۾ گڏجي، ڪينجهر لاءِ نڪرڻ جو وقت مقرر ڪيو هئوسين. رڪيل مورائي ته وقت سر پهچي ويو پر تاجل ۽ سندس نائي ۽ هن وٽ آيل لاڙڪاڻي مان مهمان آيل هئا، ان ڪري شايد دير ٿي هئي هو ڏيڍ بجي آيا، ان کان اڳ ۾ دادا ڱنگواڻيءَ سڀن لاءِ ماني ڪرائي ڇڏي. اسان ته ويشنو هئاسون پر هنن لاءِ ڇڪن ۽ ٻيا طعام هئا.

ماني کائي اسان اڍائي بجي اتان ڪينجهر ڍنڍ لاءِ نڪتاسين هڪ اسان جي موٽر هئي ۽ ٻي تاجل بيوس جي، پر تاجل کي اسان وچڻ وقت پنهنجي موٽر ۾ وهاريو هوسون. سارو وقت ڳالهيون ڪندا هلياسين، اچانڪ تاجل واري موٽر جو هڪ ٽاير پئنچر ٿي پيو، ان ڪري هڪ دڪان تي ٻهي چانهه جو پيالو پيتوسين.

پوءِ آخر اچي پهتاسين، ڪينجهر ڍنڍ تي هوا جي هير لڳي رهي هئي، جنهن ڪري اکيون ڳويا ٺري رهيون هيون.

اونده نه ٿي وچي ان ڪري جلد جلد هڪ ميربحر کي ٻيڙي آڻڻ لاءِ ڪوٺيوسين ڍنڍ ۾ پاڻي گهٽ هو پر ڍنڍ ۾ گهمڻو ته ضرور هو.

ٻيڙي هلندي رهي ۽ پاروءَ کي تاجل کي شاهه جا، نوري ڄام تماچيءَ تي لکيل بيت ياد ايندا ويا.

آهي.

اسان جي ڪار نهي ۽ اسان هنن جيپ وارن جا ٿورا مڃيا ۽ اڳتي هلياسين، اجان ڪراچي چڱو پري هئي ان ڪري ڊرائيور کي، جتي به پهرين ريسٽارنٽ اچي، اتي ڪيس بيهڻ لاءِ چئي ڇڏيوسين. هڪ ته چانهه جو گرم گرم پيالو کپندو هو، ٿڪاوٽ دور ڪرڻ لاءِ ۽ ساٿ ساٿ ڪٿان دادا گنگواڻي کي فون ڪري ٻڌائڻو هو ته اسان کي موٽر جي ٽائر پئنچر ٿي وڃڻ ڪري گهر پهچڻ ۾ دير ٿيڻي هئي. هن کي ڏاڍو اسانجو اونو ٿي پوندو هو، جيستائين گهر ۾ اسين نه پهچندا هئاسون. ان رات ڪينجهر تان موٽڻ بعد اسان کي ٻاهر ريسٽارينٽ ۾ هلي خاص ماني کارائڻ وارو هو، ائين هن صبح جو ئي اسان کي پروگرام ٻڌائي ڇڏيو هو.

اسين رات جو گهر ١٢ بجه پهتاسين اسان کي ايتري دير سان اچڻ ڏاڍو خراب ٿي لڳو پر هوڏانهن وري دادا گنگواڻيءَ کي اها خراب ڳالهه لڳي، جو ڊرائيور نڪرڻ کان اڳ، ٽائر ۽ ويل پاڻي کي چونه‌جاچيو هو.

دير ٿي وڃڻ ڪري دادا گنگواڻي اسان لاءِ گهر ۾ ئي کاڌو نهرايو هو، اسان سان گڏ کائڻ لاءِ ترسيو ويٺو هو، لڪ لائق هن جا.

اسان سان تہ ھو پھريون ڀيرو مليو ھو پر سندر لکڻيون ۽ شعر سڀون لاءِ موڪليندو رھيو ھو. ھن جي واقفيت بہ اسان کي تاجل جي معرفت ٿي. ھو مخزنون ۽ سنڌي ڪتاب خوب ٿو پڙھي. اڄ جو شاعر شريڪانت ’صدف‘ جي سڀن ڪتابن کي ھن پڙھيو آھي، ان جي لکڻين تي لکيو بہ آھي.

تاجل بيوس جي موٽر آخر اسان کان تہ نہ لڌي يا ھن کي بہ اسان ڏسڻ ۾ نہ آياسين ۽ سندن ڪار بہ اونده ۾ تيزيءَ سان لنگھي وئي ھوندي.

آخر ٻن ڪلاڪن جي انتظار ڪانپوءِ، ڊرائيور سھڪندو سھڪندو، ڪنھن ٽرڪ مان ٽائر سميت لٿو پر وري ويل پاڻي لاءِ ھرھڪ ڪار کي ٻھارڻ جي ڪوشش ٿي رھي ھئي. ھڪ نيڪ انسان پنھنجي جيپ وانگر موٽر ٻھاري ۽ اسان جي مشڪلات کي سمجھي، ويل پانو ڏنو، پنيان ڪار ٻھاري، ھيڊ لائيٽ ٻاري چڙي جنھن جي آڌار تي ڊرائيور ويل بدلائي سگھيو.

ان سڄڻ اسان کان پڇيو، اسين ڪٿان آيا آھيون... ممبئي جو نالو ٻڌي ھن جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي، ھن وڏيڪ پڇيو ممبئي جي کھڙي ايراضي ۾ رھندا آھيو. اسان چيو، ’مھيم‘ ھن چيو ’ادا اسين بہ ممبئي مان ئي آيل آھيون، اسين اتي محمد علي روڊ تي رھندا ھئاسون. توھان تہ اسان جي ڳوٺ جا نڪتا. اوھان ڪوبہ خيال نہ ڪيو، اسين ھت ئي ترسنداسين، جيسين اوھان جي موٽر جو ٽائر بدلجي وڏيڪ ممبئي جي حالتن بابت پڇي رھيا ھئا. ھو جيپ ۾ ڇھ ڄڻا ڪن ھئا. الاجي ڇو اندر ۾ ڪجھ ڊپ پيو ستائي. ھڪ اونده، ٻيو ويران رستو، رکي رستي تان زوم سان ڪار ٻئي پاسي لنگھي پئي وڃي، ڪوبہ ڪنھن ڏانھن نھاري نہ پيو، سڀني کي پنھنجي منزل تي پھچڻ جي تڪڙ ھئي. جڻن ممبئي ۾ بہ ھاءِ وي تي ھوندي آھي. لوڪل ٽرين ۾ ويندڙ ٽرين ۾ ڊوڙون پائي چڙھندو آھي، بس ۾ ويندڙ بس ڏانھن ڀڄندو

’سائين اوهان سنڌي آهيو؟ اسين انديا مان آيا آهيون ۽ اڌ صديءَ کانپوءِ، پهريون ڀيرو پنهنجو ملڪ ڏسڻ لاءِ ويزا ملي آهي. مان هڪ ئي ساهيءَ ۾ سڀ ڪجهه چئي ويس، جيتوڻيڪ پنهنجي سڀاءَ موجب، مان ڪنهن ساڻ پاڻيهي نه ڳالهائيندو آهيان. جنهن سان مون ائين ڳالهايو، اهو هو ڊاڪٽر رشيد احمد شاهه، جو ڄام شورو ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسيلر. هو به ڪراچيءَ کان سکر تي ويو.

مون پڇيو ’ادا! اسين ممبئي ۾ ڪيترا ئي تعليمي سيمينار ڪندا آهيون ۽ ڪيترن سڄڻن کي سنڌ مان هڪ هڪ ڪري گهرائيندا به آهيون، اوهان اسان وٽ ايندا؟‘ شاهه صاحب خوشي ظاهر ڪندي، پنهنجو وزٽنگ ڪارڊ ڪڍي ڏنو ۽ چيائين ۽ اهائي اسان سنڌين جي خوبصورتي آهي جو رستي ويندي، پنهنجائپ پيدا ڪري ڇڏيون. ’اوهان دعوت ڏيندا، مان ضرور ايندس ۽ اتي اچي مقالو به پڙهندس، سنڌي هندن سان به اچي گڏجاڻي ڪندس.‘

هن سان جا ٻي ادي سنڌي ۾ ڳالهائي رهي هئي، سا هئي پروفيسر زاهدا، ڏاڏو سڪ ۽ سوز سان ملي. هوءَ ڪئمسٽري جي پروفيسر آهي. ۽ پاروءَ جو هٿ پڪڙي چيائين، ’اسين توهان کي اڄ تائين ياد ڪندا رهندا آهيون، اوهان جا ٺهرايل اسڪول، ڪاليج، اوهان جي ڇاپ هنيو بيٺا آهن.‘ ڏاڏي پاٻوهه مان پنهنجو فون نمبر لکي ڏنائين ۽ چيائين، ’مان اوهان جي فون جو انتظار ڪندس، جڏهن به اسان جي شهر ۾ اچو، ضرور گڏجڻو اٿو.‘

سکر ڏانهن ويندڙ مسافرن کي مائيڪ تي سڏ ٿيو ته ايئر ڪرافٽ تيار آهي.

اسان هنن سان موڪلايو پوءِ ايئر ڪرافٽ ڏانهن وڌياسين ڪراچي کان سکر تائين جهاز کي چاليهه منٽ لڳا. جهاز آهستي آهستي اسپيڊ گهٽائيندي جڏهن بيٺو، اسان کي جهاز مان لهڻ جي اٽڪڻ ٿي، هونءَ به الاجي ڇو هر مسافر جهاز مان هيٺ لهڻ وقت تڪڙ ڪندو آهي. پر اسين سکر جي زمين تي پير

سکر ڏانهن.....

اسان لاءِ ٽرين جي ٽڪيٽ راڻيپور لاءِ دادا گنگواڻي وٺي رکي هئي، جتان درازا صرف ٻه ڪلوميٽر ڪن پري آهي، ٽرين ڪراچيءَ مان رات جو نڪري ٿي جا صبح جو ٥ بڄ ڪن راڻيپور پهچي ٿي. پر سخي سائين اهي ٽرين جون ٽڪيٽون رد ڪرائي ڇڏيون، جي ’هي رات واري ٽرين ۾، سو ٻه اڪيلو فرسٽ ڪلاس ۾ ڪيئن ايندا؟‘ گنگواڻي صاحب کي فون تي هدايت ڪيائون ته هوائي جهاز جون ٽڪيٽون سکر تائين وٺي رکي ۽ اسان کي هو سکر ايئرپورٽ تان گهرائي وٺندا.

سچ پڇ ته هنن منهنجي دل وٽان ڳالهه ڪئي، ٽرين ۾ سفر، سو ٻه رات جو ۽ راڻيپور پهچڻ جو وقت آسر جو! الاجي چو پنهنجي ئي ملڪ ۾ کهڙو ڊپ ٿي رهيو هو. ٥٥ سال اڳ ٻه اهڙي ئي هڪ ٽرين ۾ ڪراچي کان ايندا هئاسون ۽ اها ٽرين ٻه راڻيپور ۾ صبح جو سوير ئي پهچندي هئي ۽ اسان کي وٺڻ لاءِ اسٽيشن تي ٽانگو موجود هوندو هو.

جيڪڏهن سياري جي موسم هوندي هئي ته ٽانگي وارو، پنهنجو ڪنبل لاهي منهنجي مٿان وجهي ڇڏيندو هو، هي سنڌي مسلمان ڪيتري عزت ڪندا هئا...!

صبح جو اسڪول ويندڙ ٻارن جون ننڍيون وڏيون بسون رستن تي رڪاوٽ ڪري رهيون هيون، پر اسان جو ڊرائيور، هوشياريءَ سان ننڍين ننڍين گهٽين مان لنگهندي، ٽرئفڪ کان پاسو ڪندي، وقت تي ڪراچي ڊومسٽڪ ايئرپورٽ تي پهچايو.

ٽراليءَ تي سامان رکي ايئرپورٽ جي لونج ۾ سڪيورٽي چيڪنگ ڪائونٽر طئه ڪندا اچي پهتاسين. هوائي جهاز ۾ چڙهڻ لاءِ اڃان پڌرائي ڪانه ٿي هئي. اڃان اسان ڪرسين تي وهڻ لاءِ سوچيو ئي پئي ته ڪنن تي ڪنهن جي سنڌي ۾ ڳالهائڻ جو آواز آيو. الاجي ان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهڙي سڪ ۽ چڪ آهي جو دنيا جي ڪهڙي ٻه ڪنڊ ۾ وڃ ته اهو سنڌي لحظي وارو آواز دل کي ڇڪي ٿو.

ريسٽارنٽ 'فورم ان' جي ٻاهران اچي بيناسين، جتي اڳ ئي ناشتي لاءِ بندوبست ڪيل هو. سخي سائين سان ڳالهيون ڪندي ان ريسٽارنٽ جي خاص حصي ۾ گهڙياسين. خوب خاطرداري ڪيائون. سخي سائين مون کي ئي سيني کان ويجهو وهاريندا آهن. مون کي ياد ٿو اچي جڏهن ممبئي مان گانڌيڌام ڪين گهرايو ويو هو، اتي هڪ اسڪول جو پٿر مٿان پردو کولي مهورت ڪرڻو هو، ڪنڊلا بندر ۾ اسٽيمبر نهرائڻ واري شپنگ ڪمپني جو مالڪ شري ڪنعيالال ڪيولراماڻي، اسان لاءِ به هوائي جهاز جي ٽڪيٽ، اگيزڪيوٽو ڪلاس جي موڪلي ڪوٽ ڏني هئي، گانڌيڌام ڪنڊلا ۾ آديپور (ڪڇ) ۾ سنگيت پروگرام ڏيڻ لاءِ رٿا رٿي هئي. ممبئي ۾ هوائي جهاز ۾ چڙهڻ وقت، ساٿس گڏ اسين، مان پارو ۽ ڪماري امرتا لالچنداڻي هئي، هن کي به سنڌي ڪلام ڳائڻ لاءِ گهرايو ويو، ان سواءِ امريڪا مان، دبئي مان ممبئي جا سچل سرمست جي درگاهه جا خليفا ۽ ٻيا ڪم ڪندڙ به گڏ هئا. سيني جو اهوئي خيال هو ته سخي سائين جي سيٽ جي پاسي واري سيٽ تي ضرور ڪو خليفو ئي ويهي سگهندو، ان ڪري سيني پنهنجي پنهنجي ليکي هنن مان پهرين ئي جهاز ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر سڀ عجب ۾ اچي ويا، جڏهن سخي سائين پنهنجي پاسي واري سيٽ تي پنهنجي چشمي جو خالي ڪور رکي ڇڏيو. سڀ خليفا، خاص ڪم ڪندڙ جاءِ ڀريل سمجهي، اڳيان هلندا ويا. جڏهن ئي مان جهاز ۾ اڳئين حصي کان اندر گهڙيس، سخي سائين هٿ کان پڪڙي پنهنجي پرسان وهاري ڇڏيو. اهي هنن جا لڪ ٿورا آهن. مون چيو 'سائين مان ڪٿي به وڃي ٿو وهان، هت....' 'تاڪر تون اسان جي دل جو خليفو آهين...' گانڌيڌام مان موٽندي به هنن ائين ئي ڪيو ۽ ممبئي ايئرپورٽ تي لهڻ کان ٿورو اڳ هنن پنهنجي ڪوٽ مان هڪ امريڪا ۾ ورتل بال پين ڏني ۽ اڄ به ان ئي پين سان ئي هي سفرنامو لکي رهيو آهيان. سخي سائين ڪٿي به، هجي هن جا مذاقي چٽڪا، هر ڳالهه تي موزون هوندا هئا. ائين لڳندو آهي ڳويا

رکڻ لاءِ اُتاولا ھئاسون. اھو سکر، جنھن ۾ سنڌ جو مایاناز شاعر شیخ ایاز رھندو ھو، جتي سنڌین جي ساڈیلو نھیل آھي، جنھن شھر ۾ مان پھرین سنڌي فلم 'ایکتا' ڈسڻ لاءِ خاص آیو ھوس. جھاز جي ڈاکڻ ھیٺ لھي، ایئرپورٽ جي ارائیول ڈانھن مڙیاسین مس تہ، وڈي دروازي وٽ ئي برائون رنگ واري سفاري کوٽ ۾ سخي سائینءَ کي بیٺل ڈٺوسین. جیتوڻیک کین فون تي عرض کیو ھئوسین تہ ۾ ایڈائي کلاک جي موٽر ۾ مسافري کري درازن مان سکر نہ اچن، صرف کنھن کي چئي چڈین تہ اسان کي درازن تائین پھچائي، پر ھنن کي ھونءَ ئي کراچي نہ اچڻ لاءِ مشکل سان کین مڃایو ھو پر ھو سکر ایئرپورٽ تي ھلي آیا. ھنن جي شخصیت ۾ ایتري تہ پنھنجائپ ملندي آھي، جو ھنن سان ئي، گڈ ھجڻ، اھڙن ٻین ٻن شخص سان گڈ ھوندي بہ ائین محسوس کیو اٿئون، ھک دادا جشن واسواڻي ۽ ٻیو دادا رام پنجواڻي انھن ٽنھي سان گڈ ھوندي منھن تي گویا روشني اچي ویندي آھي. اکین ۾ چمک ھوندي آھي، ھنن سان ملاقات کئي سون 'ھيءَ سکر ایئرپورٽ جو مئنیجر آھي' سخي سائین جنھن سان واقیفت کرائي، 'ھن کي سامان جون ٽکیٽون ڈیو' اسین ایئرپورٽ کان ٻاھر آیاسین، اُتي پیجرو، ۳۵ لکن جي نئین موٽر، اسان جي انتظار ۾ بیني ھئي ۽ ان جي ٻاھران بہ ملٽري جا ماڻھو، یونیفارم ۾ ۽ بندوقون کنیو، جڻ سلاميءَ لاءِ بینا ھئا. ان اي.کي. ۴۷ بندوقن مان ھک منٽ ۾ ۳۰۰ گولیون نکرندیون آھن، ٻئي پاسي ۾ سکر ۽ روھڙيءَ جا فقیر سنڌي کلام ڳائیندي، پلي کري آیا' چئي رھیا ھئا. سکر جو قاضي صاحب، سچل سرمست درگاہ جو مرید، گلن جا ھار کنیو، کن ٻین سان گڈ بیٺو ھو.

سخي سائین پنھنجي مریدن سان واقفیت ڈیندي چیو، 'ھي آ ٺاکر ۽ ھيءَ آھي 'امان' پاروءَ جون تہ اکیون ئي پرجي آیون ۽ مان وري اھڙي آدر تي ئي حئران تي رھیو ھوس. اسین بہ ۽ ایئرپورٽ تي ھیترا ماڻھو وٺڻ لاءِ آیل ھئا.

سکر جا وڈا رستا لگھندي ۽ شھر جون گھٽیون گھمندي ھک

درازن ۾ پهريون ڏينهن...

سنڌ جي مٽيءَ ۾، پاڻي ۾ اهڙو ڪجهه آهي جو سنڌ مان موٽندي اڪثر اُن مهنا گذري ويا آهن پر ان هوندي به اتي جون يادگيريون ذهن ۾ هليون ٿيون اچن.

مون کي اها سڌ هئي ته منهنجو سنڌ ۾ ڳوٺ راڻيپور ۽ درازا آهن، راڻيپور ۾ هاجناشاه نالي هڪ وڏو درگاه آهي ۽ درازن ۾ سچل سرمست جو درگاهه، جتي مان ننڍي هوندي لوڙهو ٽپي ويندو هوس ۽ خاص ڪري جڏهن اتي فقير اچي ڳائيندا هئا ۽ محفل مچندي هئي. هڪ دفعي ته دادا رام پنجواڻي، ساوتري گدواڻي سان گڏ اتي صوفياڻي چونڪي ڪئي هئي ۽ راڻيپور مان ٽانگي ۾ چڙهي اتي ويو هوس. جمن ٽانگي وارو گويا اسان جو پنهنجو ئي ليکيو ويندو هو. هن کي ٽانگو، منهنجي بابا وٺي ڏنو هو، جئن هو پنهنجي زال ۽ ٻارن لاءِ ڪجهه ڪمائي سگهي. ان ڪري جڏهن به اسان مان ڪو ڪراچيءَ مان راڻيپور ويندو هو ته اِسٽيشن تي اسان لاءِ ٽانگو مؤجود هوندو هو ۽ اوستائين جڏهن اسين واپس ڪراچي وڃون.

اڌ صدي گذرڻ کانپوءِ جڏهن پهريون ڀيرو پنهنجي وطن جي مٽيءَ کي چمڻ جو موقعو مليو ته ماڳهه ان سچل سرمست جي درگاهه جي گاديشين جا مهمان ٿي وياسين. هنن جي حويلي ۾ ئي اسان کي ڪمرو ڏنو ويو هو. اتي هفتو رهندي سڌ پئي ته ان ڪمري ۽ باٿ روم جي ڪجهه ڏينهن اڳه ئي مرمت ڪئي وئي هئي، ديوارن تي خوبصورت تصويرون هنيون ويون هيون. اسانکي هر نموني جي سهوليت هجي، اهڙي ڪوشش ڪيل هئي.

جڏهن مان سخي سائينءَ جي ئي ٣٥ لکن واري موٽر ۾ درازن ۾ گهڙيس ۽ رستن تي بيٺل عوام، جنهن ۾ زالون، ٻار ۽ ٻڍا هئا، ان موٽر ۾ اسان سان گڏ ويٺل سچل جي گادي نشين کي عقيدت سان سلام ڪري رهيا هئا. درگاه جي سامهون حويلي جي وڏي دروازي وٽ اچي موٽر بيٺي ۽ هارن وڄائيندي ئي دروازو کليو ۽ موٽر بلڪل حويليءَ جي ننڍي دروازي جي

هر روز هو گفتن جو ڪو ڪتاب پڙهي وهندا آهن.

سڪر جي ’فورم ان‘ ۾ جيستائين نيرن تيار ٿي اچي، سخي سائين جا اهي گفتا سنگت ۾ رنگ لائيندا رهيا، ناشتو، بلڪل حب ۽ پيار سان نهرايو ويو هو، خوب چشڪو ورتوسين.

سڪر کان درازا شريف تائين ٻه اڍائي ڪلاڪ موٽر ۾ ٿين ٿا. ننڍا ننڍا رستا لنگهندي، وڏي هاءِ وي تي پهچي وياسين. ڪار ۾ رهاڻيون ڪندا، اچي درازي پهتاسين. اهوئي ساڳيو بلو رنگ جو سچل سائين جو قبو، جنهن جي دروازن تي، پٿين تي، چٽين تي روح تي راحت ڏيندڙ گفتا لکيل آهن. من کي سمجهائڻ لاءِ ٻول اڪرايل آهن. جيون سڌارڻ لاءِ ڳجهيون ڳالهيون لکيل آهن.

هاءِ وي تي ڪن رستن تان نه وڃڻ جا بورڊ لڳل هئا پر جيئن ته سخي سائين جي ڪار تي مٿان پوليس جي بلو رنگ جي لائيٽ لڳل آهي، ان ڪري ان ڪار کي ڪو به روڪي نه پي سگهيو، ۽ ون وي مان به اندر گهڙي اڌ ڪلاڪ جو پنڌ بچائي پهتاسين. درازن ۾ ڪا رهڻ لاءِ هوٽل آهي يا نه، ڪو گيسٽ هائوس ضرور هوندو. اهو سڀ پڇڻ جي همت ته اسان کي نه هئي. صرف اندر ۾ آنڌ مانڌ هئي ته رهبو ڪٿي؟

ڪار جي اچڻ جو آواز ٻڌي، درازن جي ڳوٺ وارا، سڌو. ٿي بهي ٿي رهيا ۽ سخي سائين اڳيان ڪنڌ ٿي جهڪايو. ڪار سخي سائين جي حويلي جي وڏي دروازي ٻاهران اچي بيٺي خاص هارن وڄايو ويو ۽ دروازو کليو. حويلي جي ٻاهران سنڌي ۾ لکيل هو ’اندر اچڻ جي سخت منع آهي.‘

شاهه صاحب جا ٻول اچي ياد پيا.

’اڳهئي ته ڪائو ڪڇ، نه ته ماڻڪن جي ٻه موٽ ٿئي،
پلئه پايو سچ، آچيندي ئي لڄ مران.

هنن کي مان بيِ بيِ جي ڪري سڏيندو هوس ۽ پارو ڪيس نونهن، ڇا لاءِ تہ سخي سائين پاروءَ کي امان ڪري سڏيندو آهي. پارو پنهنجي نونهن سان ڳالهين ۾ لڳي وئي ۽ سخي سائين مون کي ٻاهر حويلي جون ڪندون پاسا ڏيکارڻ وٺي هليو. ان ورانڊي مان هڪ ڪمرو سخي سائينءَ جو هو. هڪ سندس ٻارن لاءِ ۽ هڪ اٽئچ باٿروم سان، اسان کي ڏنو ويو هو.

حويليءَ جي اڳئين سامهون واري پاسي سچل سرمست جو درگاه هو ۽ پنئين پاسي، ڍڪيل وڏن ڪمرن ۾ چار موٽرون بيٺيون هيون، جيڪي، لڳي پيو ان وڏي نالي واري درگاه جون هيون، ڇا لاءِ تہ هڪ پليٽ تي درازا شريف- ا لکيل هو. سخي سائين ڇيو هنن مان ڪنهن ۾ بہ اوهان چڙهي گهمي سگهو ٿا. مون ٻاهران تہ ڪجھ نہ ڪڇيو، پر اندر ئي اندر ۾ ان شاهہ جي شاهہ جي رحمت جو شڪر ٿي مڃيم. ڪٿي اسين ۽ ڪٿي ايتري رحمت! حويلي جي پنئين پاسي، ايڪڙن ۾ خالي زمين ڏيکاري وئي، جا سچل جي درگاه جي ملڪيت آهي، جتي ڊسمبر مهني ۾ سچل سرمست جي ورسي جي موقعي تي، وڏا تنبو ۽ شاميانا هنيا ويندا آهن ۽ اٽڪل هڪ لک شرڌالن کي اتي سمايو ويندو آهي. پندارو سارو ڏينهن ۽ رات چالو هوندو آهي، ان موقعي تي سنڌ جو چيف منسٽر، ٻيا ڪيترائي وزير ۽ حاڪم سجدو ڪرڻ ايندا آهن. ٻڌايو ويو تہ سچل سرمست جي درگاه تي ايندڙ خرچ ۽ اُپت سڀ سرڪار حوالي آهي. سچل تي ادبي ڪانفرنس، ان موقعي تي خيرپور ۾ ڪئي ويندي آهي، جتي ڪيترائي اديب شرڪت ڪندا آهن ۽ سچل کي لکيل مقالا پڙهندا آهن.

پنهنجي ڪمري ۾ پلنگ تي ليٽيو پيو هوس، سامهون پٽ کي هڪ تختي لکيل لٽڪيل هئي. ان تي لکيل هو، ’جي تون پنهنجي، پوري اعتقاد سان، سچل سرمست وٽ درازن ۾ ايندين، تنهنجو سڀ ڪم راس ٿي ويندو.‘ مون پاڻ کان پڇيو، اندر ۾ ڪا تمنا کڻي آيو آهين ڇا؟ جواب ’نہ‘ مليو. مون کي تہ لڳندو آهي، ’هن‘ کان ڇا گهران؟ هن کي منهنجي اندر جي سڀ ڪا خبر آهي.

اڳيان نهرايل پڪي پٽ جي اڳيان اڇي بيٺي، جنهن جي ٻاهران سنڌي ۾ لکيل هو 'هن حويليءَ جي اندر اچڻ جي ڪنهن کي به اجازت ناهي' صرف گهر ۾ رهندڙ ياتين لاءِ به اندران موڪل ملڻ ڪانپوءِ. مون کي لڳو اندر ضرور پرده واريون بيبيون هونديون. منهنجي دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي وئي ۽ عجيب خوف ستائڻ لڳو. پلا مون جهڙو لڄارو هٿ ڪيئن رهي سگهندو، جيتوڻيڪ پارو سين سان جلد هري مري ويندي آهي. چاهيندي به مون کي پڇڻ جي همت نه ٿي ته درازن ۾ ڪا هوٽل يا گيسٽ هائوس ڪونهي ڇا!

ڪا ڳجهي گهنٽي وڳي ۽ حويليءَ جو دروازو کليو، اندران هڪ وڏي عمر وارو شخص نڪتو ۽ اسان جو سامان موٽر مان لاهي، اندر کڻي ويو، مون پنهنجي هلڻ کي روڪي رکيو، آهستي آهستي سين کان پنيان ٿي اندر گهڙيس. پهرين پڏر هو پوءِ هڪ دروازو جنهن جي ٻاهران کسيءَ جي چادر لڳل هئي، ان کي پاسي ڪري مان به اندر گهڙيس، اهو ورانڊو هو. هڪ پاسي رنڌڻو هو، ٻئي پاسي، سجايل ايئر ڪنڊيشنڊ اوطاق. ان ۾ اسان کي وٺي هليا. ڏهه منٽ ڪن اسين اتي هئاسون، مان ته چوطرف رکيل سامان جو جائزو وٺي رهيو هوس، ۽ اندر ئي اندر ۾ سوچي رهيو هوس، الائي هٿ رهڻو آهي، باٿروم ڳولها ڪندي به نه لڌو. ٽي وي تي زي چئنل هلايو ويو. بسڪيٽن جي پليٽ ۽ پاڻي جا گلاس پري ڪاڪو اندر آيو ۽ سنڌي ۾ اچي چيائين 'سائين بسڪيٽ کائي پاڻي پيئو.' مان وائڙن وانگر هن ڏانهن نهاري رهيو هوس. هو سنڌي مسلمان هو، سخي سائين جي گهر ۾ سالن کان خدمت ڪندو رهيو هو.

ڪجهه ئي منٽن ڪانپوءِ، سخي سائين جي وَني اندر گهڙي، سنهي، خوبصورت، چوڏاري، ڪاري لباس ۾ ڍڪيل، صرف منهن گول چنڊ جيان ۽ هٿ ۾ جهڪي سائي رنگ جي تسبيح. مون اڳ سوچي ئي رکيو هو ته ساٿس ڪيئن گڏجبو! هٿ جوڙي گڏجڻ ته هند ۾ هلندو آهي. ڪراچي ۾ جن سان به گڏيو هوس، پاڪر پائي. اها هنن سين جي سخاوت هئي.

هالاڻي دربار ڏانهن

صبح جو هالاڻي ڳوٺ ڏانهن وڃڻ لاءِ سخي سائين سان گڏ نڪتاسين. هالاڻي دربار سنڌ ۾ وڏو نالو رکندڙ آهي، اتي دربار جا شش خوب شيواڌاري آهن.

ساڳئي نالي سان اجمير ۾ به دربار ٺهيل آهي. گهڻا سال اڳ جڏهن دادا رام پنجواڻي سان گڏ، سنت ڪنوررام جي ورسي تي پروگرام ڏيڻ ويا هئاسون، تڏهن ان دربار ۾ به اسان کي وٺي هليا هئا. ان وقت سائين گوبندداس هئا. وڏي عمر جي باوجود به، هو دربار جي گهڻي شيوا ڪندا هئا ۽ مهمانن جو خاص خيال رکندا هئا ۽ وري پنڌ به ايترو تيزي سان ڪندا هئا، جو پنيان تڪڙو تڪڙو هلندي به اسين ساڻن پهچي نه سگهندا هئاسون. جڏهن ساري سنگت ماني کائي اٿي، ان کانپوءِ هو کاڌو کائيندا هئا.

هنن جي هالاڻي دربار، سيان، ممبئي ۾ به ٺهيل آهي. جتي ئي هالاڻي دربار کي مڃيندڙن جون شاديون ۽ شادمانا ٿيندا آهن. هرروز نيم سان ڪيرتن ٿيندو آهي.

وڏو روڊ لنگهي هاڻ ننڍين رستن تان هالاڻي ڳوٺ ۾ هئاسون.

’اهو سامهون جيڪو سون جو گنبذ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اهو هالاڻي دربار جو آهي‘ سخي سائين ٻڌايو.

دربار جي چوڌاري، ننڍا ڪمرا ٺهيل هئا، جن ۾ ڪي شيواڌاري ۽ دربار کي سنڀاليندڙ رهيل هئا.

سخي سائين کي نه صرف سنڌ جي درگاهن جي شيوا ڪندڙ سڃاڻن. پر هندن جي مندرن ۽ درٻارين ۾ رهندڙ به ڪين سڃاڻن.

ڪار ٻهندي ئي، سخي سائين کي سڃاڻي، نانڪرام ۽ ٻيا شيواڌاري ڊوڙندا آيا، ماتا چندرا، جهبلي ۽ پئجامي ۾ هئي، پڪي سنڌڻ پئي لڳي.‘

هنن ساري دربار گهمائي، اسان جيان سخي سائين به دربار اڳيان ۽ سنتن جي سماڌي اڳيان جهڪيو.

پورو پورو ان درويش فقير سچل سرمست جي چوڻين ۾ اعتقاد هو.

سڀئي سماڌين اڳيان سجدو ڪري ٻاهر نڪتاسين، ته فقير سخي سائين ۽ منهنجي جُتي ڪڍي اچي پائڻ لاءِ اڳيان رکي، سخي سائين لاءِ اهو ڪجهه ٿئي، اهو ته سڀاويڪ آهي پر مون ناچيز جي ڪو فقير جتي ڪڍي اچي، اها عجب ۾ وجهڻ جي ڳالهه لڳي. مون ان فقير کي چيو ’ادا! اِهو ڇا، اوهان منهنجي جُتي ڪڍي آيا آهيو...‘ هن وراڻيو ’مالڪ! اوهان درازن جي ڌرتي جا آهيو. مٿان وري سائين بادشاه جا مهمان، منهنجي ته اها شيوا ڪندي، قسمت کلي وئي!‘

رات جو ١٠ لڳا هئا، ماني کائي ڳالهيون ڪري رهيا هئاسون ته اچانڪ سخي سائينءَ الاجي ڇا سمجهي ۽ ڪنهن کي فون ڪيو ۽ پنجن منٽن ۾ نظير فقير باجو کنيو، پنهنجي ڍولڪ واري ساٿي سان اچي آفيس ۾ پهتو.

’اسان جي مهمانن کي ڪلام ٻڌاءِ...‘

فقير سچل جي ڪلام ڳائيندي شروعات ڪئي

”درازن جو شان سچل جي درگاهه،

اسان ٻنڪيلن کي ڏيکاري ٿي راهه..“

چار ڪن ڪلام هن ڳاتا، سچل جو ايترو ته ڪلام آهي جو وت ڳائيندو، کٽندو ئي نه. وري سنڌ جا فقير ڳائيندا به الڳ الڳ سرن ۽ راڳڻين ۾ تا ۽ گڏوگڏ الاهي مستيءَ ۾ گويا هونگه پيدا ڪن.

سخي سائين، ٻاروءَ کي فرمائش ڪئي ته ڪوجهيءَ جي ڪلام سان شروعات ڪري. واه جي موج آئي. صوفياڻي چونڪي ٿي وئي، روحاني ڪلام ٻڌندي ٻه ڪلاڪ گذري ويا، خبر ئي نه پئي.

راڻيپور ڏانهن....

هالاڻي کان موٽنديءَ، سپر هاءِ وي تان سڌو راڻيپور ڏانهن وڌياسين. هاڻ راڻيپور ۾ درازن جي ويجهو ئي اهو هاءِ وي تهيل آهي.

ڪلاڪ کن ۾ ئي اچي راڻيپور پهتاسين. راڻيپور ۾ اسان جي حويلي جو نالو 'ٺاڪر حويلي' هو. اهو شرف مونکي وڏي مربي پٽ هئڻ ڪري ملندو هو ۽ ٻيو تہ منهنجي پيءُ جو مون ۾ ڏاڍو موهہ هو. اها حويلي ايڏي تہ وڏي هئي جو، ڪنهن جي بہ شادي تي، اوطاق واري پاسي کان، منهنجو ڏاڏو پنهنجي مٽ مائٽ کي دروازو کولي ڏيندو هو ۽ اوطاق جي پڊر ۾ ۴۰ کٽولا پئجي سگهندا هئا ۽ ان اوطاق ۾ حويلي جي وچ واري پٽ جو دروازو کولڻ سان حويلي واري پڊر ۾ اچي وڃبو هو ۽ ان پڊر ۾ بہ ۱۰۰ کن واڻ جون کٽون آرام سان پئجي سگهنديون هيون. ان سواءِ گرائونڊ فلور، پهريون ماڙو ۽ ٻيون ماڙو، ڪيترن ئي وڏن وڏن ڪمرن سان موجود هو ۽ اڳيان ورانڊو هو ۽ انهن ڪمرن جي اندران وري ننڍڙا ننڍڙا ڪمرا بہ هئا، جنهن ۾ ڪيترا بہ مهمان اچن، سمائجي ويندا هئا.

ان حويلي کي اسين ائين ئي اچانڪ ڇڏي آيا هئاسون. پلنگ، ٽيبل، ڪرسيون، بسترا، ڪپڙا، ويندي زر زيور.

مون سوچيو هو تہ ڪو وڏيرو يا هلندي وارو سنڌي مسلمان اچي رهندو. پاسي ۾ اوطاق، کوهہ، ٻنيون، دواخانو حاصل ڪندو ۽ راڄ ماڻيندو پر سرڪار تہ اها حويلي پنهنجي قبضي ۾ ڪٽي ڇڏي.

ڊاڪٽر تنوير عباسي ٻڌايو هو تہ 'جنهن حويلي ۾ سچل ڪاليج کوليو ويو آهي، اها اوهان جي ئي حويلي ٿي سگهي ٿي.' ڪجهہ سالن کانپوءِ اها تصديق منهنجي ننڍي ياءُ جيوت- چاولا ۽ پونم ڪئي، جيڪي، مون کان اڳہ سنڌ جو سئر ڪري آيا هئا ۽ ان حويلي ۾ داخل ٿي، ڏسي آيا هئا ۽ ان حويلي جي اندر فوٽو ڪڍي، مون کي پڪ ڪرايائون.

سچل ڪاليج هاڻ درازن ۽ راڻيپور، وچہ نئون ٺهيو آهي، ان ڪري هاڻ ان حويلي ۾ سچل ڪاليج ۾ پڙهندڙن ۽ پاڙهيندڙن

چون تا ڪنهن وقت سنت ڪنوررام جي وقت ۾ پڳتن جون ٨٤ توليون هونديون هيون ۽ هاڻ گهٽجي اٽڪل ١٢ پڳتن جون توليون وڃي بچنديون آهن، جيڪي پڳت ڪري گذران ڪن ٿيون.

دربار ۾ بڌايائون تہ اپريل مهني ۾ اتي ٽي ڏينهن ويساکيءَ جو ميلو ٿيندو آهي. آس پاس جي ڳوٺن مان سنگت اچي ڳاهٽ ٿيندي آهي. سنڌ ۾ رهندڙ پڳت ڏيونداس ۽ ٻيا پڳت ان ميلي ۾ اچي پڳت وجهندو آهي ۽ رات دير تائين مستي ۽ موج هوندي آهي.

اتي جي شيواڌارين مٿي سون جو گنبذ ڏيکارڻ لاءِ ڪوشش پئي ڪئي جو مٿي وڃڻ جي دروازي کي تالو لڳل هو ۽ ان جي چابي نہ پئي لڀجين. شيواڌارين تالي کي ڀڃڻ جي ڪوشش بہ ڪئي پر هنن ڪان نہ پڳو پوءِ سيڪيورٽي وارن ئي اسان جي چوڻ تي تالو ڀڃي ڏنو. اسان مٿي سون جو پترو چڙهيل گنبذ کي هٿ لاهي ڏٺوسين. اتي بڌايائون تہ ڪن شخص ان گنبذ کي ڏاڪڻ رکي چڙهي، سون لاهڻ جي ڪوشش بہ ڪئي آهي پر هر دفعي هو ذوم سان هيٺ ڪري پيا آهن ۽ هڏ گڏ ڀڃائي ڀڃي ويندا آهن. هن دربار جا عجيب اعتبار ۾ نہ ايندڙ واقعا بڌايائون جي سچ پچ چمتڪار ئي هئا.

هنن اسان سڀن کي ناشتو ڪارايو ۽ چانهن پياري ۽ ڪانئن. موڪلائي، دربار جي ٻاهران فوٽو ڪڍايو.

وئي هئي ۽ اوريجنل ڪنجي، جا بابا پنهنجي جٽئي ۾ وجهي چڙي هئي. جئن اها ڪٿي گم نہ ٿي وڃي ۽ هر وقت هنن وٽ قابو هجي.

تجوڙيءَ جي چابي هٿ لڳڻ ڪانپوءِ تہ مان سچ پچ پاڪي زميندار سمجهڻ لڳو هوس. ان ۾ تهين سان گڏ ٻيا بہ ڪيترائي ائين اڻ ڳڻيل نوٽ پيا هوندا هئا، جن مان بہ چار نوٽ ڪڍڻ ۾ تہ بابا کي خبر ئي نہ ٿي پئي سگهي ۽ سچ پچ ڪڏهن بہ آخر تائين منهنجي اها چوري نہ پڪڙجي سگهي. مان ان مان نوٽ ڪڍندو رهندو هوس ۽ سڀني دوستن کي کارائيندو پياريندو رهندو هوس ۽ ائين مان شاهوڪاري جو رعب رکي سگهيس.

حويلي جي مٿي پهرين ماڙ تي، ان ڪمري ۾ گهڙندي ئي 'ڪنهن سان ڳالهہ نہ ڪجهہ' ڪهاڻي ياد اچي وئي.

پروفيسر صاحب پنهنجي ٻارن کي ٻڌايو تہ اسين اِنڊيا مان آيا آهيون ۽ هي گهر اسان جو هو. لڳي پيو هنجي بيگم بہ ان ورهاڱي جي ڏک جي ستايل هئي، هوءَ بہ ائين جبلپور ۾ گهر ڇڏي آئي هئي. ان احساس کي خيال ۾ رکي هن اسانکي ڪٽ تي وهاريو، بسڪيٽ کارائي پاڻي پياريو، ٻارن سان فوٽو ڪڍايو. منهنجي ذهن ۾ جهونيون يادگيريون صاف صاف ٿينديون رهيون.

مان اڪيلو بہ ماڙ تي چڙهي وبس ۽ ان ڪمري ۾ اچي بيٺس، جتي مان ۽ آس پاس ۾ رهندڙ هندو يا سنڌي مسلمان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون 'ادين - دادين' راند ڪندا هئاسون ۽ ٻنيءَ مان پٽي آيل تازيون تازيون موريون کائيندا هئاسون ۽ اها راند ڪندي بہ ٿي ڪلاڪ تہ واهہ جو گذري ويندا هئا.

گرميءَ جي موسم ۾ مان پڌر ۾ ڪليل هوا ۾ کٽولي تي هنڌ وڇائي سمهندو هوس ۽ اڌ رات جو اکين کلندي ئي اونده ڏسي ڊجي ويندو هوس ۽ وٺي رڙيون ڪندو هوس ۽ امل مائي، جا سنڌي مسلمان هئي ۽ ننڍي کان ئي هن مون کي ڄڻ گويا پاليو هو، لانڍيءَ جي ٻاهران سمهندي هئي ۽ رڙيون ٻڌي اچي مٿي تي ڪنهندي، ننڊ ڪرائيندي هئي ۽ وقتي تہ ڪيس بہ اتي ئي ننڊ اچي ويندي هئي. هن جي ڪهاڻي 'مائي امل' ياد اچي وئي.

پروفيسرن لاءِ هاسٽل ڪئي اٿائون.
سخي سائين، سچل ڪاليج جي معلومات پوندي سڌو ان حويلي مان پنئين پاسي اچي، ڪار کي بهاريو، جڏهن اسان اها حويلي ڇڏي هئي، تڏهن اهو پنئين پاسي دروازو ڪونه هو، ان وقت پنئين پاسي بني هئي.
موٽر مان لهندي سخي سائين چيو 'اجهو هيءَ آهي سچل جو ڪاليج، جنهن کي هاڻ سچل هاسٽل ڪئي وئي آهي.'
جئن ته هي پنيون پاسو هو، مان منجهي پيس، پاروءَ ته اها حويلي اڳ ڪڏهن ڏٺي ڪانه هئي، هوءَ ته خاموش رهي. مان اڳيان دروازي ڏانهن وڌيس، ان ٻاهران هڪ بورڊ لڳل هو، جنهن تي لکيل هو 'هي الله جو گهر آهي' مان وڌيڪ مونجهه ۾ اچي ويس.
سخي سائين پنهنجي سڪيورٽي کي اندر وڃي پڇا ڪرڻ لاءِ موڪليو ته برابر اهوئي سچل ڪاليج هو يا ڪجهه مهنا اڳ هوندو هو.
ڪجهه منٽن ڪانپوءِ اندران هڪ پروفيسر ان سڪيورٽي آفيسر سان ٻاهر نڪري آيو ۽ دعا سلام ڪرڻ ڪانپوءِ ٻڌايو ته هو ٻه پنهنجي ڪٽنب سان ان حويلي ۾ رهندو آهي ۽ هو سچل ڪاليج ۾ پروفيسر آهي. جڏهن خبر پيس ته اسان جنهن سان گڏ آهيون، اهو سچل سرمست درگاه جو گادي نشين آهي، هو پروفيسر جيتوڻيڪ سنڌي نه هو پر ان هوندي پڙهيل نيڪ انسان هو، اندر هلي حويلي ڏسڻ لاءِ چيائين، جڏهن سخي سائين کيس ٻڌايو ته اها حويلي، ورهاڱي کان اڳ اسان جي هئي ۽ اڏ صدي ڪانپوءِ اها اسين ڏسڻ آيا آهيون.
اندر گهڙياسين برابر ساڳيو وڏو پڌر، وڏا ورانڊا، وڏا وڏا ڪمرا، وري انهن ۾ ڪمرا، پاسي کان وڏي لانڊي، هينئين ڪمرن ۾ مون پنهنجو ڪمرو ڏيکاريندي چيو 'هيءَ الماري، جنهن ۾ مان دنيا ڀر جا عطر عنبير گڏ ڪري رکندو هوس ۽ هرروز موڊ کي جاچيندي، عطر ڪم آڻيندو هوس ۽ جيڪا اندرئين ننڍي ڪمري ۾ بابا جي رکيل تجوڙي هئي، جنهن ۾ ان وقت ٻه سوَ سوَ رپين جون ٿهيون پيون هونديون هيون.'
جنهن جي ٻي چابي مون کي ڪنهن ڪٻٽ مان هٿ لڳي

هئا، ان کي خيال ۾ رکي اسان جي حويلي جون ڀتيون، ڪوٽ وانگر ڪيون، ۽ ١٥ فوٽ مٿي هونديون هيون ۽ انهن جي مٿان وري شيشا ڀڃي انهن جا ٽڪرا ٽڪرا ڀتين مٿان لڳل هوندا هئا، جيئن ڪوبہ چور مٿي چڙهي، ٽپي نہ سگهي ڳويا قلعو لڳندو هو.

اُتان اٽڪل ٻي ٻجي درازا موٽياسين، ماني تيار هئي، ٻي ٻي جي اسان جو انتظار ڪري رهي هئي. جيسٽائين ڪاڏو ٽيبل تي گرم تي رکجي، خبر پئي تہ ٻي ٻي جي بہ راڻيپور مان ئي شادي ڪري آئي آهي، هنجا پيڪا هاڻ بہ راڻيپور ۾ آهن. مون چيو 'ڪڏهن ته پيڪي وڃي هلو؟' هن مشڪيو، يعنيٰ جڏهن بہ اوهان چئو، اهوئي سندس مشڪڻ جو مطلب هوندو.

ماني ڪائي ٿورو آرام ڪري، 'ڪوٽڏجي جو قلعو ڏسڻ وياسين. سخي سائين وقت جو بلڪل پائبند آهي، جيڪڏهن ۴ جو وقت مقرر ٿيل هوندو هو تہ هو ۵ منٽ اڳہ ئي تيار ٿي، اسانجو انتظار ڪندا هئا.

حويلي جي دروازي ٻاهران، امپورٽيڊ ڪار بيٺي هئي. ڊرائيور يونيفارم پيل ڪار جي ٻاهران بيٺو هو، بہ سيڪيورٽي جي ڊريس ۾ بندوقن سان، اسان جو انتظار ڪري رهيا هئا. ان ڪار ۾ الڳہ الڳہ نمونن جا هارن لڳل هئا، هڪ اهو بہ هو، جو وڄائڻ سان پوليس جي ڪار جهڙو آواز اچي ٿو ۽ ٽرئفڪ پاسي ٿي وڃي ٿي ۽ اسانجي ڪار کي اڳيان پي وڃڻ ڏنو.

هي تواريخي قلعو ميرن جي زماني ۾ ٺهيل آهي ۽ چڱو مٿي آهي. ٻي ٻي جيءَ کي قلعو ڏسڻ لاءِ چيوسي پر هن بہ چيو 'ڏاڍو مٿي آهي. پر اسان کي تہ ضرور ڏسڻو هو. سخي سائينءَ سان گڏ، سندن ننڍو پٽ فضل بہ اسان سان هليو.

هل هلان لڳي پئي هئي، پر قلعو ٺهيل واه جو هو سڄو پٿر جو. چون پيا ڪنهن وقت اهو خيرپور جي گادي هئي. قلعو اهڙي نموني ٺهيل هو، جو جيڪڏهن ڪوبہ ذاريو دشمن ڪاهه ڪري تہ جيڪر رستو ڳولهيندي منجهي مري. رستن ۾ ڏاڍا وروڪڙ هئا، جيئن ڪاهه ڪندڙ منجهي پئي ۽ مٿان قلعي مان سيڪيورٽيءَ وارا کين روڪي سگهن. ڪيترائي سئلاني قلعو ڏسڻ آيا هئا. گهڻيئي فوٽو ڪڍياسين.

حويلي جي ٻاهرين دروازي طرف ويس، جيڪو سڌو روڊ تي نڪري ٿو، اهو هنن بند ڪري پنهنجي پاسي اچ وڃ جو رستو ناهيو آهي.

هي اهو دروازو آهي، جنهن جي ٻاهران هرروز شام جي مون کي گهمڻ وڃي هلڻ لاءِ ٽانگو اچي بيهندو هو. سامهون منهنجي سوٽ جو بنگلو هو.

اهو دروازو ڏسي، ان پٽ جي اچي ياد پئي، جيڪو چاليهه ڏينهن ساندهه، صبح ۽ سانجهي جو ان دروازي وٽ ٻهي وڏي، آواز سان صدا ڪرڻ ايندو هو ۽ چاليهه ڏينهن ٿي بابا جي شاهوڪاري ختم ٿئي، ائين چوندو رهيو.

ائين هن ڇو ڪيو، پوري سڌ ڪانهي پر انهن ڏينهن ۾ بابا کي راٺيپور جي پئنچن، مڪي ڪري چوندبيو هو ۽ ان پٽ پئنچن کان پلاٽ ۽ گهر نهرائي ڏيڻ جي بي واجب طلب ڪئي هئي، جا پئنچن نامنظور ڪئي هئي ۽ ان جو غصو هن مڪيءَ مٿان چندبيو هو. جيڪڏهن بابا، پوليس کي چئي ها ته پٽ کي حوالات ۾ وجهي ڇڏين ها پر بابا ائين نه ڪيو هو.

اوطاق ڏانهن ڏٺم، جنهن کي ڦيرائي يا ڊاهي، الله جو گهر ڪيو ويو هو يعني اتي مسجد ناهي وئي هئي، جنهن منهنجي يادگيرين کي ڇڱو منجهايو هو.

اوطاق ۾ هميشه اچ وڃ لڳي پئي هوندي هئي، آس پاس جي ڳوٺن مان ڪيترائي هندو ۽ سنڌي مسلمان، پنهنجا پنهنجا مٿئلا نبيرو ڪرائڻ لاءِ ڪٺي ايندا هئا. منهنجو ڏاڏو وڏي پهچ ۽ رعب وارو هو. هن جي صرف کنگهڻ سان، ګوڙ گهمسان اوطاق ۾ بند ٿي ويندو هو.

مون کي بلڪل ياد آيو ته ڪنهن وقت منهنجو ڏاڏو ٽوٽر جي بيماريءَ ۾ گهيڙجي ويو هو ۽ وئد کيس اُٺڻ جو کير پيئڻ لاءِ صلاح ڏني هئي ۽ اها ڳالهه آس پاس جي ڳوٺن ۾ پهچي وئي هئي ۽ ڪيترا ئي جت پنهنجين اٺڻين کي وٺي اچي اوطاق ٻاهران ٻهاريندا هئا. ڪيتري من محبت هئي، ان زماني ۾ ان هوندي به ڳوٺن ۾، خاص ڪري شاهوڪارن ۽ زميندارن لاءِ چورن جو ڊپ هوندو هو. رات جي اونداهيءَ ۾ هو پٽيون ٽپي گهرن اندر گهڙي، مال ملڪيت ڪٺي ويندا

پر گيان سان ڀرپور ۽ نورت وارو شيواڌاري، اسان جي خوب شيوا ڪئي. سڄي ساڌو ٻيلي جون چارئي ڪندون ڏيکاريون، ٽي پپر جا وڏا وڻ، جي چون ٿا پراچين آهن ۽ ٽي ئي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. اتي هڪ وڏي ٻير ٻه آهي جنهن جا ٻير ٻه اسان کي کارايائون. مندر ۾ ان ۾ الڳ الڳ تصويرون، سکي سائين، پنهنجو گيان وڌائڻ لاءِ هر تصوير بابت، شيواڌاريءَ کان پڇندو رهيو. آخر ۾ ڀائي ديالداس اتي جي لئبرري جا بند پئي هئي، لڳي پيو اتي هاڻ ڪو ٻه نٿو اچي، پر مٿيءَ چڙهيل ڪيترائي ناياب ڌرمي ڪتاب اتي موجود هئا. جيئن ته سنڌي پنهنجي مهمانوازي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ ٿيندا آهن، هو صاحب ٻه اسانکي ٻيڙيءَ تائين ڇڏڻ آيو ۽ مون کان وزٽنگ ڪارڊ وٺندي چيو، جي ڪڏهن ٻه هو ممبئي آيو، مون ساڻ ضرور گڏجندو.

اُتان ڀاءُ پرڪاش سان گڏ، جنهن کي لڳي پيو سکي سائين اڳ ۾ ئي اطلاح ڏئي ڇڏيو هو، اڏيرلال جي مندر ۾ آياسين.

هي مندر ٻه عاليشان نموني ٺهيل آهي. جهوليلال پلي تي وينل، فائبر مان ٺهرايل آهي يعني ٽٽندو اصل نه.

ان مندر ۾ هيٺ هڪ غفا ٺهيل آهي، جنهن مان لنگهندي هڪ ڪمري ۾ پهتاسين، چون ٿا، اتي ان ڪمري ۾، ڪن تاريخن تي پاڻي پرجي ويندو آهي ۽ وري واپس موٽي ويندو آهي. عجب آهي جاءِ بلڪل پڪي آهي، ڪٿان ٻه پاڻي اچڻ جو رستو ڪونهي، ڪٿي ڀِت ۾ ٽنگ ڪونهي، پر ان هوندي ٻه انهن مقرر ڏينهن تي، پاڻي سان ڪمرو پرجي ويندو آهي. اهو ان امرلال جو راز ڪنهن کان ٻه سلجي نه سگهيو آهي.

ان امرلال جي اڳيان ٢٤ ئي ڪلاڪ جوت جلندي رهي ٿي. مندر جي اندر ئي ڪيترائي مهمانن ۽ شيواڌارين لاءِ ڪمرا ٺهيل آهن، جتي گهٽيئي شرڌالو رهيل آهن. هميشه اتي ڀنڊارو چالو آهي. اسانجي لاءِ خاص گديلا وڇايا ويا، ناشتو آندو ويو ۽ جهولڻ جا ٻه گيت، پاروءَ کي ڳائڻ لاءِ چيو ويو ۽ سنگت

ساڌ ٻيلا، اُڏيرلعل ۽ وسڻ شاه جي دربار ڏانهن

صبح جو ٣٠-٩ بجي سکر ڏانهن وڌياسين، اٽڪل ١٢ بجي ساڌ ٻيلا ٻاهران پهتاسين. سنڌو نديءَ جو وهڪرو ۽ ان ۾ ٻيڙيءَ جو نت ڪت سان هلڻ، ياد هو پر هت ته ڳالهه ئي ٻي هئي، سنڌو نديءَ ۾ ايترو ته ٿورو پاڻي هو، جو اُن ۾ ٻيڙي هلڻ به مشڪل پئي لڳي.

پاڻ سان جيڪي سنڌو نديءَ جو پاڻي پري ممبئي کڻي وڃڻ لاءِ، ايئر ٽائيٽ باٽليون کڻي آيا هئاسون، اهي ڪيئن ڀريون، ٿورو پاڻي ۽ وهڪرو بلڪل نه، انڪري پاڻي صاف نه هو.

ممبئي مان نڪرندي مان سڀني ساٿين کي واپس موٽڻ تي سنڌو نديءَ جو جل ڏيڻ وارو هوس. مون کي ته سنڌو نديءَ جي هيءَ حالت ڏسي ڏڪ اچي ويو.

پارو جي ته اکين ۾ آب اچي ويو پر مون سنڀالي ورتو.

ساڌو ٻيلا جو سنڌو نديءَ جي وچ ۾، چوڌاري وڻ ٽڻ، پکين جا آواز ۽ مورن ۽ ڍيلن جا ناچ، قدرت کي ظاهر پيا ڪن. اڳ ساڌ ٻيلا ۾ پرسان ڍوڍو ۽ قودني مان ٺهيل چٽڻي ڏيندا هئا، خوب وڻندو هو، ان جو الاجي ڇو ذائقو ئي ٻيو هوندو هو.

هاڻ ممبئي ۾ ساڌو ٻيلو، مهالڪشمي مندر جي پرسان ورهاڱي ڪانپوءِ ٺهرايو ويو آهي. سندر آستان آهي، وڇ ممبئي ۽ شاهوڪاري لتي ۾ جوڙايل آهي. اتي به ڍوڍو چٽڻي ڏنو ويندو آهي.

ان آستان تي وڌڪنديِ مهراجن جي مهر آهي، اتي ڪنهن به ٿلهي تي ويهه يا ڪنهن ڏاڪي تي ويهه چئني طرفن کان مدهوش ڪندڙ هير پئي لڳي، ساوڪ هئڻ ڪري اکيون به پيون ٺرن.

پائي ديالداس، جو اتي جي سنڀال ڪري ٿو، ساڌو سودو

ڳ فقيرن جو آستان آهي. ٻڌبو آهي تہ روهڙيءَ ۾ ٽي سوا
ڪہ پير ٿيا آهن.

انهن پيرن ۽ فقيرن مان وسڻ شاه جي درٻار خاص آهي،
ان کي آسائو در بہ چوندا آهن، هن درٻار ۾ سنت ڪنوررام
جي سماڌي بہ ٺهيل آهي، جنهن جي چوڌاري سونين تارن
سان اُٽت ڪيل آهي.

رستي تان ڊاڪٽر محمود، جو سچل درگاه جو مريد آهي.
ٿورو ئي وقت اڳہ هو، پاڪستان جو چين ۾ ائمبيسيڊر ٿي
رهيو آهي ۽ هاڻ ايڏي وڏي نوڪري ڇڏي، راڻيپور ۾ اچي
ڊسپينسري کولي اٿائين، جتي سچل درگاه ۾ سخي سائين
جي وڏيڪ ۽ وڌيڪ خدمت ڪري سگهي، هو بہ اسان سان
گڏ وسڻ شاه جي درٻار ۾ هليو.

وسڻ شاه جي وڏي تصوير اڳيان پنگہ جو هڪ ڪونڊو رکيل
هو، جنهن مان هر شرڌالوءَ کي ان پنگہ مان ذات ٿي ڏني
وئي. سنت وسڻ شاه مؤجي فقير هو، هو پنگہ پي، مالڪ جي
مؤج ۾ رهندو هو، ۽ جيڪو بہ هن جي مکہ مان نڪرندو هو،
اهو سچ ثابت ٿي پوندو هو.

ممبئي ۾ بہ، ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌونگر ۾ اها ساڳي درٻار
موجود آهي، ان جي وڏي مڃتا آهي، ساري ڀارت مان ايندڙ
ڪوبہ ڀڳت، ڳايڪ ڪلاڪار اتي ضرور سجدو ڪندو آهي.

دادا رام پنجواڻي ۽ ڀارو هر سال، ان درٻار ۾ چونڪي
ڏيڻ ويندا هئا ۽ ان درٻار جو شري گرمکداس وري 'سيتا سنڌو
پون' ۾ اچي ڪيترا پيرا ئي سنگيت جي مؤج مچائي.

ان درٻار جي شيواڌارين اسان جي ڏاڍي خاطرداري ڪئي.

اتان نڪري لئنڊس ٽائون برج تان لنگهندي، روهڙي ۾
ستين جي آستان لاءِ پڇيوسي، سخي سائين اسانکي صحيح
ڄاڻ ڏني تہ اهو ستين جو آستان نہ آهي پر 'ستن جو آستان'
آهي. ست سولجر، راجا ڏاهرسين جي ڏينهن ۾، جنگہ ۾

لاءِ پلئہ پائي اتان سڌو جناب امداد قاضيءَ جي گهر ڏانهن اُسرياسين، جنهن جي گهر ۾ اسان سڀن لاءِ ماني جي دعوت هئي.

ان جي ويجهو ئي خواجا غضر جي دربار هئي، جا اسانکي سخي سائين ٻاهران ئي ڏيکاري جو اڳہ ئي قاضي صاحب کي ڪٿي گڏجڻ جو وقت مقرر ڪيل هو. سکر ۾ جيڪي اڳي نهيل گهر آهن، سي چاڙهين تي مٿي چڙهڻ سان، چڻ ننڍي ٽڪريءَ تي جوڙايل آهن، برسات ۾ انهن ننڍين ننڍين گهٽين ۾ نهيل نالين مان پاڻي زور سان هيٺ وهندو هوندو.

جيستائين ڪار هلي سگهي، اتي بهاري باقي ننڍيون ننڍيون گهٽيون چڙهي مٿي امداد صاحب جي گهر پهتاسون. وڏو هوادار گهر، اندر گهڙڻ سان کاٻي پاسي اوطاق جو ڪمرو هو، جيڪو ڏينهن جو اوطاق ڪري ڪم تي آندو ويو ۽ رات جو، ممبئي وانگر سمهڻ جو ڪمرو. ساڄي پاسي وري وڏو رنڌڻو ۽ پاسي ۾ ورانڊو ۽ گڏوگڏ کاڌي لاءِ ڊائننگ ٽيبل رکيل هو ۽ ان کانپوءِ ٽي ڪمرا نهيل هئا.

اوطاق ۾ اسان کي بسڪيٽ پاڻي ڏنو ويو. جنهن نموني هنن کاڌي جي ٽيبل سينگاري هئي، طرح طرح جا سلاد، ڀاڄيون، پلاءُ، اٽالين ڊشز، هو اسان کي آڇيندا ٿي ويا، جناب امداد قاضي صاحب سخي سائين ۽ سچل سرمست جي درگاهہ جا مريد آهن.

امداد صاحب پڙهيل نوجوان آفيسر ٿي لڳو. اسان ماني کائي اٿياسين، ان کانپوءِ گهر جون عورتون ماني کائڻ لاءِ ٽيبل تي آيون، اوستائين اسين تہ واپس اوطاق ۾ پهچي چڪا هئاسون. پر پارو سان گڏجڻ وئي، هنن ئي کيس ٻڌايو تہ اهو اتي جو رواج آهي. پاروءَ کي اهو نہ آئڙندو آهي، هوءَ سڀن سان گڏ ويهي کائڻ پسند ڪندي آهي.

اتان سڀن سان موڪلائي روهڙي آياسين. روهڙي تہ پيرن

حب سان ڀرايل ڪيڪ. مان اڪيون ڀينديي اتي ڪڙو تيس. پاڻ ڪي نصيب وارو سمجهڻ لڳس، ڪو ائين چاهي ته به ائين نه ٿي سگهندو آهي، ڪيڪ ڪٽجي ويو، سڀن مون کي هڪ هڪ ٿي ڪارايو ۽ منهنجون اکيون، بي انتها پيار جو احساس ڪندي، پرجي آيون. ١٢ ۽ ساڍي ٻارهين جي وچ ۾ ممبئي مان ٻارن وٽان فون آيا.

هن دفعي سخي سائين، سندن جنم ڏن يعني ١٩ جولاءِ تي ڏٻئي ۾ هئا ۽ اسان کي اتي اچڻ جي نيند به ڏني هئائون. پر ممبئي ۾ ايتريون ته مشغوليون آهن جو چاهيندي به گهڻا ڏينهن نڪري نه سگهندا آهيون.

ان ڏينهن ١٩ جولاءِ تي سچل سرمست جي چونڪي سيتا سنڌو پون ۾ رکيل هئي ۽ گڏوگڏ سخي سائين جو جنم پڻ ملهائڻو هو. اسين چونڪي تي وياسون، جڏهن ساڍي ست ٿيا، سخي سائين جي جنم جو ڪيڪ شري مرلي رائسنگهاڻي کولي، مونکي سڏ ڪيو ته اچي سائين جو جنم جو ڪيڪ ڪٽيان. مون کان چرڪ نڪري ويو، سمجهه ۾ ئي نٿي آيو، چيائون ته مٿان حڪم آيو آهي ته اهو ڪيڪ مون کي ئي ڪٽڻو آهي.

وري به ايڏو وڏيڪ پيار پائي اکيون پرجي آيون. مون ڪيڪ ڪٽڻ لاءِ پاروءَ کي به ڪوٺيو، ڇوته ان ڏينهن سندس به جنمدن هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ١٠ بجي کان وٺي ورسيءَ جو پروگرام رٿيل هو. ڇون ته ڏسمبر مهني ۾ ته سچل سائين جي ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ درازن ۾ هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو اچن ٿا. سنڌ جو گورنر، سنڌ جو چيف منسٽر ۽ ڪي ئي وزير ۽ اديب، خيرپور ۾ ان وقت سچل ادبي ڪانفرنس به ڪوٺائي ويندي آهي. اسان کي به ڏسمبر جي ميلي ۾ اچڻ جي نيند مليل آهي.

مارجي ويا هئا، انهن ستن سولجرن جي ياد ۾ اُهو آستان نهيل آهي.

اتان وري ڊاڪٽر محمود پنهنجي گهر وٺي هليو، هنجي بيگم ۽ ٻارن سان ملياسين، چانهه پيتيسين. فهميدي سياءَ واري هئي، سندس نالو آهي نجما ۽ ڊاڪٽر صاحب ٻئي ٻه اسان سان گڏ درازن ڏانهن آيا، جو ڪين سخي داتا جي ورسي ۽ ميلي ۾ شريڪ ٿيڻو هو.

سکر کان درازن ڏانهن ايندي، الاجي ڪئين پاروءَ سخي سائين کي ٻڌايو ته ٻئي ڏينهن يعنيٰ ١٨ فيبروريءَ تي منهنجو جنم ڏينهن آهي. بس پوءِ ته سخي سائين سکر جي هڪ وڏي چونڪ تي اچي ڪار بهاري ۽ اسان سين کي ڇڏي ڊاڪٽر محمود کي ساڻ وٺي هڪ وڏي دڪان ۾ هليو ويو. چڱو وقت گذري ويو، هو دڪان مان ٻاهر نه نڪتا ۽ جڏهن نڪتا، هنن جي هٿن ۾ وڏيون ٿيلهيون هيون. پوءِ خبر پئي ته سخي سائين اسان جي ڪائڻ لاءِ الڳ الڳ نمونن جا خاص نهيل بسڪيٽ ۽ ٽوسٽ ورتا هئا، جو مان صبح جو چانهه بسڪيٽ بنان نه پي سگهندو آهيان ۽ ساٿ ساٿ منهنجي برٿ ڊي لاءِ خاص ڪيڪ نهرائي ان مٿان هئپي برٿ ڊي، ائٽ سچل درگاهه، نالي لکائڻ لاءِ ايترو وقت لڳو هون.

درازا پهچندي شام جا ٧ بڄ ٿي ويا، رات جو سين گڏجي ماني کاڌي ۽ ڪجهه ڪلام ڳائي ڪچهري ڪئيسين.

رات جو ماني کائڻ کان پوءِ جلد ئي ماني جي نشي ۾ مون کي ننڊ ايندي آهي، انڪري راتيون هاڻ جاڳي نه سگهندو آهيان.

آخر مان رات جو ١١ بڄ سمهي پيس ۽ رات جو ١٢ بڄ سخي سائين، سندن بيگم ۽ پارو مون کي، ننڊ مان اٿاري، ٻهاريو ۽ ٽيبل تي رکيل ڪيڪ ڪٽڻ لاءِ چيو.

سائين جي حويلي، سامهون سچل سرمست جو درگاهه ۽

ڪوجهي فقير جي ڪلام ۾ نورت ڪوتان ڪوٽ پريل آهي. هن جي لکيل لفظن ۾ نيزاري آهي، روحاني ڳجهه پريل آهي. سندس ڪي ئي ڪلام لکيل آهن، هاڻ تہ سنڌ ۽ هند ۾ سندس ڪلام جا ڪتاب ’ڪوجهيءَ جو ڪلام‘ بہ ڇپيا آهن.

سخي سائين جڏهن جڏهن بہ، هڪ چتو، اهو ڪلام ٻڌندا آهن، سندس اکيون آب سان پرجي ويندبون آهن، ڪلام جي لفظن جي معنيٰ جو اهو ڪمال آهي. سخي سائين جڏهن ممبئي کان درازن ٽي آيا تہ پاروءَ کان اهوئي ڪلام ٽيپ ۾ پرائي ڪٺي آيا.

اُتان موتي حويلي جي پاسي ۾ ۽ سچل سرمست جي درگاه جي بلڪل سامهون، هڪ نئون هال ٺهرايو ويو آهي، جنهن کي هو لانڊي پيا چون. اتي اسٽيج ٺهيل هو ۽ ڪلاڪارن، فقيرن کي هڪ هڪ ڪري ڪلام ڳائڻ جو وارو ڏنو ٽي ويو. سڄو هال زالن ۽ مردن سان پريل هو. اسٽيج جي هڪ پاسي کان فقير ۽ فنڪار ويٺا هئا ۽ ٻئي پاسي سخي سائين لاءِ اڇي چادر سان ڍڪيل گاديلو وڇايل هو. سخي سائين اسان کي پاڻ سان گڏ ان گديلي تي ئي وهاريو.

پورل فقير ڳائڻ سان گڏ يڪتارو کڻي نچي بہ ٿو. سکر ۽ روهڙي جا فقير بہ آيل هئا. ان صوفياڻي چونڪي ۾ پاروءَ کان بہ بہ ڪلام ڳارايائون. ٻڌڻ وارا بہ ڪلام جا قدردان هئا، واه واه پي ڪيائون.

ماني کائي، ٿورو آرام مس ڪيوسي تہ وري فقيرن جو ڳچيءَ ۾ وڌل باجي سان، حويلي ٻاهران ڳائڻ شروع ٿي ويو... فقير ڳائيندا، نچندا، آهستي آهستي حويلي جي چانئٺ تائين اچي پهتا.

سخي سائين کي سندس خليفن، پٽڪو ٻڌي تيار ڪيو. ٻڌايائون هاڻ دستاربندي ٿيندي، اها دستار ١٩٢٥ جي ٺهيل آهي ۽ ان کي هن مهل تائين سنڀالي رکيو ويو آهي. يعني منهنجي جنم کان بہ اڳہ جي ٺهيل آهي.

عجيب نظارو هو، اسين تہ ڪنهن جي ٻڌائڻ سان ان نظاري کي سمجهي ئي نہ سگهون ها.

سچل سرمست جي درگاھ تي ميلو...

صبح جو ٨ بجي ٽيبل تي چانھ پيئندي، طرح طرح جا بسڪيٽ موجود هئا، جي اڳئين ڏينهن تي سخي سائين سکر مان خريد ڪيا هئا ۽ مون کي ايڏيون وڏيون ٿيلهيون ڏسي، ائين لڳو ھو ڄڻ ساري بيڪري خريد ڪئي وئي هئي.

پوري ڏهين بجي تيار ٿي حويلي کان ٻاهر نڪرڻو هو. مون کي چانھ پيئڻ کانپوءِ پورا اڍائي ڪلاڪ سنيرڻ لاءِ لڳندا آهن.

صبح جا ڏھ لڳا، حويلي ٻاهران درازن جي فقيرن جي ڳائڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اسين تيار ٿي ويا هئاسون. ان ڪري ڪمري کان ٻاهر نڪري ورانڊي ۾ آياسين. جتي سخي سائين کي وٺڻ لاءِ موجوده خليفا ۽ اڳيان خليفا بہ هئا. هنن سان ڳائيندي وڄائيندي سچل درگاھ تي آياسين ۽ سخي داتا (پيو) ڇهون ڳاديسر، جنهن جي اڄ ورسي يا ٻارهي جو ڏينهن هو، ان جي سماڌيءَ کي گلاب جي پاٽي سان، سخي سائين خود ڌوئي صاف ڪيو ۽ شرڌا ۽ پريم سان نئين گلن سان پريل چادر چاڙهي، اها سڄي ڪارروائي ٿيندي، ان سماڌي جي اڳيان، اتي جا فقير سچل ۽ ٻين فقيرن جو ڪلام ڳائيندا رهندا آهن ۽ سخي سائين، پارو کي بہ ڪوجهيءَ جو ڪلام ڳائڻ لاءِ چيو. هن ڳاتو.

’وڃي ڏي تون ڪانگل نماڻيءَ جو نياپو

سڄڻ بنا مشڪل جڏيءَ جو جياپو.‘

اتي حشام ماڻهن جا ڪنا ٿي ويا هئا، مرد، عورتون ۽ ٻار ۽ انڊيا مان آيل فنڪار کي فقيراڻو ڪلام ڳائيندي ڏسڻ ٿي چاهيو.

ڪوجهي فقير جي لاءِ دادا رام پنجواڻي چونڪي ۾، ٻڌائيندا هئا تہ ڪوجهي جو اصلي نالو جناب محمد بخش شيخ هو ۽ سنڌ ۾ هو ڪليڪٽر هو. سچل درگاھ تي اچي اهڙو تہ فقيرن جي رنگ ۾ رڱجي ويو، جو پنهنجو تخلص ’ڪوجهي‘ رکايائين ۽ ڪيترائي ڪلام لکيائين ۽ ان ئي تخلص سان هو اڄ بہ مشهور آهي.

اسان ٻنهي کي الڳ الڳ سجاده نشين آف شاهه درازا طرفان ويلويٽ جي باڪس ۾ پيل سوني پاٽي سان سينگاريل ۽

جنهن تي اڪريل هو ”صاف نيت سان جو درازين اچي ٿو، تنهن جا سڀ ڪم راس ٿين ٿا.“

تاڙين جي ٺهڪن ۾ اسان کي اها ٽرافي پيٽ ڪئي جا اسان اکين تي رکي قبول ڪئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ۱۰ بج وري دستار بنديءَ جو پروگرام هو. اڳئين ڏينهن شام جيان ٻه الڳ الڳ شهرن مان آيل فقير ڳائيندا وڄائيندا، حويلي ٻاهران آيا ۽ ساڻن گڏ هئا خليفا. صرف فرق اهو هو جو اڄ کين تخت تي وهاريو هئائين، هن رسم کي تاجپوشي پئي سڏيائون.

خاص ڳالهه جا عجب ۾ آڻي ٿي ڇڏي ته سخي سائين هيتري ننڍي عمر ۾، ڪلاڪ سوا مراقبي ۾ ڪيئن ٿا ويهي سگهن! منهنجون ته پلٿي ماري وهڻ سان ئي ٽنگون ساٽيون ٿي وينديون آهن.

مراقبي ۾ وهڻ لاءِ ڪي ئي مهنا ضرور هنن جوڳ پچايو هوندو. جڏهن خبر هجي ته منهن ڍڪيل آهي، پر چئني طرفن کان هزارين ماڻهو بيٺل آهن، ۽ سڀن جون نگاهون، هنن ڏانهن ئي آهن، بدن جي ڪنهن ٻه حصي ۾ خارش ٿي سگهي ٿي، مٿي کي ڪنهڻ لاءِ مرضي ٿي سگهي ٿي.

پر هو ان وقت سائي رنگ جي دستار سان ڍڪيل هوندي، ان ڪلاڪ سوا ۾ سڀن مريدن، گهڻگهرن لاءِ مالڪ کان دعا گهرن ٿا ۽ جڏهن هنن جي منهن مٿان اهو دستار لاٿو وڃي ٿو ته سندن چهرو سچ پچ ڀڪي اٿي ٿو، گويا بادلن مان چنڊ ٿو نڪري اچي.

ان بعد وري ٻه لانڍي ۾ منجهند تائين چونڪي ڪئي وئي.

سانجهي ٽاڻي، سخي سائين جون ٻه ڏيئر ڪماري سميه ۽ ڪماري عطيه، ڪراچيءَ مان پنهنجي مامي جي شاديءَ تان واپس موٽيون هيون، هو ڦرين ڦرين اسان سان ملڻ آيون، ماڻ وٽ ٻه پوءِ ويون، اها هنن جي سنائي چئبي.

سخي سائينءَ کي دستار سان تيار ڪري، سندن منهن ڍڪي، چيف خليفو اڳيون (شيام لالا) ۽ موجوده- شيخ صاحب، هنن جي ٻنهي پاسن کان ٻانهن کان جهلي، ڍڪيل منهن سان درگاه طرف وٺي ٿي هليا ۽ اسين ساڻن گڏ هوندي به ور ور ڪري، پنيان رهجي ٿي وياسون، جو سندن مريد اهو نظارو ڏسڻ لاءِ، ڪاهي ٿي پيا. پر ڪن خليفن اسان کي اڳيان ڪري پئي هلايو. 'پاسي ابا پاسي' مهمانن لاءِ جاءِ ڏيو.

درگاه جي بلڪل ٻاهران هڪ سنگمرمر جو چبوترو نهيل آهي، ان ۾ صرف هڪ ماڻهو ويهي ٿو سگهي. ان ۾ صندلي وانگر ڪجهه نهيل هو، سخي سائين کي ڍڪيل منهن، سائي رنگ جي دستار سان ڍڪيل منهن سان اُتي وهاريو ويو ۽ هو پورو ڪلاڪ مراقبي ۾ بنا چرڻ جي وينا رهيا. مون به گهڻي ڪوشش ڪئي ته مان به بنا چرڻ جي اتي وينو رهان پر ويهي نه سگهيس، سوچيم ضرور ان لاءِ هنن خوب جپ ڪيا هوندا. مالڪ کي ياد ڪرڻ لاءِ به ائين ئي سنجم سان وهڻ گهرجي. هڪ ڪلاڪ کانپوءِ جڏهن، ڪلامن ڳائڻ جو دؤر پورو ٿيو، سندس منهن تان دستار مٿي ڪري، اسان سڀن کي ديدار ڪرايائون، هنن جي چهري تي چمڪ هئي، گويا نوراني طور ٻهڪي اٿيو هو.

"اچو طالبو اچ پند ٿيو سجايو آ

درد پري ذرتيءَ تي سچل ٻيهر آيو آ"

سچل جو ڪلام ياد اچي ويو

هندو مومن ناهيان،

آءُ جوئي آهيان، سوئي آهيان،

ڪوئي ڪيئن چوي، ڪوئي ڪيئن چوي،

آءُ جو ئي آهيان، سو ئي آهيان.

وري رات جو ٨ بج کان روهڙيءَ جي پڳتن ۽ سکر جي فقيرن جي چونڪي شروع ٿي.

هال ڪچاڪچ ڀرجي ويو هو. هلندڙ پروگرام ۾، جتي ڪينرائي آفيسر، ۽ خيرپور مان پروفيسر آيل هئا. سخي سائين هتان

لعل شهباز قلندر ڏانهن...

پارو سيوهڻ جي آهي، جڏهن ويزا پي ورتي، ان فارم ۾ هن سيوهڻ لکڻ لاءِ چيو هو، جيتوڻيڪ سندس جنم ته ڪراچيءَ ۾ ٿيو هو پر هر وئڪيشن ۾ ڏاڏي ڏاڏيءَ، چاچيءَ سان ملڻ اتي ايندا هئا ۽ شهباز قلندر جي درگاه جي پرسان ئي سندن گهر هو، جيڪو هن ڏسڻ ٿي چاهيو.

سيوهڻ پهتاسين، شهباز قلندر جي درگاه تمام مشهور آهي ۽ هاڻ ته ان کي سينٽرلي ايئرڪنڊيشن ڪرائي ڇڏيو اٿائون. نه صرف ايترو ڪنهن جي آس پوري ٿي هئي، جنهن درگاه جي ٻاهران هڪ سون جو دروازو ٺهرائي، درگاه کي پيش ڪيو آهي، جنهن جي ٻاهران مضبوط لوهه جي شيخن جو دروازو لڳايو ويو آهي. جيئن اهو سون جو دروازو ڏسي سگهجي. اهو دروازو، پريان ئي چمڪي رهيو هو ۽ منجهس ڪٿي ڪٿي ياقوت لڳل هئا، جي شعاع ڪري رهيا هئا.

پارو، پنهنجو گهر ڳولهي نه سگهي. جو پنجاهه سالن ۾ آس پاس ۾ ڪي ئي گهر ٺهي ويا آهن، دڪان ٺهرايا ويا آهن ۽ ڪي وري گهر ڊهرايا ويا آهن. ان ڪري ڪيس سڀ گهر پنهنجا ٿي لڳا، جن کي هن سلام ڪيو.

ان درگاهه جو ڪجهه حصو، ويجهو ٺٺي پيو هو، جنهن کي هو وري ٺهرائي رهيا هئا. ان ۾ ٻيا گهٽيئي نغارا رکيل هئا پر اهو وڏو نغارو، جيڪو جڏهن وڄايو ويندو هو ۽ پاڙي جا ٻار پارو سميت ڊوڙندا ان درگاهه ۾ ايندا هئا.

اسان جي موٽر، درگاه جي ٻاهران اچي بيٺي ته اتي جو مختيارڪار، جنهن سخي سائين کي ايندو ڏٺو هو، اچي پاسي ۾ پنهنجي ڪار بهاري ۽ سخي سائين کي پاڪر پاتو، جنهن وري اسان جي واقفيت ڏنس، پوءِ ته آسان سين کي اندر پاڻ ئي وٺي هليو ۽ گلاب جي گلن جون لڙهيون به هن ئي ورتيون ۽ اندر اسان کي خاص رستي کان آندو ويو، درگاه جي چادر

لال شهباز قلندر جي درگاه ڏانهن...

مليل ويزا جا ڏينهن تيزيءَ سان گهٽجندا ٿي ويا. اوچتو اڃانڪ اتي ياد آيو ته ويزا جو فارم ڀرڻ وقت اسان لاڙڪاڻو ۽ شڪارپور ته لکي ئي ڪانه هئي. هونءَ ته صرف چار شهر ئي ويزا لاءِ لکي سگهبا آهن ۽ جي وڏيڪ لکبا آهن ته اهي ڪاٽيا ويندا آهن ۽ گهٽ ڪري چار ئي شهر ڏسڻ لاءِ ملندا آهن. پر هن دفعي اسان جو نصيب ۾ لکيل لڪيرون پوري طرح ظاهر ٿي چڪيون هيون ۽ ويزا ڏيندڙ آفيسر، ائين ئي پنهنجي ليکي مني سنڌ گهمڻ لاءِ اجازت ڏني هئي.

صبح جو ۹ بجي تيار ٿي نڪتاسين. ڦرين ڦرين مخدوم بلاول شاهه جي درگاهه طرف وڌياسين. اها درگاهه دادو ضلعي ۾ آهي. مورو لنگهي اڳيان وڌياسي ته پريان درگاهه جو گنبذ ڏسڻ ۾ آيو. اندر سجدو ڪري ٻاهر نڪتاسين ته سخي سائين ٻڌايو ته هي جيڪي فقيرن ۽ درويشن جا مجار ڏسو ٿا، انهن تي تجربو ڪيو ويو آهي ته انهن جو سرير ڪڏهن ڳري نٿو. اهي ائين جو ائين تازا توانا رهن ٿا. درويشن جي سرير تي ڪنهن به جيءَ جيت جو اثر نٿو ٿئي. سائنسدان به انهيءَ ڪرشمي تي حيران آهن. سائين جي ڳجهه ڪي ڪير به سمجهي نٿو سگهي.'

مخدوم بلاول شاهه لاءِ چون ٿا ته وڏو پهچ وارو درويش هو. وڏن وڏن حاڪمن جو حڪم به نه مڃيندو هو ۽ ڏٽيءَ جي عبادت ۾ هميشه مگن رهندو هو ۽ هن کي حڪم ٿيو ته 'اها عبادت نه ڪر نه ته توکي گهاڻي ۾ پيڙيندا اسين.' درويش گهاڻي ۾ پيڙجڻ قبول ڪيو پر مالڪ جي عبادت ڪرڻ نه ڇڏي. درويش گهاڻي ۾ پيڙجي رهيو هو ته سندس ئي هڏين جي ترڪڻ جو آواز پئي آيو. پر پاڻ ان کان بي خبر هئا، هڪ مريد پاسي کان وينو هين، اُن کان پڇيائون 'ٻچا هي آواز ڇا جو پيو اچي؟' مريد چيو 'قبلا توهان جي هڏين جو آواز آهي. اهي پيون گهاڻي ۾ ترڪجن؟'

چيائون 'ابا؟ ائين؟'

اهڙو هو بلاول شاهه روح ۾ رتل فقير.

'يا ته پسڻ پرين جو، يا پرين جي پچار،

انهن ٻنهي کون ڌار، شل قادر ڪنهن کي نا ڪري..

منڇر ڍنڍ ڏانهن...

لعل شهباز قلندر جي درگاهه تان ٽيندا منڇر ڍنڍ ڏسڻ لاءِ وڌياسين. منڇر ڍنڍ سيوهڻ کان چڱو پري هئي. هلندا هلون، پڇندا وتون، آخر ڍنڍ جي ويجهو به رستا ٽي نڪتا. اسان منجهي اتي بيٺا ئي هئاسون ته هڪ پاسي ۾ موٽر اچي بيٺي، جنهن ۾ چار پنج هٽا ڪٽا ماڻهو چڙهيل هئا ۽ هنن جي بدن جي بيهڪ مان لڳي پيو ڳويا پرائيويٽ ڊريس ۾ فوجي پي لڳا.

اسان کي ڏسي بهي رهيا ۽ رباب سان پڇڻ لڳا ته اسان ڪٿان آيا آهيون ۽ ڪيڏانهن تا وڃڻ چاهيون، سخي سائين جي سيڪيورٽي هيٺ لهي، هنن کي سچل سرمست جي درگاهه جي گادي نشين جي واقفيت ڏني، پر هنن جي نگاهه اسان تي هئي.

مان سوچي رهيو هوس، جيڪڏهن اسين اتي اڪيلا هجون ها يا ڪنهن ٻئي سان بنان سڪيورٽي هجون ها ته شايد اسان کي سوالن سان تنگ ڪيو وڃي ها يا ويزا ڏيکارڻ جي ضد ڪئي وڃي ها!

اسان اچي منڇر ڍنڍ تي پهتاسين، نظر ڊوڙائڻ سان لڳو، جهڙي ويڪري هئي تهڙي ئي لنبي به هئي. چون ٿا ايشيا ۾ اها وڏي ۾ وڏي ڍنڍ آهي.

ڍنڍ جي ڪناري تي ڪي ميربحر بيٺا هئا، اسان جي پڇڻ تي هو روئڻ ۾ اچي پيا، چي ڏسو، هن هتي وڏي ڍنڍ ۾ مڇيون ڪونهن، اهي، فئڪٽرين جي ڪيميڪلس کي ڍنڍ ۾ اڇلائڻ ڪري، ڍنڍ جو پاڻي ڪوڙو ٿي ويو آهي ۽ سڀ مڇيون نه مري ٿيون وڃن. اسان جو گذران ئي، انهن مڇين تي آهي. پر اسين هاڻ ڇا ڪريون. سرڪار اسان جي ڪجهه ٻڌي نٿي. هي ننڍيون ننڍيون مڇيون پڪڙي، ٻيڙيءَ ۾ وجهون پيا، جن کي سڪائي، پيسائي ڪڪڙن جي کاڌي لاءِ ڪم

سان اسان تنهي کي نوازيو ويو ۽ ڪاٺ جي پڃري اندر آڻي، اسان جو آدر ڪيو ويو، اُتي هڪ وڏو تاويز ٽنگيل هو، جنهن کي هٿ لڳائڻ سان من جون مرادون پوريون ٿينديون آهن. ائين اسان کي ٻڌايو ويو.

آندل ڳلاب جي گلن جون لڙهيون سماڌي تي چاڙهيوسين.

اُتان وري لال باغ طرف آياسين. جتي شهباز قلندر مراقبو ڪيو ۽ وڻ هيٺان ويهي هن درويش سماڌي ورتي هئي. اُهو شاهي وڏو وڻ اڄ به اتي موجود آهي. ٿورو اڳتي وڌياسين ته هڪ ڪمرو ڏيکاريائون، جنهن کي 'تنئر' پي چيائون. فقير باهه ٻاري ان جي چوڌاري ڦيرا پائي پنهنجي عبادت ڪندا آهن. پوءِ ڪنهن مهل جهڪي ويهي رهندا آهن ته ڪڏهن باهه جي چوڌاري ڦيرا پائيندا آهن. هتي فقيرن جون رمزون ئي نراليون آهن. ان تي جيترو سوچجي، مونجهه وڌي ٿي وڃي.

تون سنڌ ۾ رهي پئه

ان ڏينهن لڳ ڀڳ سڀ پنهنجي پنهنجي ڳالهين ۾ مشغول هئا ۽ ان لاءِ ئي ترسيل هوس. اسين درازن ۾ رهيل هئاسون. سخي سائينءَ جا ڪي صبح ڪان ئي پاسي وارن ڳوٺن مان مريد آيل هئا. مان ان وقت سندن آفيس ۾ ويٺو هوس. هيڏي وڏي آفيس آهي. هڪ طرف ڪين مليل ٽرافيون رکيل آهن، ڪي انعام مليل اُڪريل پليٽون به آهن ۽ ٻي پٽ تي ٻاهران وڏو شاهي شوڪيس ٺهيل آهي، جنهن ۾ دنيا ڀر جا وڏن وڏن ليکڪن جا لکيل ڪتاب ٺاهي رکيل آهن، گويا شخصي لئبرري هجي. ان ۾ ’سپون‘ مخزن ڪي به سينگاري جاءِ ڏني وئي آهي ۽ پاروءَ جو لکيل ’ستر مٽڪا‘ ۽ منهنجا لکيل ڪتاب ’شاديءَ جي پهرين رات‘ ۽ ’اڄ جون ڪهاڻيون‘ ڪبٽ جي شيشي مان سڏي رهيا آهن.

وڏي شاندار ٽيبل جي پرئين پاسي، سخي سائينءَ جي ليدر چڙهيل ڪرسي پئي آهي، پاسي ۾ ڪامپيوٽر ۽ ٽي چار ٽيليفون، اڳيان آيل مهمانن يا ڳڌجاڻي ڪرڻ وارن لاءِ ٽي سهٽيون ڪرسيون رکيل آهن ۽ پاسي ۾ ٽي سوفا، جنهن تي ٩ ماڻهو ته آرام سان سمائجي ٿا سگهجن.

ان وڏي آفيس جي هال سان ڳڌيل به ننڍا ڪمرا آهن، هڪ ۾ آرام ڪرڻ لاءِ سڀ سهوليتون آهن ۽ ٻئي ۾ فرج وغيره رکيل آهي.

آيل مهمان، ڪو خاص ڳهوٽ ۽ ڪنوار جو مٿلو ڪٽي آيا هئا ۽ انهن جي اٽبٽت جو نبيرو ڪرڻ لاءِ سخي سائين اڳيان منجهيل ست جو ڏيرو رکيو هئائون. مان اتان ڪسڪي ويس. حويلي ڪان ٻاهر نڪري ٽانگي ۾ ويهي پنهنجي ڳوٺ راڻيپور هليو آيس. هاجناشاه جي پاسي ڪان قري بازار ۾ ريلومل پڪوڙائيءَ جي دڪان ڪي ڳولهيندو رهيس. اهو دڪان ته نه مليو پر ان جي پاسي واري گهٽي جي ڪنڊ تي هڪ وڏو پپر جو وڻ

آڏيندا سين. باقي ڍنڍ ۾ مڇيون مئل آهن. انڪري اسان جو واپار ٺپ ٿيو پيو آهي.

اِنسان لاءِ ٽي شيون ضروري آهن، کاڌو، ڪپڙو ۽ مڪان، انهن ٽنهي کان هي وانجهيل لڳا. آزادي ملڻ کانپوءِ به هنن ويچارن جي هيءَ حالت هئي. شام جو ٧ بجي، ٽڪجي درازن ۾ اچي پهتاسين.

اڄ هونئن ته خيرپور ۾ شاهه عبدل لطيف يونيورسٽي ڏسڻ لاءِ وڃڻا هئاسون، جنهن يونيورسٽيءَ ۾ سخي سائين ڪجهه وقت وائيس چانسيلر ٿي رهيا آهن. پر يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر وٽان وقت تي نينبد نه اچڻ ڪري ۽ ڪو وقت مقرر نه ڪرڻ ڪري، پروگرام ۾ تبديلي آڻي ڇڏيسين يعنيٰ ان طرف نه وياسين.

جيتوڻيڪ به ڏينهن اڳ ادي اياز گل ۽ ادي ادل سومري وٽان سخي سائين وٽ فون آيا هئا ته اسان کي يونيورسٽي ۾ وٺي هلي، هنن کي اسان ساڻ گڏجڻ جو بي صبريءَ سان انتظار هو. پر ان وقت ادبي سنگت جون ساري سنڌ ۾ چونڊون هلي رهيون هيون ۽ گهڻو ڪري سڀني شهرن، خاص ڪري ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ خيرپور ۾ بيٺل اميدوار، پنهنجو پنهنجو پاسو بڌائي، اتي جي روزاني سنڌي اخبارن ۾ نيوز ڇپائي رهيا هئا ۽ ائين خيرپور وڃڻ جو پروگرام رد ٿي ويو.

رکيءَ کي بہ اسان جي اوطاق ۾ اچي پڙهڻ لاءِ چيو هو. هن جي مائٽن الله رکي کي اسان وٽ اچي پڙهڻ جي خوشيءَ سان اِجازت ڏني هئي.

هوءَ گڏ پڙهندي پڙهندي، مٽي ماڙيءَ تي رانديون ڪندي ڪندي منهنجي موه ۾ ڦاسي وئي ۽ هڪ ڏينهن هاجناشاه تي ويندي، ڪنهن خانبدوش ڇوڪريءَ کان پنهنجي الڳہ الڳہ هنڌن تي مشين سان منهنجو نالو لڪائي آئي. هن کي ايتري تہ پڪ هئي تہ هوءَ مون وٽ ئي تہ شادي ڪري ايندي، ان حويليءَ جي ئي تہ هوءَ مالڪڻ بڻجندي، پوءِ پنهنجي بدن تي ڪٿي بہ هوءَ 'تا' لڪائي تي سگهي، اهو مشين سان اُڪريل نالو ڊاهي نہ سگهبو آهي، اها هن کي بہ ڄاڻ هئڻ کپندي هئي. ان وقت تہ مون بہ ان کي ايترو غلط نہ سمجهيو هو. مان بہ هنجي ان پاڳلپڻي تي عاشق تي پيو هوس ۽ ڪانئس پڇڻ لڳس تہ شاديءَ کانپوءِ حويليءَ ۾ هن کي ڪهڙو ڪمرو پسند هوندو. هن کي ڪهڙي قسم جا زيور پسند ايندا، سنها سنها سونا زيور يا سون جا ٿلها ڳٽ؟ هڪ دفعي هوءَ ٽيوشن وٺڻ لاءِ اڳہ پهچي وئي هئي، ۽ ماستر صاحب کي اچڻ ۾ بہ ٿوري دير ٿي هئي. هن کي اچانڪ پياس ستايو، مون کيس چانديءَ جي گلاس ۾ پاڻي پيئڻ لاءِ ڏنو، هوءَ شرمائجي وئي ۽ چيائين 'چانديءَ جي گلاس ۾؟' مون کيس چيو عجب ڇو ٿي کائنين، 'صبح ۽ رات جو کير بہ هت چانديءَ جي گلاس ۾ ملندءِ؟ تون هن گهر ۾ اچ تہ سهين.' هوءَ اهو ٻڌي عجب مان نهارڻ لڳي ۽ پاڻي پيئڻ لڳي. مون کي پڪي طرح ياد آهي پاڻي پيئندي، هن جي حسين ڳچيءَ مان پاڻي اندر ويندو ڏسڻ ۾ ٿي آيو.

وڏي ٿلهي جي وچهہ پپر جي وڻ کي ڇڏي، جيڪو ٽن وڏن رستن کي ملائي بيٺو هو، هڪ بازار پاسي، هڪ اِسٽيشن ڏانهن ۽ ٽيون الله رکي جي گهر طرف، الله رکيءَ جي گهر ڏانهن رخ رکيم. ڏاڍو ڊپ بہ پيو ٿئيم ۽ گڏوگڏ ائين پيو

هوندو هو، اهو ڳولهي لڌم، اٽڪل ٥٦ سال اڳ ان پپڙ جي وڻ جي ٿڙ جا چوڏا مون ۽ الله رکيءَ گڏ لاٿا هئا ۽ ٻنهي ڳڏيل نشاني ان ٿڙ تي اُڪري هئي، پر اڄ اها مون ڪان نہ لڌي، لڳي ٿو ڪنهن اها مٽائي ڇڏي يا متجي ويئي هئي.

پنهنجي حويلي جي سڀ ڪان مٿي واري ماڙي تي اسين سڀ پاڙي جا ٻار 'دادن دادين' راند ڪندا هئاسون. سڀن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي الڳ الڳ راند ڪرڻ لاءِ ڪردار ملندا هئا. پر الله رکي هميشه، ان حويلي جي مالڪڻ ٿي رهڻ چاهيندي هئي ۽ ڪٽ تي ويهي حڪم هلائيندي هئي. ان ٻاراڻي راند جي ڪردار هنکي سچ پچ جي مالڪڻ بڻجڻ جو حسين خواب اندر ۾ پڪو ڪري ڇڏيو هو.

الله رکي، ايتري حسن ۾ پر هئي جو، هن جي بدن جو هر انگ مدهوش ڪرڻ لاءِ ڪافي هو. مان زميندار ۽ شاهوڪار هوس، نہ صرف راڻيپور ۾ وڏي حويلي ڪانسواءِ ڪيتريون ئي جايون هيون، دڪان مسواڙ تي ڏنل هئا، ڪوه ۽ دواخانو غريبن لاءِ مفت ۾ ڪليل هو. ڪراچيءَ ۾ ويهن فليٽن واري بلڊنگ هئي، جنهن ۾ ١٦ فليٽون مسواڙ تي ڏنل هيون ۽ هر سال جيترو بہ ناڻو ڪمائبو هو، ان مان راڻيپور ۾ جاين ۾ تبديل ٿيندو ويندو هو. ٻئي طرف الله رکي جي سونهن ساري رياست ۾ مشهور هئي.

هن دفعي مان لاڳيتو بہ سال راڻيپور ۾ رهيل هوس. مون کي پورو ياد ناهي تہ ان جو سبب ڪهڙو هو، ڪا مڙيوئي ويڌن هئي، جنهن ڪري ڪراچيءَ ۾ نہ رهي اسان راڻيپور ۾ اچي رهيا هئاسون، نہ تہ سال ۾ موڪلن ۾ مهنو ڪن ايندا هئاسون، ڪراچي جي سرائي ڪوارٽر واري اسڪول مان نالو ڪٽائي آيو هوس ۽ راڻيپور جي اسڪول ۾ اچي پڙهيس ۽ ان ماستر کان ٽيوشن گهر ۾ گهرائي ونڻي پئي، جنهن الله رکي کي بہ پاڙهيو ٿي. وقت بچائڻ لاءِ ماستر صاحب، الله

ڪڍي، سندس ٻاچ ۾ پاتي، جنهن تي اُڪريل هو ’ٽا‘.

آس پاس ۾ رهندڙن کي سڌ پئي، هو آيا، هنن هن جي مائٽن کي اچڻ لاءِ نياپو موڪليو ۽ مان گلابن جي گلن جون ڪنڊيون آڻڻ جو بهانو ڪري اتان کسڪي آيس، ڄڻ گويا سچي زندگي کان دور هليو آيس، گيدين وانگر لڙائيءَ جو مئدان ڇڏي ڀڳس. مون کي ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿي آيو. اچانڪ هي سڀ ڇا ٿي ويو. هڪ خوف مون مٿان حاوي پئجي ويو هو. پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ مون کي ڊپ ٿي رهيو هو. هن جا مائٽ الاجي منهنجو اتي هجڻ گوارا ڪري سگهندا يا نه! مان انڊيا مان آيل هوس، اهو هنن کي ڪيئن لڳندو؟ جيڪڏهن هو تنگدل هوندا ته ٿي سگهيٿو هو پوليس کي ڪوٺين ۽ الله رکيءَ جو مؤت ڪيئن ٿيو؟ مان هن وٽ ڪيئن هوس وغيره؟ مون کي لڳو چپ چپ ۾ اتان هلي وڃڻ ئي سياڻپ پريو ٿيندو.

ٽانگي وارو سنڌي مسلمان هو، هن کي وشواس ۾ ورتم ۽ ڪيس ٻن ڏينهن جو عيوضو به ڏئي ڇڏيم ۽ ڪيس هن گهر جي خبرچار ڏيڻ لاءِ سچل سرمست جي درگاه کان ٻاهر نڪرڻ تي، هڪ پي.سي.او. آهي. اتي اچي هن لاءِ رات جو ۹ بجي ترسندس. هو آيو ۽ ٻڌايائين ته الله رکيءَ جا مائٽ سچ پچ مونکي ڳولهي رهيا هئا. انهن مان هڪ شخص ته ماڳهه غصي ۾ اچي ويو هو ۽ چيائين پڪ ئي پڪ شام واري ٽرين ۾ هو سکر کان يا ڪراچي کان، انڊيا پهچي ويو هوندو. پڪ اهو ئي هندو هوندو، جنهن جي ڪري الله رکي شادي نه پئي ڪري...

مون ٽانگي واري کان ڦهريون پيرو سندس نالو پڇيو، چيائين، خميصو؟ ’ادا خميصا! هڪ ٻي به مهرباني ڪر، مان ته ان گهر ۾ نٿو وڃي سگهان، تون صبح جو ۹ بجي مون سان هٿ گڏجج، مان توکي هڪ گلن چادر ڏيندس ۽ سچل سرمست جي درگاه جي مٽيءَ لپ، اها قبر ۾ جڏهن الله رکي کي آرامي ڪيو وڃي، منهنجي پاران ان مٿان وجهج. مالڪ ڀلي ڪندو...‘

۽ ائين ننڍپڻ جو ڦهريون پيار هميشه لاءِ وڃائي واپس موٽيس.

۽ هلندڙ ٽرين مان ڪن هندن کي اُڇلايو به ويو هو ۽ ڪوبه واهڻ روڪ تان راڻيپور اچڻ لاءِ تيار نه هو ۽ ائين منهنجي تو ساڻ پريم جي ورهاڱي جي لڪس، پڇاڙي ڪئي. مان به مجبورن هندستان هليو ويس.' مون توکي اتي به ڏاڍو ياد ڪيو پر ڪجھ به ڪري نه سگهيس... هاڻ تون ٻڌاءِ، تنهنجي اڌ صدي ڪيئن گذري؟'

'حالتن کي جاچي مون کي به توکي وسارڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. ابي ۽ امي‌ءَ منهنجو وواه هڪ پير جي پٽ سان ڪري ڇڏيو. جنهن گويا منهنجي سونهن کي پائي وڏي کيپ ڪٽي هئي ۽ هڪ ڏينهن منهنجي بدن تي لکيل 'ٿا' وڏو قهر ڪيو... مون کي خوب ماريو ويو، ان 'ٿا' جو راز سلائڻ لاءِ مون ساڻ حد سختيون ڪيون ويون، مون کي ڪاڏو ڏيڻ بند ڪيو ويو، پر مون ڪجھ نه ڪڇيو، اهي منهنجي محبت جون نشانيون هيون، اُهي مون نه سليون... مون کي خبر هئي ته سچ ٻڌائڻ سان به مون کي ڪهاڙو هٽي ڪهيو ويندو، ۽ چپ رهڻ سان به! روئي روئي مان بيمار ٿي پيس، مون کي ٽي.بي. جي بيماري ٿي پئي، منهنجو خاوند شڪي قسم جو انسان هو، هن منهنجي دوا درمل ڪرائڻ بجاءِ، مونکي پيڪن ۾ موڪلي ڏنو... منهنجو ابو ۽ امي منهنجي هيءَ حالت ڏسي سهي نه سگهيا ۽ رب وٽ پهچي ويا... نديڻ ته توسان گذاريم، جڏهن جواني ماڻٽي هئي توکي ورهاڱي مون کان جدا ڪري ڇڏيو... هاڻ ٻڍاپي ۾ **تون سنڌ ۾ رهي پئي**، مان تنهنجي شيوا ڪري زندگي گذارڻ تي چاهيان...' الله رکي جو اچانڪ ساهه منجهڻ لڳو، هن کي ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿي رهي هئي، مون ٻاهران ٽانگي واري کي ڪوٺيو، ڪنهن ڊاڪٽر کي ڪوٺڻ لاءِ چيم. ان وچ ۾ هن جي منهن تي آهستگي سان ٿڦڪيون هڻڻ لڳس، هٿن ۽ پيرن جي ترين کي مالش ڪري گرمائش پيدا ڪرڻ لڳس. پر هن کي ڊاڪٽر هٿ نه لڳو ۽ اڌ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ هو هڪ حڪيم کي وٺي آيو، حڪيم نار کي جاچڻ بعد چيو 'هن جو پران پکيئڙو ته اُڏامي ويو آهي.' ... مون الله رکيءَ جي ڇهري کي چميو ۽ ڪيسي مان آنڌل هڪ منڊي

سچل سرمست فدا ٿي پيو ۽ کيس پنهنجو مريد تسليم ڪيائين ۽ سندس نالو رکيائين نانڪ يوسف.

نانڪ يوسف جي درگاه پرسان هڪ لانڍي نهيل آهي، ان جي اندر ئي ننڍو ٽلهو بہ آهي، اتي اچي اسان کي وهاريائون. لڳي پيو سخي سائين وٽان وٽن فون ويل هو. لانڍي جي ٻاهران پاڻيءَ سان ڇمڪار ڪيل هو. ٽلهي تي گديلا ۽ طول رکيل هئا. اُستاد خادم حسين عباسي، جنهن نانڪ يوسف جي شخصيت ۽ ڪلام تي وڏو ڪتاب لکيو آهي، ان کي بہ گهرايو ويو هو.

اسان سڀن کي مٿي ٽلهي تي وهاريو ويو. ان درگاهہ جو گادي نشين مولوي بخش فقير ڪوڪر بہ اسان جي اچڻ جي انتظار ۾ درگاه جي ٻاهران بيٺل هئا.[١]

ٽلهي جي پرسان سازيندڙ ڍولڪ، يڪتارو ۽ هارمونيم کڻي اچي ويٺا ۽ ڳوٺ ۾ رهندڙ ننڍا وڏا سڀ اچي ڪٺا ٿيا.

سخي سائينءَ پاروءَ کي نانڪ يوسف جا لکيل بہ ڪلام ڳائڻ لاءِ چيو. اها اتي جي رهاڪن لاءِ بلڪل نئين ڳالھ هئي. هڪ تہ اِنڊيا کان آيل مهمان ڪلاڪار، سابہ عورت ۽ وري سندن ئي، مرشدن جو لکيل ڪلام ڳائي، صوفياڻي چونڪي ۾ کهڙا فقيراڻا ڪلام ڳائڻ گهرجن، ان جي پاروءَ کي پوري ڄاڻ آهي. هن جا ٻئي ڪلام واھ جو ڇميا، اتي اهو ڪلام بند نہ ٿيو، هن کان ٻيا بہ ڪلام، سچل، شاه ۽ بيدل جا ڳارايا ويا. اتي جي فقيرن بہ نانڪ يوسف جا ڪلام ٻڌايا ۽ ڏيڍ ڪلاڪ جي چونڪي ٿي وئي.

ڳالهيون ڪندي، سخي سائين ٻڌايو تہ سنڌ ۾ هندن جا ٿي مندر، سرڪار جي حوالي آهن. هڪ ساڌ ٻيلو، ٻيو اُڏيرلال جو مندر ۽ ٽيون ڪلفٽن ڪراچيءَ ۾ شو جو مندر ۽ سنڌ جون ٽي درگاهون بہ سرڪار پاڻ سنڀاليندي آهي. هڪ شاهہ جي ڀٽ، ٻي سچل سرمست جي درگاه ۽ ٽين سيوهڻ ۾ لعل شهباز قلندر جي درگاه، وڌيڪ ٻڌايائون تہ ٻن درگاهن شاه جي ڀٽ

نانڪ يوسف جي دربار ڏانهن...

اڄ ڪو خاص ڪيڏانهن وڃڻ جو پروگرام رٿيل ڪونہ هو. منهنجي من جي ڪيفت ئي ڇڻ غائب ٿي وئي هئي. ڪجهہ پائڻ بدران يا دل کي سڪون ملڻ بجاءِ سنڌ ۾ وري اچڻ جو ڪوبہ اُتساهہ ئي نہ رهيو. ايتري ۾ سخي سائين فون ڪري ٻاهر روم ۾ آيا ۽ چانهہ پيئندي پڇيو 'نانڪ يوسف جي دربار، فقيرآباد (اڳڙا) ۾ وڃي ڏسي اچو.'

مون اڄ ڪيڏانهن بہ وڃڻ نٿي چاهيو، انڪري ڦڏو وڌم تہ 'اسين اڪيلو ڪيئن ويندا سين، ڪو سڃاڻندو بہ ڪونہ ۽ اسان کي مزو ئي نہ ايندو.'

سخي سائين سمجهي ورتو تہ اهو ڦڏو ئي هو، هن چيو تيار ٿيو، مان بہ ٿو هلي، فقير وٽ سجدو ڪري اچان.'

صبح جو ٣٠-١١ بجے نيرڻ ڪري نڪتاسين، گمبٽ ڪان ڦرندا ان درگاهہ طرف وڌياسين، چون پيا اتان ١٥ يا ٢٠ ڪلوميٽر پري آهي. رستي تي گهٽيئي ننڍا سنڌ جا ڳوٺ اچن پيا. اهي ئي، رستي تي مينهون ۽ موٽر اچيو پيا رستا روڪين، اڳڙا ڳوٺ، فقيرآباد ۾ اچي ٿو جتي ئي سائين نانڪ يوسف جو آستان ٺهيل آهي. اهو بہ ننڍي ڳوٺ جيان، ڪچن گهرن جو ڳوٺ. ڳوٺ جي ڪيترن ئي گهرن جي ڀتين تي هاڻ بہ ڇيڻا سڪڻ لاءِ لڳا پيا هئا، رستا بہ ڪچا هئا.

نانڪ يوسف تي نالو بہ سچل سرمست جو ئي ڏنل آهي. اصل هو فقير بلوچستان مان مرشد جي ڳولها ۾ آيو هو. سندس اصلوڪي نالو مولي تسمس دين آهي.

چون ٿا هي فقير بہ سنڌ جي ڪيترن ئي درويشن وٽ ويو. پر ڪنهن وٽ بہ سندس من ٺانءُ نہ پاتو. جڏهن سچل سرمست جي قدمن ۾ اچي ڪريو ۽ سچل سائين، خوب ڏکہ ڏنس، تہ بہ هو واپس نہ موٽيو، تڏهن هن جي محڪم ارادي تي

شيخ اياز جي سماڌي ۽ شاهه جي پٽ ڌڻين...

رات جو ٻي ٻي جيءَ ۽ سخي سائين سان روح رهاڻيون ڪري سمهڻ تي هئاسون تہ اهو سوچي ننڊ اچي ڦٽي نہ سڀاڻي صبح جو ئي پنهنجو ڳوٺ ڇڏي، حيدرآباد طرف وڃڻو هو ۽ اتان ئي ڪراچيءَ، جتان وري ويزا جو وقت پورو ٿيڻ کان اڳہ واپس ممبئي. اُنهن سڱين گھٽين ۾ جاين تي وري اچڻ جو موقعو ملي يا نہ!

اڪہ چنپ ۾ درازن ۾ اٺ ڏينهن ئي الاجي ڪيئن گذري ويا.

صبح جو ۴ بڄ اُٿياسين جو ٦ بڄ حيدرآباد لاءِ نڪرڻو هو. ائين بہ حيدرآباد ۾ بہ ڏينهن رهڻ جو پروگرام ٺاهيو هئوسين، جو اتي گھڻن سان ئي گڏجڻو هو پر هڪ ڏينهن راڻيپور ۾ هليو ويو هوس.

صبح جو سوير اٿڻ، مون کان تہ بلڪل نہ ٿيندو آهي. ڪڏهن صبح واري ٽرين يا هوائي جهاز جي ٽڪيٽ ڪوشش ڪري نہ وٺندو آهيان. پر حيدرآباد جي خاص ادارن کي ڏسڻ لاءِ، ۽ رستي تي شاهه عبدللطيف جي پٽ ۽ ان سان گڏ جناب شيخ اياز جي سماڌي ضرور ڏسڻي هئي ۽ اُتي سجدو ڪرڻو هو.

سخي سائين، سچل درگاهه جي مريدن جي مٿئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ، ڏاڍو ٿو وقت ڏئي ۽ ساري دنيا ۾ سچل جا، چون ٿا، چاليهہ لکہ مريد آهن. انهن وٽان اي- ميل، خط، ٽيليفون تي سڄو ڏينهن ويئا ئي هوندا آهن، وري جو اسان سان سڄا سارا اٺ ڏينهن گڏ هئا ۽ سنڌ جا مندر ۽ درگاهن جو ديدار ڪرايائون، ان ڪري ڪين رات جو ڪڏهن ٢ بڄ تائين بہ جاڳي ڪم پورو پئي ڪرڻو پيو.

اڄ صبح جو اٿيا پر طبعيت ۾ ٽڪ جي ڪري پيڙا ۽ مسڪيولر پين هئڻ جي ڪري اٿڻ ۾ تڪليف ٿي ٿين. پر ڪين اسان سان گڏ هلڻو هو، ان ڪري سور کي لاهڻ واري گوري وٺي، سوا ڇهين بڄي درازن مان نڪتاسين. ٻارن سان ٻي ٻي جي سان ڀاڪر پائي موڪلايوسين. سچل سرمست جي درگاهہ کي سجدو ڪيوسين ۽ ان حويلي سان ان ۾ رهندڙ شيواڌارين سان بہ حب سان الوداع ڪئيسين.

نہ چاهيندي بہ وڃڻو تہ هو ئي. ڪو وقت ڪنهن ڪجھ نہ ڳالهايو. اسان جو تہ برابر من پريو پيو هو. درازن مان نڪرندي،

۾ شهباز قلندر جا گادي نشين ڪونہ آهن. باقي ٽين سچل سرمست جي سجاده نشين سخي سائين خود، اسان سان گڏ هئا، جنهن جا ئي سنڌ ۾ اسين مهمان هئاسون.

ڪنهن گديءَ تي ويٺل شخص، مون پهريون ڏٺو آهي جنهن ايم اي. ايل ايل بي. ۽ پي. ايڇ. ڊي. (صوفيزم تي) گهڻن ئي وڏن وڏن عهدن ڪي، هنن کي رکيو بہ ويو آهي پر هو، ڪن اصولن جي پچڻ جي ڊپ کان، اهو عهدو ڇڏي هليا ويندا آهن. ايتري قدر جو شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ وائيس چانسيلر مقرر ٿيڻ کان ڪجھ مهنا ئي پوءِ، اهو عهدو بہ ڇڏي آيا.

هنن جي موٽر ٻاهران درازن جو شاهي جهنڊو لڳل آهي. جو جتان بہ اسين لنگهون پيا، سخي سائين اڳيان ايندڙ ويندڙ سلام ڪري نمن پيا يا هٿ پنهنجي ڇاتيءَ تي رکن پيا.

نانڪ يوسف جي درگاه تي سجدو ڪرڻ آياسين. مٿان ئي مٿان لکيل هو.

حق موجود، سدا موجود

اندر بہ ڪيترائي بيت لکيل آهن. اتان، استاد خادم حسين عباسي، پنهنجي گهر وٺي آيو ۽ گهر ۾ سڀن سان ملاقات ڪرائي، ناشتو ڪرايو ۽ سندس ئي لکيل نانڪ يوسف تي ڪتاب تحفو ڪري ڏنو. سندن لکہ لائق.

شيخ اياز صاحب جي مجار تي پهتاسين شاه جي پٽ کان ٽورو ئي پري ۽ پاسيرو هئي. مون الاجي ڇو سمجهيو هو ته شاه صاحب جي پٽ جي بلڪل ويجهو ئي هوندي. اتي ڪابه اهڙي نشاني يا بورڊ نه لڳل هو جو اتي زيارت ڪرڻ وارو، شيخ اياز جي سماڌي تي وڃي سگهي. سنڌ جو هيڏو وڏو شاعر، جيئري اسان هنجي دهشت ڏني هئي. آتم وشواس ڏنو هو، لکڻ جي به توفيق ڪمال جي هئس ۽ مئي پڇاڻان.... سندس مجار تي ڪو سنڀاليندڙ نه هو، ڪو مجاور نه هو ۽ دز پئي اُڏامي، ڪچي جاء، ڪٿي ڪٿي صرف سيمينٽ لڳل هو.

ادو شيخ اياز ۽ ڀاڀي زرينا شاه سچل سامي سيمينار تي ۱۹۹۰ع، منهنجي ڪوٽ تي هو ممبئي آيل هئا. ڪجھ ڏينهن هوٽل ۾ رهڻ ڪانپوء، هو اسان جي گهر ۾ اچي رهيا هئا. شيخ اياز ته سارو وقت لکڻ، پڙهڻ ۾ ۽ ملاقاتين سان ملڻ ۾ مشغول هوندو هو ۽ زرينا، گهر جي ڀاتين سان ڳالهيون ڪندي هئي، منهنجي پوٽين سان رهاڻيون ڪندي مؤج محسوس ڪندي هئي ۽ ڏينهن ۾ پنج پيرا نماز به ادا ڪندي هئي.

جڏهن واپس ڪراچي وڃڻ جو وقت ٿيو، هوء هرروز الاجي ڇا ڇا خريد ڪري ايندي هئي. پنهنجي نڪ لاء سچو هيرو به نند جويري کان خريد ڪري آئي هئي. جو ادو نند هيرن جي ئي واپار ۾ آهي، سنڌي ۾ لکڻ هن جو شونق آهي ۽ ڪنهن به وشيه تي هو بي ڌڙڪ تي اپياس ڪندو آهي.

هڪ سانجهيء جو، جيئن ڀاڀي زرينا پنهنجي ڪيل خريداري کي جاچي رهي هئي ۽ ساري سامان بئگ ۾ وجهندي ٿي وئي ته اچانڪ محسوس ڪيائين ته سندس ورتل اهو نڪ جو سچو هيرو نه پي لڌس. هوء ڪلاڪ کن ته پريشان ٿي وئي، سڀ ڪجھ هيٺ مٿي ٿي ڪيائين، اسان سيني کان پڇا به ڪيائين پر اسان ڪيس الڳ ڪمرو ڏئي ڇڏيو هو ۽ وري ان ڏينهن رات جي ماني ادي نند جويري جي گهر به هئي،

راڻيپور به لنگهي، سپر هاءِ وي تي اچي پهتاسي. ڊرائيوَر موٽر جي مٿان پوليس جي بلو بتي هٽي ڇڏي هئي، جيئن ڪوبه ڪٿي ڪار کي نه روڪي يا آمدرفت اٽڪيل هجي ته به اسانجي ڪار کي وڃڻ ڏنو وڃي.

اچانڪ سي.ڊي جو بٽڻ سخي سائين دٻايو ۽ هلندي ڪار ۾ سنڌي ڪلام جو آواز آيو ۽ خاموشي ٽٽي ۽ پوءِ ئي سڀن ڳالهائڻ شروع ڪيو.

حيدرآباد ايندي، رستي تي ڪنڊيارو، نوابشاهه آيا ۽ ۱۱ بجي اچي اسين شاهه صاحب جي ڀٽ تي پهتاسين. ٻاهرين دروازي تي ڪي شاهه صاحب جا بيت لکيل هئا

۱. وڃين ڇو وڻڪار،

هت نه ڳولين هوت کي، لکو ڪين لطيف چوي، ٻاروچو ٻيءَ پار،

تنهنُ ستي ٻڌ سندرو، پرت پنهل سين پار،

نائين نيڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو.“

۲. ڇڱن سان ڇڱايون، ائين هرڪو هوءِ،

تو جئن ڪري نه ڪو، ٻڇن سان ڀلايون،

تيون مان سمجهان ٿي، هينيون بيت هو

”پريان سندي پار جي، مڙيئي مٺائي،

ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.“

شاهه جي ڀٽ جي ٻاهران وڏي بازار نهيل آهي. گلاب جي گلن جون لڙهيون، گلن جون پنکڙيون، قسمن قسمن جون شيون رکيل هيون ۽ رستي جي ٻنهي پاسي فقير ئي فقير.

اندر وڏي دروازي ۾ جئن گهڙي رهيا هئاسون ته هڪ فقير چيو، ’ابا! هڪ سؤ رپيا ته گهٽ ۾ گهٽ ڏيو؟ شاهه جي ڀٽ جو ديدار ڪندي، ان سنڌ جي سرمور شاعر کان دعا گهربسين.‘

سچل سرمست جي درگاهه تي ائين فقير نه هئا. اُنان تي ڳوليندا ڳوليندا، پهچا ڪندا اچي سنڌ جي، وڏي شاعر ۽ دوست

حيدرآباد ڏانهن...

اتان ئي موبائيل تي، سنڌالاجي، جتي شيخ صاحب، ڪي صبح جو ١١ يا ١١-٣٠ پهچڻ جي اُميد ڏيکاري هئسين. هڪ هڪ ڪلوميٽر طئہ ڪندا فون تي ٻڌائيندا ٿي رهياسين.

سنڌ جو سياڻو بزرگہ جناب ابراهيم جويو صاحب، سنڌي لئنگيوج اٿارٽي اداري ۾ اچي انتظار ۾ ويٺو هو، خراب ٻہ ڏاڍو ٿي لڳو، جو اسان لاءِ ترسيو ويٺو هجي ۽ اتي اسين وقت سر پهچي نہ سگهياسين.

پهرين پهرين سنڌي لئنگويج اٿارٽي جوئي ادارو تي آيو جو هاءِ وي جي ويجهو آهي. اسان موبائيل تي فون ڪيوسين تہ ١٥ منٽن ۾ اتي پهچي ويندا سين. ان اداري جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر الانا صاحب، اداري جو سيڪريٽري جناب تاج جويو صاحب، سچل سرمست درگاه جو چيف خليفو ۽ ڪيترائي ٻيا، اتي جا عهديدار فوٽوگرافر سميت، اسان جي آجيان لاءِ، اداري جي وڏي گيٽ وٽ بيٺا هئا.

سيني سان ڀاڪر پائي گڏياسين. جهجها قرب هنن جا ڊاڪٽر الانا صاحب، تمام وڏو اديب آهي، جنهن جي جهلڪ اسان سندس ممبئي ۾ پڙهيل مقالي مان پائي چڪا هئاسون ۽ نہ صرف ايترو پر هو صاحب ممبئي مان پوني، پنهنجي جمايت جي هڪ پروگرام ۾ آيل هو. پوءِ آرتوار ڏينهن اسان وٽ سيتا سنڌو ڀون ۾، هر پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ سنڌي ڪلچرل پروگرام رکيل هو ۽ منهنجي ڪوٽ تي، ڪيس تڪليف ٿيڻ جي باوجود، وقت سر اتي اچي پهتو هو ۽ پنج سؤ سنڌي سنگت جي اڳيان هن ڪلي دل سان اعلان ڪيو تہ جيڪڏهن صرف ٻہ ڇڻا ٻہ سنڌي ڪٽي گڏجن ٿا تہ اها ٻولي ڪڏهن ٻہ مري نہ سگهندي. هن ادي جو شال پائي ۽ گلدستو پيٽ ڪندي تاڙين جي ٺهڪن سان سنمان ڪيو ويو هو.

پريشاني ۾ هوءَ اتي نہ هلي ۽ پنهنجو هيرو ڳولهڻ ۾ پوري هئي. اسان بہ پريشان هئاسون، هڪ تہ اجايو نقصان ۽ وري بيو اسان جي گهر ۾ گم ٿيو هوس. متهنجي نونهن تہ اجان بہ ان ڳالھ کي ياد ڪندي گهبرائجي ويندي آهي.

اسين جويري جي گهر پهتا ئي هئاسون تہ اسان جي نونهن سونيا جو فون آيو تہ پاپي زرينا کي، اهو هيرو سندس ئي پرس جي اندرين کيسي مان لڌو هو. اسان گويا سامت جو ساھ کنيو.

شيخ اياز وري سنڌي، انگريزي ڪتابن جا کوکا پرائي سنڌ وچڻ لاءِ کنيا هئا، هن کي پڙهڻ جو غضب جو شونق هو. پرسرام ضيا صاحب جو هڪ بند ياد آيو:

ضيا هيءَ واقعو اهڙو، جو مون روئي لکيو آهي،
اسين نہ تہ کين کي آهيون روئي لکڻ وارا.

آهي، سنڌي خدا وادي اڪر، پراڻنات جي سنڌي واٽي ٻه جو ديوناگري سنڌي ۾ عڪس (جو شري جهمو ڇڳاڻي، جي لکيل ڪتاب تان ڪنيو ويو آهي، قاضي قادن جي سنڌي واٽي (اهو شري هيرو ٺڪر جي ڳولها جو نتيجو آهي)، ساميءَ جا سلوڪ گرمکي سنڌي ۾، شاه جي رسالي جو پهريون صفحو، عربي سنڌي لپيءَ جا نمونا، موهن جي دڙي مان نڪتل مهر، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي.

سنڌي ٻولي، موهن جي دڙي کان وٺي اڄ تائين لپيءَ واري ارتقا جي اوسر جو نقشو.

هڪ ڪمري ۾ لڳ ڀڳ ١٠٠ سالن کان نڪرندڙ اخبارون سوڌي نموني رکيل هيون. جن کي ڏسندي حيرت وٺي وئي ڪيئن نه اداري ڳولهي، ڇونڊي سنڀالي رکيون آهن.

ان بعد ڪتابن جي دنيا ۾ وٺي آيا، ڊسپلي اسٽينڊ تي جيڪي ڪتاب رکيل هئا، اهي ته سڀ جا سڀ چورائڻ لائق هئا. گڏوگڏ رينفرنس ۽ انفارميشن سينٽر ۾، جتي جناب لطيف شناسي، سچل شناسي، سامي شناسي، جي ايم سيد شناسي، قليچ شناسي ۽ ٻين علمي ادبي شخصيتن بابت گڏ ٿيل مواد، سنڌي ٻولي ۽ اسڪرپٽ بابت قديم دستاويز هئا، دل خوش ٿي وئي.

انگريزي ۾ ته سائنس تي ڪي ئي ڪتاب ڏٺل آهن پر عجب لڳو جڏهن هن اداري ۾ سنڌيءَ ۾ به سائنس تي ڪيترو مواد موجود هو، ان ڊپارٽمينٽ جي انچارج محترم خير محمد بلوچ، هڪ هڪ ڪتاب ڏيکاريندي، هيڏي وڏي ڪم لاءِ ساراه لهڻي.

سنڌي ٻوليءَ، صورتخطي، لپيءَ، لغات، تحقيقات، سائنس، سنڌو درياه، قانون قاعدو، ۽ ٻين سنڌي ٻوليءَ جي سکيا بابت هن اداري ڇاپان، اٽڪل ٦٢ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، اهو

حيدرآباد ۾ اچي وٽس رهون، اهڙو اِي ميل هنن وٽان برابر پهتل هو، هوڏانهن ادي ابراهيم جويو به ساڳئي نموني اچڻ جي نيند ڏني هئي ۽ ادي مهتاب محبوب به نڪاڻو وٽس ئي ڪرڻو آهي، اهڙي حجت E-mail ۾ ڏيکاري هئي. ۽ سچ پچ اسان چاهيو ٿي ته اسين وٽن ئي رهون. ان سواءِ جيجي زرينا بلوچ، گل ٽالپر، بيگم زرداري، پاءُ وليرام ولڀ، نور دين شاه ۽ ڪيترن ٻين سان ملاقات ڪرڻ جي لسٽ ڪنئي هئي. پر اُن ساڳئي ڏينهن شام تائين ڪراچيءَ اسرڻو هو، جو ويزا ٿي پوري ٿي. ان ڪري لسٽ ائين ئي بند رهي.

اسان کي وڏي عزت سان اداري جي بلڊنگ اندر وٺي هليا ۽ پهرين ناشتي چانهه جو بندوبست رکيل هو، بڪ به ڏاڍي لڳي هئي، وري جو سامهون ٽيبل تي، ڪيڪ، بسڪوٽ ۽ سنڌي سنها پڪوڙا رکيائون.بڪ ئي ڇڙي پئي.

ادو تاج جويو صاحب، نالي ڪان ته واقف هو، سندس ممبئي ۾ Fax به آئي هئي، سندن اداري ۾ اچڻ لاءِ ڪوٺ ڏني هئائون. ڪجهه سال اڳ هو صاحب چون پيا انڊيا ۾ آيو هو پر جن وٽ آيو هو، انهن اسان تائين نه پهچايو هوس.

ورنه حقيقت اها آهي جو به اديب يا ادب جو گهڻ گهرو بمبئي ۾ اچي، اسان وٽ ضرور حاضري ڀريندو آهي يا اسين وٽس پهچي ويندا آهيون.

ڊاڪٽر الانا ۽ جويو صاحب جي اڳواڻي هيٺ، سنڌي لئنگيوج اٿارٽي اداري جي هر ڪمرو ڏسڻ لاءِ وٺاسين. پهرين وڏي هال جي ٻاهران سنڌي ٻوليءَ جي لکت جي اوسر جا مختلف لپين ۾، ڪاشيءَ تي ٺهيل رنگين پئنل ڏناسين. موهن جي دڙي جي لپي، گرنار مان لڌل پراڪرت ٻولي، ٻهاولپور مان لڌل خروشتي خط، براهميءَ مان ديوناگري لپي جي اوسر، پنڀور مان لڌل نڪريون، جن تي ديوناگري ۾ سنڌي لکيل

تيار آهي پر اسان اوهان جي اچڻ لاءِ رکيا ويٺا آهيون، ان جي سنڌي ۾ e-mail ڪرڻ جو مهورت ناڪر چاولا کان ڪرائڻو آهي. اتي جي اسٽاف حسين ميمڻ- سخاوت علي جتوئي، ظفر ملڪاڻي ۽ رسداللھ پٽي ڪمپيوٽر آپريٽر ۽ ڪمپيوٽر پروگرامر مس انيس ڪاڪا سان واقفيت ڪرائي ۽ سچ پچ مون کان ئي ڪمپوٽر جي ڪي دٻائي مهورت ڪرايو تاڙيون وڄائينديءَ ۽ مون سخي سائين کي عرض ڪيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ مالڪ کان دعا گهرن.

آخر ۾ اداري جي ڪتاب گهر ۾ آندو ويو ۽ ڍير ٻي بها ڪتاب سوکڙي طور ڏنائون، جن کي اجان بہ هڪ هڪ ڪري ڏسي وري پڙهڻ لاءِ پاسيرو ڪري رکان پيو.

سين جا شڪرانا مڃي، اداري جي شاندار بلڊنگ کان ٻاهر نڪتاسين تہ خادم شيخ چيو ’جناب حميد سنڌي اوهان جي انتظار ۾ ويٺو آهي، سندس بنگلو پرسان ئي آهي.‘ اسان منجهي پياسين، سنڌالاجي جي پهچڻ ۾ اڳہ ئي دير ٿي وئي هئي. پر هيڏي وڏي ڪهاڻيڪار وٽ نہ وڃڻ بہ نہ پي وڻيو. چيوسين تہ پنج منٽ هن وٽ حاضري ڀري، اتان ئي سڌو ڀرين سنڌالاجي هلنداسين.

سچ پچ جلد ئي سندس بنگلي تي پهچي وياسون. هن جي شان ۾ هري موٽواڻي ’ڪونج‘ جو خاص پرچو ڪڍيو هو. جنهن جو مهورت بہ مون کان ڪرايو ويو هو، ان ڪري هن ادي وٽ اهي فوٽا ڀهتل هئا، نالي کان تہ اڳہ ئي ڪي قدر واقف هوس. وري سخي سائين سان بہ شاھ عبدل لطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ گڏ هئا ان ڪري باقي بہ ماني کائڻ لاءِ زور ڀريائون. ٿوري ئي وقت ۾ ڪيتريون ئي ڀاڄيون تيار ٿي ويون ۽ اسان سين کي هٿ کان پڪڙي ٽيبل تي ماني کائڻ لاءِ وهاريو ويو.

اسان کي محترم امين لغاريءَ ڊائريڪٽر بيورو آف پبليڪشن ۽ پراڊڪشن ڏيکاريو.

وري اسان سيني کي 'اينسائيڪلو پيڊيا سيل' ۾ آندو ويو، جتي الف کان پي اکر تائين اٽڪل ١٠٠٠ صفحن جو مواد ڇپجي چڪو هو، هڪ اديءَ موقعو ڏسي پي جا ڪجھ صفحا ڪڍي آيو ۽ اچي ڇپائين 'سائين هي ڏسو پارو ڇاولا جو نالو ڪمپوز الڳ ٿي چڪو آهي ۽ اسان وٽ سخي سائين جو ۽ ناڪر ڇاولا جو بائيو ڊيٽا ڪانهي، هي فارم ڀري ڏيو.'

ڪنن سان ٻڌجي، ان کان وڌيڪ اکين سان ڏسندي، پڪ ٿئي ٿي.

ڊاڪٽر الانا صاحب ۽ آڊيو ويوئل سيڪشن، جي آفيسر ڪاشف قاضيءَ، اهي ڪمرا ڏيکاريا، جنهن ۾ گهرجندڙ مشينيون جلدئي لڳڻ واريون هيون، ۽ نون ۽ جهونن سنڌي آوازن کي بند ڪري سنڀاليو ويندو ۽ ان رڪارڊنگ کي عوام اڳيان، آڊيو، ويڊيو ۽ سي. ڊي معرفت جلد، آندو به ويندو. اها به هن اداري جي هڪ وڏي شيوا ٿيندي.

اداري جي هڪ اها به ڏيکاري وئي، جنهن تي هنن نالو رکيو آهي 'مشاهير گئلري' ان ۾ سوين سنڌي (سنڌ ۽ هند) جي اديبن جون تصويرون، فهرست نموني ٽاهي لڳايون آهن. ڪاش هت هند ۾ به ڪو ادارو، بنان ڪنهن پاسخاطري جي ان نموني ٽاهي لڳائي.

ان ڪانپوءِ اسان کي ڏيکاريو ويو، جنهن مون کان نه وسري ڪيڏائي ڇڏيو، جو 'سنڌي انفرميٽڪس' شعبو ڪمپيوٽر ليباريٽري گهمائڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر الانا ۽ ادي تاج جويو ٻڌايو ته اسان سنڌيءَ ۾ e-mail ڪرڻ جو هن شعبي ۾ پينٽيم ٿري ڪمپيوٽر تي، ايجاد ڪيو آهي ۽ هڪ هفتي کان اهو

جهڙو تهڙو بند ٿي ٿي ويو هو پر اسان لاءِ صبح کان وٺي سنڌ جو ڏاهو جناب ابراهيم جويو صاحب انتظار ۾ ويٺو هو.

ڀاڪر پائي جويو صاحب گڏيو، هو صاحب ڪنهن دوست جي سڏ تي، سندس پٽا کي لکيل ڪتابن کي ڏسي جاچي چپائڻ لاءِ ممبئي ۾ ڪجھ سال اڳ آيو هو. هفتو کن هو صاحب هنن جي گهر ۾ هو ساڻس گڏجڻ اسين وٽس ويا هئاسون. اچانڪ هڪ سنڌي فنڪشن تي وري ساڻس ملاقات ٿي ۽ پاسيرو ٿي چيائين، ’ادا مان سڀاڻي کان تو وٽ اچي رهڻ ٿو چاهيان.‘ مون هڙهڙي بزرگ ماڻهو ۽ اديب کان ڪوبہ سوال نہ پڇيو ۽ هو ادو منهنجي ئي گهر ۾ مهينو کن رهيل هو، ان ڪري هو اسان جي گهر جو ڀاتي بڻجي پيو.

اسان جي لاءِ سنڌي ادبي بورڊ، ڪولي رکيو ويو هو. چانهہ بسڪيٽ جو بندوبست ڪري چڏيو هئائون ۽ اتي ان اداري ۾ ئي جناب غلام رباني آگرو، جو پڻ اڳ ئي سکي سائينءَ جو واقف هو پوءِ تہ سنڌن، يونيورسٽيءَ بابت خوب ڳالهيون ٿيون. اداري پاران ڇپيل ڪتاب ڏيکاريائون. ناياب ڪتاب هئا. ڪي تہ ڪتاب ڏسندي اکيون چمڪي پي پيون. چيائين ڪائونٽر تي جيڪي ڪتاب رکيل آهن، انهن مان جيڪي اسان کي وڻن سي کڻون، اها وڏي لالچ هئي، خاص ڪري انهن لاءِ جيڪي ڪتابن جا چاهڪ آهن، پهرين پهرين پارو ’ڳيچ‘ لاڏن جو ڪتاب جهپ پائي کنيو.

اتي ئي اچانڪ سادا پنج ڪيئن ٿي ويا. سڄا سارا بہ ڪلاڪ گذري ويا. هن اداري وٽان بہ خاص خاص ڪتاب ٿيلهيون ڀري ڏنائون. سنڌن وڏي مهرباني مڃي، ڪراچي طرف اسرياسين ۽ حيدرآباد ۾ رهندڙ ڪيترائي دوست، گهڻ گهرا گڏجڻ کان رهجي ويا.

’سائين! اديءَ مهتاب محبوب جي فرزند لاءِ ڪجھ سنڌي اخبار ۾ پڙهيو هيم. اسان کي ته هن سان ضرور ڳڌجڻو آهي.‘

’سندس گهر ۾ هينئر ته ڪو ڪونهي، شايد اسپتال ۾ آهن.‘ مون چيو. ادي حميد سنڌيءَ پڌايو ۽ ائين هن اديءَ سان ڳڌجي نه سگهياسين. هو به پيرا ته پڪ ممبئي ۾ آئي آهي ۽ اسان وٽ سيتا سنڌو پون ۾ دادا رام پنجواڻي هوندي آئي هئي ۽ ٻيو پيرو ادي گوبند پنجابي جي گهر ۾ ۽ ٽيون دفعو ريڊيو ڪلب ۾. اتڪل ٽي ٻجي اسين سنڌالاجي جي ٻاهران پهتاسين. سنڌالاجي بند پئي هئي. ان جو ڊائريڪٽر جناب شوڪت شورو، اسان لاءِ نئون نه هو، سندس به ڪهاڻيون ’سپون‘ ۾ ڇپجي چڪيون هيون ۽ هڪ پيرو ممبئي مان به ٽي ويو آهي، هو به دادا رام پنجواڻي سان ملاقات ڪرڻ آيو هو، جتي اسين به هئاسون.

سنڌالاجي جون سرگرميون ويڊيو تي ته ڏسي چڪا هئاسون، اڳئين ڊائريڪٽر جوڻيجو صاحب ته خطن ۾ ان جو احوال به ڏيندا هئا. پر سامهون ديدار ڪرڻ ٻي ڳالھ آهي، پر هن صرف هڪ هال جي چاٻي گهرائڻ جو بندوبست ڪيو. اُهي ميوزم جون شيون ڏسي، ۽ سندس ۽ به مهنا اڳ جيڪو ڊائريڪٽر هو شيخ صاحب، هنن جي مجبوري ڏسي ڪڻي چپ ڪئيسين. شوري صاحب سوڪڙي تور، سنڌالاجي جا خاص خاص ڪتابن جو بنڊل، سٺي نموني بند ڪرائي رکيو هو. اهي وٺي سندس مهرباني مڃي. اتي ادي وليرام ولڀ سان به ملاقات ٿي نه سگهي، جنهن سان به ڳڏجڻ جي ڏاڍي تمنا هئي.

سنڌي ادبي بورڊ ڏانهن جلد جلد وڌياسين، ان ڊپ ۾ ته متان اهو ادارو به بند نه ٿي وڃي. حقيقت ۾ اهو به

آئي. هن به ٻڌايو ته هن پنهنجي ڌيءَ جو نالو شڪنتلا رکيو آهي، اسان سندس نالو ضرور پڇيو هوندو، پر ياد نٿو اچي. بيهڪ به خوبصورت ۽ ڏکي قداور ڇيائين جڏهن هوءَ شادي ڪري آئي، تڏهن ڪجھ به پڙهيل نه هئي، يا نه جهڙو پڙهيل هئي پر پوءِ سندس گهوٽ، جناب رکيل مورائي کيس پڙهڻ ۾ مدد ڪئي ۽ هاڻ گهر جي لئبرري، جنهن ۾ اسان جا ڪتاب به موجود آهن، پاڻ سنڀاليندي آهي، ان ايمانداري سان قبول ڪرڻ لاءِ مون ته کيس شاباس ڏني ۽ ڪڏهن ممبئي گهمڻ لاءِ هلي اچڻ لاءِ نينڊ ڏني.

اسان سين گڏ نيرڻ ڪئي. اسان جو ادو گنگواڻي صاحب اسان جي ڪنهن به مهمان کي ائين وڃڻ نه ڏيندو هو. اهي سڄڻ ويا مس ته ادو تاجل بيوس اچي پهتو. جنهن ٻڌايو ته ان ڏينهن ئي شام جو سگا جي هال، صدر ۾، سنڌي ادبي سنگت پاران، اديبن جي گڏجاڻي رکي وئي آهي، جتي شري گوبند مالهي کي شرڌانجلي ڏني ويندي ۽ گڏوگڏ سين ڪراچيءَ ۾ رهندڙ اديبن، شاعرن سان اسان جي ملاقات رکي ويئي هئي. وڌيڪ ٻڌايو ويو ته مون کي ان پروگرام ۾ صدارت ڪرڻي هئي ۽ مون کي ئي مکيه مهمان ٿي ڪرسي تي ويهڻو هو. اهڙي پريس ۾ پڌرائي به اچي وئي آهي. اتي ئي سنڌي ادبي سنگت جي ڪراچي شاخ پاران فون آيو ۽ تاجل جي ڳالهه جي تائيد ڪئي ۽ اسان جي درازا مان واپس اچڻ جي انتظار ۾ وينا هئا. ’ها‘ ئي چوڻي پئي هنن جي سڪ ۽ محبت جو ڇا بيان ڪجي!

فون تي ڳالهائي واپس آيس ته تاجل بيوس سنڌ جي رنگارنگي رلي کڻي آيو هو، جيڪا سندس بيگم ڏاڍي محنت ڪري ٺاهي هئي.

ڪراچي ڏانهن واپس....

ڪراچيءَ جي ويجهو پهچندي، منهنجو من وري واپس راڌيپور وڃڻ لاءِ آتو ٿيڻ لڳو. پر هيءَ اندر ۾ اٿندڙ اُٿل هئي. ٻاهران ته خاموش رهڻو هو.

اتي ئي وري سوچڻ لڳس، الاجي سنڌ جي ويزا ملڻ جي خوشيءَ ۾، اسان شڪارپور، لاڙڪاڻو، جهوڪ شريف موهن جو دڙو ڏسڻ لاءِ ويزا چونه گهري! هاڻ وري الاجي سنڌ اچي سگهبو يا نه ۽ جي اچبو به ته ڪڏهن!

ايتري ۾ دادا گنگواڻي جي ڪلفٽن واري گهر هيٺان اچي ڪار بيٺي. سڀ ٿڪل هئاسون. سخي سائين به مٿي آيا، چانهه جو ڪوپ پي، ٿڪ لاهي پوءِ، شري گابا، سندن ٻيو مريد آهي، وٽ وڃڻا هئا، هن ادي سندن لاءِ خاص ڪمرو ٺاهي رکي ڇڏيو آهي، جڏهن به هو ڪراچي ايندا آهن، گهڻو ڪري اتي اچي رهندا آهن.

ان رات جو ئي ادي فهيمدا حسين، پنهنجي ٻن ڌيئرن سان گڏ، اسان سان ملڻ آئي، ممبئي کان موٽڻ کان ٿورو ئي پوءِ سندس گهر ۾ ڪي ڌاڙيل اچي، انهن ٻنهي ڌيئرن لاءِ ٺهرايل ڏاجو ۽ روڪ لٽي ڪٽي ويا هئا. انهن مان هڪ جو نالو رکيو اٿائين سنيتا ۽ ٻيءَ جو آروڻا. مون کي ته اعتبار ئي نه ٿي آيو ته جنتي ڳالهائڻ جي به اهڙي آزادي ڪانهي، اتي اهڙا نالا کليو رکڻ وڏي همت جو ڪم چئبو. مون ته ڪيس ائين به چيو، جي هي ٻئي ڇوڪريون، اسان وٽ ممبئي ۾ هجن ته ڪوبه نه سڃاڻي سگهندو، ته هي ڪو پاڪستان مان آيون آهن.

اهڙي همت واري هڪ ٻي به شريمتي رکيل مورائي، خاص گڏجڻ آئي ۽ گڏ ويهي فوٽو ڪڍائڻ جي تمنا ڪٽي

پارڪ ڪرڻ لاءِ ويو، تہ پريان ئي ڪاري صدريءَ ۾ جناب ال حيدري ايندو ڏٺم، چيائين، ’مان اوهان لاءِ لفٽ وٺ ترسيو بيٺو هوس، پاڪر پايو، منهنجي هيئنر رڪارڊنگ پاڪستان ريڊيو تي آهي، ان ڪري مجبورن وڃڻو ٿو پوي. مان سندس انتظار ڪرڻ لاءِ شڪرانا مڃيا. ايتري ۾ تاجل اچي ويو، اسين مٿي وياسون.

هال ۾ گھڻيئي اديب دوست پهچي چڪا هئا. منچ جي پنيان مالهي صاحب کي شرڌانجلي ڏيڻ لاءِ بئنر لڳل هو ۽ بئي بئنر تي اسان جي آجيان لاءِ پليڪار لکيل هئي.

منچ تي بروهي صاحب، جنهن جي هرهڪ گفتي ۾ معنيٰ پريل هوندي آهي، جناب آغا سليم، ڪهاڻيڪار جو اسان وٽان ممبئي ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ جي سڏ تي آيل هو ۽ ڪهاڻي جي اوسر ۾ مقالو پڙهي ويو هو ۽ گڏوگڏ سيتا سنڌو پون ۾ بہ سندس سنمان ڪيو ويو هو.

تاجل بيوس، سنڌ جو وڏو شاعر، سنڌي لئنگيوج اٿارٽي جو سيڪريٽري جناب تاج جويو سان گڏ بہ بيون بہ ڪرسيون پيل هيون، جن تي مون کي ۽ پارو کي وهڻ لاءِ چيو ويو، هال ۾ موجود ليکڪن، شاعرن، پريس جي نمائدن کي اُتي بيهڻ لاءِ عرض ڪيو ويو ۽ تاڙين جي ڦهڪن سان اسان جو آدر ڪري ڪرسين تي وهاريو ويو. مون کي اهي پل ياد اچي ويا جڏهن اسان هت ممبئي ۾ شاه سچل سامي، سيمينار تي سنڌ مان آيل مهمانن جناب شيخ اياز، بيگم زرينا اياز، جناب تاجل بيوس ۽ ... جناب طارق اشرف جو سين ادبي سنستائن پاران، دياونتي هال، ڪار ۾ سنمان ڪيو هو.

ان بعد سنڌ جي خوشبودار گلاب جي گلن جي ڪنڊين

ٻئي ڏينهن ئي اسان کي ڪراچيءَ کي الوداع ڪري بمبئي موٽڻو هو. ان ڪري پارو، ادي فهميده سان ڪجهه خريداري ڪرڻ لاءِ، وقت رکيو، جتان هو ٻئي سڳا جي هال ۾ اچڻيون هيون ۽ مان وري تاجل سان گڏ صدر ۾ وڃي آڊيو ڪئسٽ خريد ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو، جتان ٽئي اسين ٻه شام جو ڇهين بجه هال ۾ پهچي وياسين.

صدر جي بازار اڌ صدي اڳ ٻه ڏنل هئي، تڏهن اتي صرف وڏا وڏا دڪان هوندا هئا، جتي اچي ڪري شاهوڪار ئي اچي غاليچا ۽ لگزري سامان خريد ڪندا هئا. وڏن وڏن بنگلن ۾ ٽنگڻ جا شمعدان پتل جا رٿ ۽ گهوڙا ملندا هئا. جيڪي بنگلن جو سينگار هوندو هو. اتي اڄ ننڍا وڏا گهڻي ئي دڪان هئا. هڪ جوتن جو دڪان ٻاهران مان هڪ پناڻي سئنڊل کي ڏسي رهيو هوس، تاجل اندر دڪان ۾ ضد ڪري وٺي هليو ۽ ماپ جو ڪارو سئنڊل خريد ڪيوسين، پر اٺ سؤ رپيا تاجل ئي ڏنا. منهنجي ڪيتري چوڻ تي ٻه هن نه مڃيو. هڪ طرف سخي سائين ائمريڪن پيپر ڪلاٿ جون ٻه ڊريسون ٺهرائي ڏنيون. جن کي سبڻ لاءِ هن سکر مان خاص درزي درازن ۾ گهرايو هو ۽ منهنجي بدن جي ماپ وٺي، وري ڪپڙو وٺڻ لاءِ سکر موڪليو ۽ آخر درازن کي چڏڻ کان هڪ ڏينهن اڳ اهي ٻه ڊريسون سبجي آيون ته اهڙيون ٻاهر ڪنهن ٻه دڪان تي نه ٽي مليون جو انهن ڊريسن ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي نخري سان گهنج پيل آهن ۽ سچ نه انهن ڊريسن سان ٺهڪندڙ سئنڊل کي ئي مان اتي ڳولهي رهيو هوس. مٿان وري ادي هدايت بلوچ سنڌي زري واري ٽوپي سوکڙي ڏئي، دلهو بڻائي ڇڏيو هو.

سڳا جي هال طرف وڌي رهيا هئاسون. تاجل موٽر کي

رهيو آهي. هن جي ان پاءَ کي اسان خوب سارا هيو.

اسان جي اِجازت سان ناول جي سمراٽ گوبند مالهي صاحب کي ياد ڪندي، تاج جويو تاجل بيوس، اياز گل، علي احمد بروهي صاحب آغا سليم ۽ ڪن ٻين اديبن دوستن کي مالهي صاحب جي لکڻين بابت ٻڌايو. ڪنهن وقت جڏهن پهرين پهرين سنڌي ادبي سنگت ٺهي هئي، تڏهن ان جو پهريون سيڪريٽري گوبند مالهي ئي هو.

ڪراچي جهڙي شهر ۾ هيترا سارا اديب، شاعر هڪ هال ۾ اچي گڏجن، اهو ممبئي جيان هڪ وڏي سڦلتا چئجي.

دادا گنگواڻي صاحب، هونءَ ته اهڙي کهڙي ٻه محفل ۾ مشڪل پهچندو هوندو، سو ٻه اچي اتي پهتو. وقت ۽ موقعي کي خيال ۾ رکي منگي صاحب مائيڪ تي چيو ته ’هينئر انڊيا ۾ رهندڙ هڪ سچي سنڌڻ پارو چاولا کي مائيڪ تي آڻيون ٿا ته اوهان اڳيان سامي جي سلوڪن کي ترنم ۾ پيش ڪري.‘

پاروءَ کي ڪنهن ٻه ڪتاب کي ڏسڻ جي ضرورت نه هوندي آهي، سنڌي سلوڪ يا ڪلام، هن کي ايترا ياد آهن جو هڪ ڀيري ممبئي ۾ ڊاڪٽر جهالا اهڙي خواهش ڏيکاري هئي ته هن جي دماغ جي چڪاس ڪرائڻ گهرجي، ڇا ان ۾ ڪو ڪامپيوٽر ته نه ٺپيل آهي جو جيڪا ٻه ڳالهه، ڪنهن جي جنمدن جي تاريخ هوءَ هڪ ڀيرو ٻڌي ٿي ته اها هن جي دماغ ۾ گويا ڪامپيوٽر وانگر فيڊ ٿي وڃي ٿي، جنهنکي هوءَ ڪڏهن ٻه برابر ٻڌائي ٿي سگهي.

پارو سامي جي سلوڪ ٻڌائڻ شروع ڪيا ۽ ساٿ ساٿ سچل سرمست جي ڪلام جا بند، شاهه صاحب جا بيت اهڙي نموني ڳنڍيندي ٻڌايا جو سنڌ جي درويشن جي ٻاڻي جي

۾ سنڌ جي ثقافت جي ثابتي ڏيندڙ اجرڪن سان، اسان کي سينگاريو ويو ۽ ساڻ ساڻ جن جن اديب دوستن، ڪراچي ۾ ڇپجندڙ سنڌي مخزنن جي ايڊيٽرن، سنڌي، اردو، پريس جي نمائندن ۽ ڪن موسيقي سان محبت رکندڙن، پيار سان، قربن سان سوکڙيون آنديون هيون، انهن کي نالي سان، هڪ هڪ ڪري ڪوٺيو ويو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي، سوکڙين سان سارو ٽيبل پرجي ويو، خيرپور مان اسان ساڻ خاص گڏجڻ لاءِ ادو اياز گل صاحب آيل هو ڪيترن ئي نون نون شاعرن سان بہ ملاقات ٿي. اتي ويٺلن مان ڪن سڄڻن. خاص ڪري تبسم صاحب فون تي ماني کائڻ لاءِ نينڊ ڏني هئي، ۽ ساڻ ساڻ هن ٻڌايو تہ هن جو موسيقي ڏانهن بہ لاڙو آهي، ان ڪري ڳائڻ جي محفل بہ ٿيندي پر جيئن اسان کي ٻئي ڏينهن تي ويزا پوري ٿيڻ ڪري واپس موٽڻو هو، ان ڪري هن جي داعوت ۽ ادي فهميده حسين، ادي نور اُلدين سرڪي، هدايت بلوچ جي دعوت، ٻئي پيري اچڻ جي آسري ۾ حال روڪي رکي آيا آهيون ۽ سچل سرمست جي درگاہ جي ڊپوٽي خليفي جنهن ڪراچي ايئرپورٽ تي پهچڻ وقت درگاہ پاران گيرو رنگہ جي پاڪڙ پاتي هئي. ۽ ڪراچيءَ ۾ ٢٢ طعام ماني بہ نهرايا هئا، جي ڪي کائڻ اسان جي نصيب ۾ نہ هئا جو هن سمجهيو هو تہ اسين ڪراچيءَ ۾ آهيون ۽ صرف فون ڪري اسان کي گهرائي وٺندو. پر جيئن تہ اسان کي اهڙو اطلاح ڪٿي نہ ڏنل هو، ان ڪري اسان سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر هئاسون.

پروگرام کي اڳيان هلائيندي جناب بري مانگي صاحب، ساميءَ جي سلوڪن کي هڪ هڪ ڪري پئي پڙهيو. خبر پئي تہ هو صاحب ساميءَ جي سلوڪن تي ريسرچ ڪري

رتا، ڪن ڇوڪرين پنهنجي ئي ڪئميرا مان اسان سان
گڏ فوٽو به ڪڍايا. اسين انهن اديب دوستن جي محبت
۽ قرب کان خوب متاثر ٿياسون.

’شام‘ سنڌي ڊيلي جا اخبار حيدرآباد مان نڪرندي آهي،
ان جو ڪراچي ۾ نمائيندو. پتو صاحب اصل نه ڇڏيو، پرسان
ئي سندس گهر ۽ آفيس هئي ’ساٽس تبسم صاحب، تاج
جويو، اياز گل، گنگواٽي صاحب، رڪيل مورائي، تاجل بيوس
به گڏ هئا، اسان سڀني کي پنهنجي آفيس ۾ وٺي هليو.
چانهه ڪوپ پيئارڻ بعد پريس ڪانفرنس جهڙو ماحول ٺاهيو
ويو. ٽيپ رڪارڊ رکيا ويا، اتي ئي سوالن پڇڻ جو پئنل
ٺهي ويو ۽ سوالن جي بوڇار تيزي سان ايندي وئي، هنن
سان گڏ هڪ شخص به هو جو سنڌي نه هو پر وٽس پرائيويٽ
نيوز ايجنسي آهي، جا به ساڳي بلڊنگ ۾ آهي، هو صاحب
اٽڪل ۴۰ اخبارن کي ويندي ڊبئي تائين ڇپڻ لاءِ نيوز
موڪليندو آهي.

هنن جا سوال جيڪي راجنيتي هئا، انهن جو ته مون
ڪوبه سڌو جواب ئي نه ڏنو، جو مون ذهن ئي نٿي چاهيو.
اسين ته ٻن ديشن ۾ من محبت ۾ رهڻ وارن جي فائدي
۾ آهيون باقي سنڌي ڪلچر ۽ سنڌي ادب جي سوالن
جا جواب مون وٽ موجود هئا.

سندن سوالن جي جواب ۾ مون چيو اسان سنڌي صوفين
جيان طبيعت رکڻ وارن مان آهيون، اسين چاهيون ٿا ته
سنڌ ۽ هند مان ٻنهي طرفن کان اچ وڃ ٿئي، جئن اسين
ٻئي ڪنهن به ملڪ ۾ گهمڻ وڃون ٿا تئن سنڌ ۾ به
اچي سگهون.

اوهان به ڀارت ۾ گهمڻ اچو، سنڌ مان هند ۾ ۽ هند

مالها ٻڌجي پئي. خوب تاڙيون وڄائي سندس آدر ڪيو ويو.

بري مانگي صاحب، منهنجي ڪهاڻين بابت هڪ عجب نموني واقفيت ڏني، ’جڏهن، مون ٺاڪر چاولا جون ڪي ڪهاڻيون. تاجل بيوس ۽ رڪيل مورائي وٽان مليل ’سپون شادي جي پهرئين رات‘ ۽ ’اڄ جون ڪهاڻيون‘ ڪتابن مان پڙهيون، مون کي بلڪل الڳ نموني جون ننڍيون ڪهاڻيون لڳيون، ايتري قدر جو سندس لکيل هڪ ڪهاڻي ’سوشل ورڪر‘ مون الاجي گهڻا دفعا پڙهي آهي، بس مون پڪ ڪري ڇڏي هئي ته ان ڪهاڻيءَ جي ليکڪ کي مان ضرور ڳولهيندس، ۽ اڄ منهنجي اها آنڌ مانڌ پوري ٿي آهي.

مون کان پڇيو ويو، مون سنڌ ۾ اچي ڪيئن محسوس ڪيو آهي. مون چيو، ’جتي منهنجو جنم ٿيو، مان پڙهيس جتي مان نپيس جتي مون رانديون ڪيون، جن گهٽين مان منهنجون ڪهاڻيون نڪتيون، انهن کي ڏسڻ لاءِ مون اڌ صدي کان به وڌيڪ انتظار ڪيو. هر ٽن چئن سالن کانپوءِ مون هت اچڻ جي پئي ڪوشش ڪئي، آخر پاسپورٽ مان جرنلسٽ ۽ ليکڪ لفظ ڪٽائي ڇڏيم، نئون پاسپورٽ ٺهرايم. جنهن ۾ بزنس لکايم ۽ منهنجي هٿن جي ڪن لڪيرن ڪمال ڪري ڏيکاريو. جو مون کي اوهان سان گڏجڻ لاءِ پندرهن ڏينهن جي وي. آءِ. پي. ويزا ملي وئي. مان ڏاڍو خوش آهيان. ٻي ته هاڻ ڪا تمنا ئي ناهي.

يارت ۾ دال روٽي حاصل ڪرڻ کانپوءِ هاڻي گذريل. ويهن سالن کان سنڌي ادب ۽ سنڌي ڪلچرل جي اوسر لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهيا آهيو ۽ اسين ان ڪم ڪرڻ ۾ من جو سڪون پائي رهيا آهيون.‘

پروگرام پوري ٿيڻ کانپوءِ ڪيترن اسان کان آٽوگراف

بمبئي ڏانهن واپس....

صبح ساڻ چانهه پي، سامان کي ٺاهڻ کي لڳي وياسون.
يترا سارا ناياب ڪتاب سوکڙي طور مليا هئا، انهن مان
ڪي بہ ڇڏڻ نہ ٿي چاهياسين. ڪيترا ڪتاب ڪن دوستن
۽ بہ مليا هئا.

وڏا وڏا باڪس پرجي ويا. اڃان نيرن پئي ڪيسين تہ
دي فهميده حسين، پاڻ سان گهر مان دال پڪوان ناهي
ٽي آئي. هن کي خبر هئي تہ اسين سامان ٺاهڻ جي
جڪر ۾ ونس نہ پهچي سگهنداسين. هن جي سڪ سان
اهيل دال پڪوان اڃان بہ ياد آهن. ڪاش هڪ دفعو وري
چي ڪارائي!

ايتري ۾ سخي سائين جو فون آيو، آخر لنچ ڪراچي
ڪلب ۾ رکي وئي هئي. ڪراچي ڪلب کي ڏسي ممبئي
۾ وڏيون وڏيون ڪلبون اچي ياد پيون. لنچ تہ هڪ بهانو
هو. ڳالهيون ڪندي ڪندي چا پي ڪاڏوسين، سڏ ئي نہ
رهي جو ساڳئي ڏينهن واپس ممبئي اچڻو هو.

ساڍي ٽين بڄ گهر پهتاسين. جتي تاجل بيوس ۽ هدايت بلوچ
اڳہ ئي اچي انتظار ۾ ويٺا هئا، سخي سائين بہ مٽي هليو آيو،
جو هن کي اهڙن اديبن ۽ شاعرن سان رهاڻين ڪرڻ ۾ مزو ايندو
آهي.

بلوچ صاحب بہ ڪيتريون سوکڙيون کڻي آيو هو سندس
لکہ ٿورا.

ڪراچي ايئرپورٽ تي، گنگواڻي صاحب، تاجل بيوس ۽
رکيل موراڻي ڇڏڻ آيا. سخي سائين جي طبعيت ٺيڪ نہ
هئڻ ڪري، اسان ضد ڪئي تہ هو ايئرپورٽ تي نہ اچڻ
۽ ڊاڪٽر وٽ وڃي، دوا وٺن.

مان سنڌ ۾. ليڪن، شاعرن ۽ ڳايڪ ڪلاڪارن جي اچ وڃ ٿئي ڪيئن ٿي. سرحد جي لڪل اها ديوار ٽٽي سگهي ٿي. سنڌ جا ڳايڪ ڪلاڪار هند ۾ اچن ۽ هند جون ٽوليون سنڌ ۾ اچي سنڌي ڪلام ٻڌائين.

سنڌ ۾ ڇپجندڙ سنڌي مخزنون، ڀارت ۾ اچن ۽ هند ۾ ڇپجندڙ ڪتاب ۽ مخزنون ڪليو ڪلايو پوسٽ ذريعي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي موڪلي سگهجن ته جيڪر سنڌي پڙهڻ وارن جو تعداد وڌي وڃي ۽ هڪ ٻئي کي پڙهي سگهجي، اها صلاح ته هنن سڀن کي خوب وڻي پر ڪاش ائين ٿي به سگهي.

پاروءَ ڪان سنڌي سنگيت بابت ڪي سوال پڇيائون ۽ هن ٻڌاين اسين سنڌ کان دور هوندي به سنڌ ۾ ڳويا سنگيت معرفت سمايا پيا آهيون.

سين سان پاڪر پائي موڪلياسي تہ سهين پر ڪراچي
کي ڇڏڻ تي دل نہ پي ٿي!
تيئن اهو هدايت بلوچ وٽڻ آيو، ڇڏڻ بہ آيو. سامان يعني
ڪتابن جو وزن سٺ کن ڪلو وڏيڪ هو ۽ ايئرپورٽ تي
ان ڏينهن فوجي موجود هئا، مڙيوئي جيترا پئسا ڪيسن
۾ هئا، فريٽ پري، بلوچ صاحب ايئر ڪرافٽ تائين ساٿ
ڏنو، ۽ هوائي جهاز ممبئي طرف اُڏاڻو...

...اري سنڌڙي....



ساڄي کان: ۱. سخي سائين کي سچل درگاهه ڏانهن وٺي ويندي. ۲. سخي سائين مراقبي ۾. ۳. سنڌي لئنگويج اٿارٽي ۾ گهمندي، ڊاڪٽر الانا ۽ تاج جويو سان، ۴. تاجل بيوس جي شخصي لئبرريءَ ۾ سنڌ جا سهڻا شاعر، ۵. سچل جي ڳوٺ ڪراچي ۾ سنگيت محفل، ۶. ڪراچي ۾ ٺاڪر نواس، جنهن کي بدلائي اڏانا منزل ڪيو ويو آهي.